

# ڪميونسٽ تحريڪ

## ماضي - حاصل - مستقبل



ڪامريڊ واحد بخش بنگلاڻي

# ڪميونسٽ تحريڪ

## ماضي، حال ۽ مستقبل

ڪامريڊ واحد بخش بنگلاڻي

ڪميونسٽ پبليڪيشن
حيدرآباد

CamScanner

سيئي حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڪميونسٽ تحريڪ: ماضي - حال ۽ مستقبل
ليکڪ: ڪامريڊ واحد بخش بنگلاڻي
ڇاپو: پهريون، مارچ 2007ع
ڇپائيندڙ: ڪميونسٽ پبليڪيشن، حيدرآباد
ڇپيندڙ: سورج پرنٽرس، ربي چيمبر، سامهون چائنيز ريسٽورينٽ، حيدر چوڪ، حيدرآباد
ڪمپوزنگ: راڻو ميگهواڙ

قيمت: 100 روپيا

**Comunsit Tahreek: Mazee, Hall Ain Mustqibal**
Written by: Kamred Wahid Bux Banglani
Published by: Comunist Tahreek Publication
Printed by: Soorij Printers, Hyderabad, Sindh
Composing: Rano Meghwar
First Edition March 2007
Price Rs: 100

# انتساب

منهنجو هيءَ قلمي پورهيو اربيان تو ڪميونسٽ تحريڪ جي باني ڪامريڊ امام علي نازش جي نالي. جنهن جي زندگي ۽ جدوجهد پورهيت، هاري، شاگرد ۽ بين القوامي دانشور، سائنسي فلسفي جي هڪ عملي شڪل هئي. جنهن زندگي جا حسين ڏينهن ڪميونسٽ پارٽيءَ آف پاڪستان جي جنرل سيڪريٽري طور سرانجام ڏنا. جيڪو نيٺ 6 مارچ 1999ع تي جسماني طور تي اسان کان جدا ٿي ويو، پر هن جي شخصيت، عمل، ڪردار اسان جي ذهنن ۾ اڄ به پڙاڏي وانگر گونجي رهي آهي. هن کي 9 مارچ 1999ع تي سندس وصيعت مطابق شهيد نذير عباسيءَ جي پرسان سخي حسن قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

ڪامريڊ واحد بخش بنگلاڻي

امام علی نازش

پلک جھپکتے ہی بدلا گیا جہاں جاناں
نہ اب زمین ہی رہی وہ نہ آسمان جاناں

نہ جانے کتنے ہی طوفان سر اٹھا لیں گے
غریب شہر کی گر کھل گئی زبان جاناں

خزاں نہیں یہ قیامت کی خاک اڑتی ہے
ابھی تو رشک جناں تھا یہ گلستان جاناں

تغیرات زمان و مکاں ارے توبہ
جو کل یقین تھا آج ہو گیا گماں جاناں

چمن سنوارنے کے نام پر اجاڑ گئے
یہ نظم باغ ہے یا قہر باغباں جاناں

نہ وہ زمانہ رہا ہے نہ وہ مکاں جن میں
رہے تھے ہم کبھی خوش باش و شادماں جاناں

تباہیوں میں بھی رنگینیاں بکھیرے ہے
حیات پر تیرے ماتھے کی کہکشاں جاناں

لپک رہی ہیں میری روح کے اندھیروں میں
تیری نگاہ محبت کی بجلیاں جاناں

تیری تلاش میں دل اب بھی نا امید نہیں
نہیں نہیں! یہ نہیں سعئ رائیگاں جاناں

بکھر گئے ہیں اگر خواب کچھ تو رونا کیا
ہزار خواب نئے دل ہے گر جواں جاناں

تیرے جمال میرے عشق کو زوال نہیں
بنیں گے نسلوں کے ہونٹوں پہ داستان جاناں

(سوویت یونین اور سوشلسٹ بلاک کی تحلیل سے متاثر ہو کر لکھی گئی)

# ٻه اکر

مون هيءَ جيڪو ڪجهه لکيو آهي، اهو پنهنجي تجربي ۽ ڄاڻ سان لکيو آهي. نه ئي ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ۽ نه ئي ڪنهن کي ڏيکارڻ لاءِ. جيڪي ڪجهه اکين سان ڏٺو، سمجهيو ۽ تجربن مان سکيو آهي اهوئي لکيو آهي. پر ڪن دوستن، دانشورن، وڏيرن، جاگيردارن حڪومت ٽولو ناپسند به ڪندؤ جو جيڪو ڪجهه لکيو آهي سچ ۽ ايمانداريءَ سان لکيو آهي. شروع کان سياست ۾ اچڻ سان ست اٺ سال عوامي تحريڪ سان واڳيل رهيس. ان کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي ۾ جيڪو ڪجهه وس آهر ڪم ڪندو پيو اچان ان ڪري حڪومت ۽ وڏيرن جا ظلم سٺا آهن. مارائڻ جون ڌمڪيون، ۽ منهنجون چوريون ڪرايائون، زمين ۽ گهر تي قبضو، جهڳڙا فساد وغيره سڀ تفصيل اندر ڏنل آهن. 52-1954ع کان پارٽي اندر ٻيج ڊاهه شروع ٿي وئي. 71 ۾ سي. آر. اسلم عابد حسين منٽو مختلف گروپ اپريا. انهن پاڪستان سوشلسٽ پارٽي قائم ڪئي. ڪن مزدور - ڪسان پارٽي 87 ۾ اڪثريت - اقليت جي بنيادن تي پارٽي ٽوڙي وئي. 89 ۾ ڌڙابندي ۽ 90 ۾ دانشور ليڊرن فوجي ٽولي سان سمجهوتي بازي ڪري وڏو نقصان رسايو. پنهنجي ذاتي مفادن خاطر آخر ۾ رهيو کهيو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان 94-95 ۾ مزدور - ڪسان سان انضمام ٿيو.

ورڪر سياسي مونجهاري جو شڪار ٿيا. ڪن وڃي مسلم ليگ (ن) وسائي، ته ڪي وري قومپرست گروپن ۾ شامل ٿيا. ڪي پ پ پ ۾ ته ڪي ايم ڪيو ايم ۾ ڪي سياسي شعور رکندڙ ڪارڪن مختلف اين جي اوز ۾ فٽ ٿي ويا ۽ ڪجهه ڪامريڊن ذاتي مفادن خاطر صحافت جو سهارو ورتو. ڪافي دوست ٽڙي پکڙي مايوس ٿي وينا آهن. ڪنهن جو ڪنهن تي ڀروسو نٿو ٻيهي پر تاريخ بي رحم آهي، ضرور هڪ ڏينهن سيني کي هڪ هنڌ گڏ ڪندي.

بهرحال هن ڪتاب لکڻ لاءِ منهنجي ٻچڙن ڏيءَ زرقا ۽ پٽ حسن ناصر جنگي ۽ جمال ناصر همٿايو. جيڪو ڪتابي شڪل ۾ منهنجي محنت اوهان جي سامهون آهي.

ڪامريڊ واحد بخش بنگلاڻي

# (1)

1950ع واري ڏهاڪي ۾ منهنجو جنم هڪ مالوند ۽ ڪجهہ زمين رکندڙ جي گهر ۾ ٿيو. منهنجو والد پنهنجي علائقي ۾ خوشحال ۽ سکيو ستابو خانداني پسمنظر رکندڙ هو. منهنجي والد جون ٻہ شاديون ٿيل هيون. پهرين گهر واريءَ مان فقط هڪ پٽ هئس، گهر واري جي وفات کان پوءِ منهنجي والده سان شادي ڪيائين. منهنجي والده مان ڪيس ٻہ پٽ ۽ چار نياڻيون پيدا ٿيس. مان چوٿين نمبر تي هئس. پنهنجي والدين جو دادلو هئس، منهنجو ننڍپڻ پيار ۽ محبت سان گذريو. آءٌ ننڍي هوندي کان ذهين ۽ چالاڪ هئس. منهنجي والدين مون کي پهرين ڳوٺ جي مسجد ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ڏيارڻ لاءِ داخل ڪرايو. مان ڇهن مهينن اندر قرآن پاڪ ناظره پڙهي پورو ڪيو. مون کي سنڌي پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو، منهنجي والدين منهنجو شوق ڏسي مون کي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني. مان محنت ۽ شوق سان تعليم جي شروعات ڪئي. پهرئين درجي جي امتحان ۾ مون پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. منهنجا استاد منهنجي تعليم سان شوق ۽ ذهانت سبب مون کي پيار ڪرڻ لڳا. منهنجي ذهانت ۽ هوشياري ڏسي استادن ۽ تعلقي هيڊ ماستر وعدو ڪيو تہ تنهنجي آئنده پڙهائي جو خرچ ۽ انگريزي اسڪول جي داخلا جي في ۽ ڪتاب مفت ۾ ڏياريا ويندا. ۽ تنهنجي هر طرح جي همت افزائي ڪئي ويندي.

ڇهہ ماهي امتحان ۾ مون کي ٽئين درجي ۾ ويهاريو ويو ۽ منهنجو سڄو ڌيان پڙهائي ۾ رهيو. منهنجا وڏا ڀائر سارين جي فصل جي ڳاهن ۾ مصروف هئا انهيءَ ڪري سياري جي موڪلن ۾ مون کي مال چارڻ لاءِ موڪليو ويو. اڳ ۾ مون ڪڏهن بہ مال نہ چاريو هو. ڌنارن سان راند ڪندي جڏهن مال جي گهر موٽڻ جو وقت ٿيو تہ سيني ڌنارن پنهنجو پنهنجو مال ڪاهڻ شروع ڪيو پر منهنجو مال نظر ڪونہ آيو. مان پريشان ٿي گهر موٽي آيس. گهر ڏانهن ايندو ڏسي ڀائرن پيار مان چيو تہ ادا اڪيلو ٿو اچي شايد مال گم ڪري آيو

آهي اڳتي هلي گهر ڪيئن آباد ڪندو. سومهڻيءَ وقت منهنجي پيءُ منهنجو پاسو جهليندي چوي ته مان پنهنجو پٽ توهان جي ڏناري لاءِ ته پيدا ناهي ڪيو. ٻوٽيون ڪاٺو پنهنجي مال جون. بابا مون کي چوڻ لڳو ته پٽ مينهون گم ڪري آيو آهين ڇا؟ مان بابي کان ڏڃي نماڻائي سان ڪنڌ جهڪائيندي چيو ته ها بابا. پوءِ منهنجي والد مون کي گهوڙي تي پوئتي ويهاري پيار مان چوڻ لڳو ته پٽ ڳڻتي نه ڪر مال ڳولي لهنداسون. جيڪڏهن ڪنهن جي فصل ۾ پيو هوندو ته ڏڪ مان ڇڏائي ايندا سون. مان صبح جو جتي مال چاريو هو اتي بابي کي وٺي ويس، اتان بابي گهوڙي تي مال جا پيرا ڪڍندي وڃي هڪ زميندار جي ديري تي پهتاسون ته والد صاحب کي زميندار جو ڪراوو چوڻ لڳو ته توهان جو مال اڄ اسان جي فصل ۾ ڀيل ڪئي آهي، مال کي اسان ديري تي به ڪاهي آياسون پر ڪافي دير کان پوءِ به ڪير به مالڪ نه ڏيڻ ڪري مال ڏڪ ڏانهن موڪليوسين، گهوڙي کي تيز ڊوڙائيندو وڃ شايد ڏڪ کان پهرين مال کي پهچي وڃين. منهنجو والد گهوڙن جو شهسوار هو، سو گهوڙي کي تيز ڊوڙائيندو وڃي پهتو. ڪراوي کي دابو ڏيئي مينهون واپس ڪيائين ۽ مون کي گهوڙي تي گهر روانو ڪيائين. مون کي گهوڙي تي گهر ايندو ڏسي منهنجا يائر مون تي ڪلڻ لڳا. مان پنهنجي والد وانگر جذباتي هئس. ڪاوڙ مان يائرن کي چوڻ لڳس ته مان توهان جو ڏنار يا نوڪر ناهيان. مان توهان جون مينهون ڪونه چاريندس. مان پڙهندس. منهنجي والده به منهنجو پاسو جهليو ته منهنجن وڏن يائرن خاموشي اختيار ڪئي. مان صبح جو ڪتاب ڪڻي اسڪول روانو ٿيس. ساليانين امتحان ۾ مان سڄي اسڪول مان پهريون نمبر آيس. ٽئين ۽ چوٿين درجي بنهي ۾ مان پهريون نمبر آيس. انهيءَ دوران منهنجو سڳو ياءُ زمين تي ڪم ڪنديَ دل جي دوري پوڻ سبب اچانڪ وفات ڪري ويو. مان مسجد ۾ قرآن پاڪ جو دور ڪري رهيو هئس ته مون کي ياءُ جي وفات جي خبر ٻڌائي وئي. استاد چيو ته قرآن شريف نيي رک. مان پڄندو وڃي ياءُ جي لاش کي چمبڙي زاروزار روئڻ لڳس ۽ اوچتي موت کي پٽون پاراتا ڏيڻ لڳس. سڄو ڳوٺ اوچتي موت تي گڏ ٿي ويو. منهنجي امڙ بيءُ پٽ جي لاش کي ڏسي حال کان بيحال ٿي ويا. نوجوان شادي شده ڳيرو بي اولاد منهنجو ياءُ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. ياءُ جي اوچتي وفات منهنجي چيلهه ڇبي ڪري ڇڏي. منهنجا ڏکيا ڏينهن شروع ٿيا. جو ته منهنجو وڏو

مائٽيلو ڀاءُ منهنجي يادگيري کان ٻه ڀيرين اسان کان جدا ٿيو. منهنجي ڀاءُ جي وفات کان پوءِ منهنجي شادي طيءِ ٿي. ننڍي عمر ۾ تقريبن 14-15 سالن جي عمر ۾ منهنجي شادي سئوٽ جي ڌيءَ سان قبائلي ريتن رسمن مطابق ننڍپڻ ۾ مڱڻو ڪري ڇڏيائون. منهنجي مڱڻيدي عمر ۾ مون کان ٻه ٽي سال وڏي هئي. منهنجي شادي جي تاريخ طيءِ ڪري شادي وڏي ڌام ڌوم سان ڪئي ويئي. منهنجي والد صاحب منهنجي شاديءَ ۾ راڳيندڙن جي محفل ٻه گهرائي. سڄي رات خوشين جي محفل هلندي رهي. صبح جو ملان آذان وقت ڄڃ منهنجي سهري جي گهر نڪاح پڙهائڻ لاءِ وئي. ڪنوار کي اڳ ۾ ئي سينگاري آيا هئا. صبح جو فقط نڪاح جي رسم رهيل هئي. قبائلي ريتن رسمن مطابق مون کي سهري جي گهر ست ڏينهن تائين رهڻو هو، جنهن کي ”ستاوڙو“ چوندا آهن. سڀ ڄاڃي نڪاح پڙهائي هليا ويا. مون کي انهيءَ ڏينهن اندر ۾ اڻ تڻ هئي. چو ته قبائلي ريتن رسمن مطابق پهرين رات ڪنوار جي هيٺان اڇو ڪپڙو ڏيٺو هوندو آهي. چو ته جڏهن زال ۽ مڙس جمع ٿيندا آهن. نتيجي ۾ ڪنواري عورت مان رت نڪرندو آهي، جنهن مان هن جي پاڪدامني جي خبر پوندي آهي. رات جو جڏهن سڀ ماڻهو هليا ويا ته مان پنهنجي گهر واريءَ سان سُتم. رسمن مطابق اڇو ڪپڙو ڪنوار جي هيٺ وڇايم. ليڪن ڪپڙي تي ڳاڙهاڻ نظر نه آئي. اها رات گذريو ئي. صبح جو مان پنهنجي گهر روانو ٿيس. جڏهن گهر پهتس ته منهنجي پيءُ ۽ مامي پهريان اهو پڇيو ته لوڙهو پار ڪيو اٿئي يا نه؟ مان خاموش رهيس. چو ته گهر ۾ ڪافي مرد ۽ عورتون هيون. مان پنهنجي پيءُ ۽ مامي کي سموري حقيقت ٻڌائي ته منهنجي ڪنوار اڳ ۾ ڪاڌل آهي. هوءَ منهنجي گهر جي لائق ناهي. منهنجو پيءُ ۽ مامون اڳ ۾ ٻه قتل ڪري چڪا هئا. اتي مون کي پيءُ چيو ته خاموش رهه. ڪنهن کي ٻه نه ٻڌاءِ چو ته رات جو لاش گم ڪرڻو آهي. مون کي چيائين ته تون وڃ مان ٻه اچان ٿو. جڏهن منهنجو پيءُ ۽ ڀاءُ پهتا ته ڳالهه کلي وئي. منهنجو سهرو جيڪو منهنجو سئوٽ ٻه هو، مون کي سمجهائڻ لڳو ته منهنجي هڪڙي ڌيءَ آهي انهيءَ کي نه مار. اڳتي لاءِ وري غلط ڪم نه ڪندي. ايلاز منتون ڪرڻ لڳو، پر مان پنهنجي ضد تي قائم هئس. آخر مان ٻه ته هڪڙي شينهن بهادر جو پٽ ۽ سرويچ مامي جو ڀاڻيجو هئس. شام جو منهنجو سمورو خاندان گڏ ٿيو. چور ونڻ لاءِ ڪنوار جو وڏو ڀاءُ ۽ ويڳي ڀيڻ ۽ منهنجو

پيءُ ڪنوار کان پڇڻ لڳا. ڪنوار جو ياءُ ۽ پيڻ روئندا به ويا ۽ ڪنوار کان پڇندا به ويا ته جنهن تنهنجي زندگي موت جي منهن ۾ ڏني آهي انهيءَ جو حقيقي نالو ڏجانءِ. ٻئي ڀينرون ڪونج وانگر ڪُڇي ڪُڇيءَ سان ملائي روئڻ لڳيون. ياءُ پنهنجي ڀيڻ کي چوڻ لڳو ته ڀيڻ موت ڪنڌيءَ تي ويٺو آهي. چور جو صحيح نالو ڏي. ڪنوار روئندي پنهنجي سڪي چاچي جي پٽ جو نالو ڪنيو ته جڏهن مان اڪيلي گهر ۾ هوندي هيس ته هو زبردستي ڪندو هو. بهرحال رات جو ڪنوار کي ماري گمنام قبرستان ۾ دفنايو ويو. صبح جو سوير منهنجو پيءُ چيف مقدم وٽ ويو. حال احوال ڪيائين ۽ پوليس جي ڀڏٽي جا پئسا ڏنائين ڇو ته انگريزن ۽ سردارن جو اهو قانون جاري ڪيل هو ته جيڪو به غيرت ۾ خون ڪندو ۽ فريادي نه ٿئي ته پوليس جي ڀڏٽي ڏيڻي پوندي. جيڪڏهن عورت جا وارث فريادي ٿين ته پوءِ صرف مڙس کي سزا ٽن يا ڇئن سالن جي ملندي هئي. ڇو نه مرد ۽ عورت ٻئي گڏ مرن پر سزا ساڳي هوندي هئي ۽ پوليس جي ڀڏٽي به ساڳي هوندي هئي. ڀڏٽي جا پئسا چيف مقدم پوليس کي گهرائي پئسا ڏئي ڇڏيندو هو. پهريائين پوليس ڇڳي مڙس وٽ ويندي هئي، پئسا وٺڻ کان پوءِ ڇڻ خون ٿيو ڪونه هو. اڄ تائين انگريزن جو اهو قانون جاري و ساري آهي.

(2)

ياءُ جي وفات کان پوءِ گهر جو سڄو بار منهنجي ڪلهن تي اچي پيو، منهنجي پيءُ کي هاڻي منهنجي خلاف ڀڙڪائڻ لڳا. منهنجي ماءُ منهنجي خاندان مان به نه هئي. انهيءَ ڪري منهنجي پيءُ کي منهنجي خلاف استعمال ڪرڻ لڳا ته مون کي اسڪول مان ڪيرايو وڃي. انهيءَ ۾ منهنجو ماٽيلو ياءُ به منهنجي تعليم جي خلاف هو. منهنجي پيءُ کي منهنجي خلاف ڀريندا آيا ته هاڻي تون ڪراڙو مڙس مال چاري سگهندين ۽ هر ڪاهي هاريو ڪندين، اڪين کان انڌو ٿي ويندين. سيني جي چوڻ ۾ اچي تقريبن 15 يا 16 مينهون منهنجي غير موجودگيءَ ۾ مفت ۾ اڌ تي ڏيئي ڇڏيائين ۽ مينهون به ڪاهرائي ڇڏيائين. جڏهن مان گهر پهتس ته امڙ مون کي ڏسي دانهون ڪرڻ لڳي. مان امڙ کي دلاسا به ڏيڻ لڳس ۽ روئڻ به لڳس ڪجهه دير کان پوءِ بابو به گهر

آيو. مون کي امڙ سان گڏ روئندي ڏسي پنهنجي غلطي جو احساس اندر ۾ شروع ٿيس ته ڀيريائين مان پنهنجي لاڏلي پٽ کي اسڪول مان ڪڍيو هيو ته مان ڀين جي چوڻ تي پنهنجي مال جو اڌ مفت ۾ ڏنو. منهنجو پيءُ مون کي ياڪر وجهي مون سان گڏ روئڻ لڳو. پنهنجي غلطي جو ذميوار پنهنجي پائرن ۽ پائٽين ۽ منهنجي ماتيلي پاءُ يعني پنهنجي وڏي پٽ کي سمجهڻ لڳو. پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ لڳو ته پٽ جي اوچتي موت کان پوءِ منهنجو دماغ صحيح ناهي. پائٽين ۽ وڏي پٽ جيڪو اڳئين گهر واريءَ مان هئس انهن فراڊ ڪيو. جڏهن بابو ۽ مان جنهن کي مينهون اڌ تي ڏنل هيون، انهيءَ وٽ وياسين ته هن نپ جواب ڏنو ۽ ڏهه سال مال ڦرائڻ جو معاهدو ٿيل هو. پر وڏي پٽ جي شاهدي نه ڏيڻ ڪري بابي ٻئي ڏينهن مال (پڙ ڪيو) ڦرايو. هاڻي مون تي سڄو بار پيو مال چارڻ ۽ هارپ ڪرڻ جو.

هڪڙي پيري مان پنهنجي مقدم وٽ دانهن ڪٽي ويس ته ڪارو ڌر ڪاري کي گهر آڻين ٿا ته مقدم ڪلندي چيو ته انين آني جي ڪارتوس ڪونه اٿئي ته مان ڏيانءِ. اتان مان گهر آيس ۽ بابي سان ڳالهه ڪيم. اتي ڪجهه ڳالهه منهنجي سمجهه ۾ آئي. مان اڪيلو هئس. ٻئي دفعي مان اڳ جهلي پر هٿ ڪونه آيا. اتي انهن کي به ڦڦڙي پئي لڳي. خير ڪرڻ لاءِ ميڙ منٿون بابي وٽ اچڻ شروع ٿيا. نيٺ خير ٿيو مان انين آني جي ڪارتوس جي استعمال ڪرڻ کان بچي ويس. اتي سرءُ جي مند اچي وئي ڪٽڪ ۽ چٽڻ جي هر ڪاهڻ جو. مان ته ڪڏهن به هر جي مُنئي کي هٿ به ڪونه لاتو هو ته ڏاندن جي اندرين ۽ ٻاهرين جي به خبر ڪونه هو. صبح جو جوڙو ڪاهي سوير سان زمين تي ڪٽڪ جو ٻج ڇٽي هر ڪاهڻ شروع ڪيو هئس ته ڀرين اوڙ ۾ پنوڙو ڦاٿو ته مان ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ لتون هڻي جيڪي مٽي جي پنوڙو ڪونه نڪتو منهنجي تنگ گهوبي ۽ هر جي وچ ۾ ڦاسي پيو. گهليندو وڃي ڏاندن ٻير جي وڻ ۾ ڦاسائي بيهي رهيا. مان هر ڇڏي بني تي ويهي روئڻ لڳس. اتي مون کي پنهنجي پاءُ جي وڇوڙي جو ۽ پنهنجي ننڍي هئڻ جو احساس ٿيو. پاءُ جي يادگيري روئڻ تي مجبور ڪيو. سڄ به ڪني ڪڍي ته سڙڪ کان آواز آيو، مون کي پنهنجي احساسن ۽ سوچن ۾ روئڻ بند ڪونه پئي ٿيو ته ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏٺم ته مامون گهوڙي تي بيٺو آهي. مان وڏيڪ ڏک جي ڪري سڏڪن ۾ پئجي ويس. مامون گهوڙي تان لهي مون کي ياڪر پائي پڇڻ لڳو ته پٽ ڇا

ٿيو. جو تون روئي رهيو آهين. مان اچا وڏيڪ سڏڪن ۾ پئجي ويس. مامون سيني سان لائي پرچائڻ لڳو ته ٿوري دير ڪان مان ٻڌايو ته ماما مون سان ڪير وڙهيو ڪونهي. هڪ اڪيلائي ٻيو ياءُ جي جدائي. مان متي ذڪر ڪيل ڳالهين جي ياد ڏياري ته مامي جي اڪين مان به ڳوڙها وهڻ لڳا. بعد ۾ مامي چيو ته تنهنجي ناني جي طبيعت خراب آهي، گهوڙي تان وجي حڪيم کي چئي اچ ته دوا ۽ سوئي هڻي وجي. مان حڪيم کي چئي آيس ته مامي پويون هر ڪاهيو پوءِ مامي مون کي چيو ته شام ٻني ۾ ٻج ڇٽي ڇڏ. صبح جو سوير مان توکي جوڙا آڻي هر ڪاهرائي ويندس. پوءِ مان ڏاند ڳاڏي ڪاهي گهر ويس ته بابي ۽ امڙ پڇيو ته ڇو سوير سان موٽي آئين. هر ڪونه ڪاهيو اٿئي ڇا؟ مان سموري حقيقت ڪري ٻڌائي. بابي ۽ امڙ جي اکين مان پاڻي اچي ويو. انهن کي به پنهنجي وڇڙيل پٽ جي ياد ۽ منهنجي ڏکن جي ڪري روئڻ لڳا. پوءِ مون کي پيءُ ياڪر پائي چوڻ لڳو ته پٽ تنهنجو ياڳ انهيءَ ڏينهن ٽٽو جنهن ڏينهن تنهنجو ياءُ گذاري ويو. هاڻي توکي مڙس ماڻهو ٿي هن سماج کي منهن ڏيڻو آهي. منهنجو پيءُ هڪ بهادر ۽ خودغرض ماڻهو هو. ڪنهن جي به ڪاڻ ڪونه ڪيندو هو. ڪنهن جي به اڳيان سر نه جهڪايائين. پنهنجي تر جو مشهور نامي گرامي چور هو. شام جو بابي سان گڏجي زمين تي ٻج ڇٽڻ ويس. صبح جو سوير مامون ڏاندن جوڙن سان پهچي ويو. ڪيڙ ٻيل ٻئي هر ڏيئي شام جو مون کي آزاد ڪري ويو.

بابي منهنجي ٻيءَ شادي ڪرائڻ لاءِ مڱڻ جي ڳولها شروع ڪري ڏني. هڪڙي ڏينهن منهنجو وڏو مامو آيو. اچي بابي کي چيائين ته مان ڇوڪريءَ ڏسي آيو آهيان. هڪ پاسي منهنجو پاٽيچو ۽ ٻئي پاسي ان جي ڪنوار. بابي پڇيو ته ڪنهن جي ڌيءَ آهي. هڪڙي پاڙي جو قبيلو ته ساڳيو ۽ پاڙو ٻيو خاندان مان. بابو به جلدي جلدي تيار ٿي سڱ وٺڻ ويا. سڱابندي ڪري شام جو پنهنجي گهر آيا. پئسا ۽ ٻه سڱ هڪ ڪارنهن واري ۽ منهنجي ننڍي ڀيڻ عيوض ڏيئي آيا. نه مان پنهنجي ڪنوار کي ڏٺو ۽ نه ئي وري ڪنوار مون کي ڏٺو هو. قبيلائي رسمن مطابق نه ڇوڪري ڪان پڇا ڪبي ۽ نه وري ڇوڪريءَ ڪان پڇا ڪبي آهي. پسند ۽ ناپسند جي ڳالهه ته پري رهي. خبر ڏهن پوندي آهي جڏهن گهوٽ ۽ ڪنوار کي نڪاح ڪان پوءِ ڇڳي موچاري جي ته گهوٽ ڪاڻو هجي يا منڊو هجي يا ڇوڪريءَ کي قبول آهي، لچو هجي، لوفر هجي يا

ڇوڪريءَ ڪاڻي هجي يا گونگي هجي يا ٻوڙي هجي. بس قبول ڪرڻو آهي. ڇو ته ماءُ پيءُ قبول ڪيو آهي. سنت ٿي منهنجي ڀي شاديءَ جي تياري ٿي، ڪنوار ڪي ونواهه ۾ ويهاريو ويو. بابو منهنجي ڀيءَ شادي جي تياري ۾ لڳي ويو. مان به هاڻي جوان ٿي ويس. ڏاڙهي به لهڻ شروع ٿي وئي. مان به پنهنجي سنگت ساٿ کي شاديءَ جون دعوتون ڏنيون. مان به هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. شادي ڌام ڌوم سان ٿي گذري. ستاوڙي ڪان پوءِ مان پنهنجي گهر آيس. پنهنجي مال، هارپ ڪرڻ سان گڏ گهر جو سڄو بار منهنجي سر آيو. اتي مون وٽ پري پري جا نالي وارا چور اچڻ وڃڻ شروع ٿيا. هاڻي منهنجو نالو پيءُ واري لسٽ کان به وڌي ويو. پنهنجو خاندان ۽ ڇڱن مڙسن کي منهنجي بهادري نه وڻي، اندر ئي اندر ۾ پچڻ لڳا. مان نه ڪنهن کي سلام ڪندو هئس ۽ نه ئي ڪنهن کان سلام وٺندو هئس. سئوٽن ۽ چاچن کان وڌيڪ پنهنجن مامن کي ڏاڍو پيارو هئس. ڇو ته منهنجي ماءُ ٻي خاندان مان هئي ۽ ٻيو ته ان خاندان مان منهنجي ماءُ وڏي هئي. چاچا ۽ سئوٽ سندس پيار ڪندا هئا. چاچن کي ته ڌيءَ جي اولاد به ڪونه هئي. سئوٽن کي ڀيڻ ڪونه هئي. اهي چاچا ۽ سئوٽ منهنجي امڙ کي ڌيءَ ۽ ڀيڻ سمجهندا هئا ۽ وڏي عزت ڏيندا هئا. جڏهن منهنجن مامن ۾ ناراضگي ٿيندي هئي ته انهن کي پرچائڻ لاءِ امڙ ۽ مون کي وٺي ويندا هئا ۽ پاڻ ۾ کير کنڊ ڪري ايندا هئاسين. هنن جو مهيني ٻن ۾ جهيڙو ٿيندو ئي ٿيندو هو. منهنجي شاديءَ کي اٽڪل ٽي سال گذريا ته هڪڙي ڏينهن مال چاريندي گهر ڏانهن موٽي رهيو هئس. اسان جي واهه تي ٻبرن جا گهاٽا وڻ هئا. ايندي ايندي منهنجي نظر پنهنجي گهر واريءَ تي پئي جيڪا غير مرد سان گڏ واهه مان نڪتي. اتي منهنجو رت ٽهڪڻ لڳو. منهنجي گهر واريءَ ٻني مان گاهه ڪري آئي ۽ مرد مون کان اڳ ۾ هليو ويو. مفاصلو به پري هو. مان سوچيندي سوچيندي جڏهن پنهنجي ٻنيءَ تي پهتس ته گهر واري به اڳ ۾ گاهه کڻي گهر هلي وئي ۽ مان سوچن ۾ گم ٿي ويس. مرد به مون سڃاتو هو. جيڪو منهنجي سڳي سئوٽ جو پٽ هو. مان فيصلو ڪيو ته ٻئي گڏ ماريان. مان جڏهن گهر پهتس ته بابو شهر ويل هو. گهر ۾ صرف اڪيلي امڙ هئي. امڙ کي ٻڌايم ته مان به ٽي ڏينهن ٻاهر ٿو وڃان گهر نه ايندس. پنهنجي ڪنهن ويجهي دوست کان بندوق کڻي آيس. ٽي چار ڏينهن مان انهي مرد کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي، ڏينهن رات ان جي گهر

جي پاسي ۾ واهي ۾ لڪندو رهيس. پر هنن مون کي ڏسي ورتو ۽ مرد انهيءَ وقت گهر ڇڏي هليو ويو. بهرحال منهنجي منصوبو صحيح ثابت نہ ٿيو. ٻئي ڏينهن ٻي راتيون نہ ماني ڪاڌي نہ وري ڪٿي ظاهر ٿيس. فقط شهر ويجهو هو چانهہ پي وري اچي ان جي گهر جي پاسي ۾ لڪندو هئس. شل نڪري تہ ان کي ماري پوءِ وڃي ڪاري ماريان. ٽن ڏينهن کان پوءِ مان گهر ويس تہ بابو ٻني ۾ مال چاري موٽي گهر وڃي رهيو هو تہ مان وڃي بابي کي سلام ورايو. بابو مون کي ڏسي چوڻ لڳو تہ پٽ ڪٿي هئين؟ مان سڄو قصو بابي کي ٻڌايو تہ بابي چيو تہ پٽ جنهن ڏينهن کان تون هليو وئين، تنهن ڏينهن تنهنجي گهر واري نہ ماني ڪاڏي ۽ نہ وري ڪٿ ٽي ٽي سمهي. مون کي تہ اڳ ۾ بہ شڪ هو. مان رات جو پهرو ڏيندو هئس تہ متان ڀڄي نہ وڃي. راضي نامي ۾ اهو لکيل هو تہ رات جي پوئين پهر جڏهن مون کي جاڳ ٿي تہ گهر ۾ گهر واري ڪونہ هئي. پنهنجي پيءُ ۽ ڳوٺ وارن کي ٻڌايم تہ منهنجي گهر واري گهر جا زيور ۽ پئسا کڻي هلي وئي آهي، پيرا ڪٽندي شهر جي پرسان ويا تہ ڳوٺ مان منهنجي مامي جو پٽ شهر مان پهري ٿاڻ نماز مهل گهر اچي رهيو هو. تہ رستي ۾ شهر جي پرسان منهنجي گهر واري منهنجي سئوٽ سان وڃي رهي هئي. مامي جي پٽ پڇا ڪئي تہ منهنجي سئوٽ جي پٽ جواب ڏنو تہ اسان جي مائٽن جي شادي آهي اتي وڃي رهيا آهيون. ٿوري پنڌ کان پوءِ اسان بہ پيرا کنيو پٺيءَ آياسين تہ ساڳيو ماڻهو گڏيو تہ مون کان پڇيائين تہ ڇا جا پيرا ٿو کڻين، مون چيو تہ منهنجي گهر واريءَ ڀڄي وئي اهي. ان جا پيرا کڻي رهيو آهيان. مامي جي پٽ چيو تہ تنهنجي گهر واري تہ تنهنجي سئوٽ جي پٽ سان وڃي رهي هئي. پچائڻ جو ڪيس ڪيو ويو تہ هوءَ ڀڄي وئي. منهنجي سهري بہ ساڳي بيان تي صحيح ڪئي تہ واقعي منهنجي ڌيءَ فلاڻي سان ڀڄي وئي. بہ ٽي ڏينهن کان پوءِ ڪجهہ ماڻهن پڙڪايس تہ تون لاش جو حقدار هئين، انهيءَ چرچ تي مٿي ايس. پي ۽ ڊي. آءِ. جي کي درخواستون ڪيون ويون تہ مون کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس مجبور ٿي پئي. پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ پوليس صبح جو سوير منهنجي گهر تي چڙهائي ڪئي، مان گهر ۾ چانهہ پي رهيو هئس تہ سڏ ٿيو. مان چانهہ اڌ ۾ ڇڏي ٻاهر نڪتس تہ پوليس بيٺي هئي. مان وڃي صوبيدار کي هٿ ڏنو. مون کي صوبيدار ٿڏيون مٺيون ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ڪيون ۽ چوڻ لڳو تہ غيرت ڪئي اٿئي اها سٺي ڳالهہ

۽ پيءُ سپ سزا وار تين تا. ٻيو گهر ۾ ٻه ڪير ڪونه هو جو گهر سنڀالي ها. ڀاءُ جا ننڍا ننڍا ٻار هئا انهن کي ڪير پاليندو. مون کي مار ڏيڻ مهل اهوئي ذهن ۾ تري رهيو ته پلي مان مري وڃان پر لاش ڪونه ڏيندس. پيءُ ۽ ڀاءُ ته بچندا. پوليس جي مار کان پوءِ صوبيدار آيو ۽ مون سان ڏڏيون منيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ڪرسيءَ تي منهنجي سامهون ويهي رهيو. مون کي چوڻ لڳو ته مون توکي پڪو ڪيو آهي، متان توکي گهر نه ٿئي. ڪرسي گهرائي مون کي چيائين ته اٿي ڪرسي تي ويهه. مون چيو ته صوبيدار صاحب مان ڪرسي تي ويهڻ جهڙو ناهيان. نه وري مان ويهي سگهندس. ڪلي ڪري سگريٽ مون کي ڏنائين، چوڻ لڳو ته مان ٻه گهڻا جوابدار ڏنا آهن. گهڻن کان سچيون ڪرايون. پوريل لاش ورتا پر تنهنجي بهادريءَ کي سلام ٿو ڪريان. وري ٻه مان توکي ٿو چوان ته مان توکي پڪو ڪيو آهي. بعد ۾ 5 منٽن کان پوءِ جمعدار آيو. مون کي چوڻ لڳو ته توکي جيڪا مار ملي سان ملي، هاڻي تون منهنجي ڪوارٽر تي هل. جمعدار هٿ ۾ وٺي مون کي ٽيڪ ڏيندي پنهنجي ڪوارٽر تي وٺي ويو. ۽ کٽ تي بسترو لڳائي چيائين ته هاڻي آرام سان ليٽي پئو. جمعدار منهنجي دوست جو گهرو دوست هو. بس هاڻي مون کي پروسو آيو ته مار ڪونه ملندي. اڄ صبح جو مقدم ٻه ٿاڻي تي آيو هو. صوبيدار سان جهيڙو ڪري ويو. جمعدار کي خبر هئي ته مون کي اڄ اٺون ڏينهن آهي، جو مون ماني ڪونه کاڌي آهي صرف چانهه ۽ رات جو ڪير ٻه هوٽل کان جمعدار سان موڪليندو هو. هوٽل وارو دوست هو. مون کي چيائين ته تون سمهه مان وڃي تنهنجي لاءِ هوٽل کان ماني وٺي ٿو اچان. وڏيڪ دلجاءِ ڪري ويهه شام جو تنهنجو چالان ٿيندو. جمعدار ماني کڻي آيو، پوءِ ٻه مون ماني احتياط سان کاڌي جو ته متان بيهر مار ملي شام جو جمعدار مون کي ٽڙ ڪرائي ڪپڙا بدلايا. سج لهڻ جي مهل مون کي جاچ پوليس آفيس جمعدار جي ڪوارٽر تي آيو ۽ آفيس هلڻ جو چيو. مون سمجهيو ته وري صوبيدار پڪو ڪرڻ ته ڪونه آيو آهي، رستي ۾ مان سوچيندو ويس. جڏهن مان آفيس ۾ پهتس ته بابي ۽ ڀاءُ کي ٻه آفيس ۾ ويٺي ڏٺم. مان غمگين ٿيس. پوليس مون کي بابي جي پرسان ويهاريو. منشي ڪاغذن کي اٿل پٿل ۾ لڳي ويو. ڪچو چالان تيار ڪري مختيارڪار وٽ مون کي بابي ۽ ڀاءُ سميت پيش ڪيو. مختيارڪار فقط مون کان پڇا ڪئي ته تو گهر واري ماري آهي. مان انڪار ڪندي چيو ته پڇي وٺي. اسان

کي بعد ۾ بئريڪ ۾ رکيو ويو. جنهن کي اونداهي بئريڪ سڏيو ويندو هو. اتي به بيا ڏوهاري به بند هئا. ٻئي ڏينهن تي امڙ ملاقات ڪرڻ آئي ته گهران ماني به تيار ڪري آندائين. انهيءَ کان اڳ ۾ منهنجي وڏي چاچي جي پٽ (سئوٽ) ماڻهو موڪليو ته پئسا ڏيو ته توهان جي لاءِ وڪيل جو بندوبست ڪريان. انهيءَ ماڻهو کي مون ۽ بابي جواب ڏنو ته اسين اندر آهيون، اوهان ٻاهر آهيو. في الحال توهان وڪيل بيهاريو بعد ۾ توهان کي پئسا ڏينداسون. بابي اهو جواب ڏيئي ماڻهو واپس ڪيو. مون ۽ بابي چيو ته پاڻ پير پري اڄ ڏينهن تائين ڪونه آيا، اهي اسانجي ڇا پيروي ڪندا، اڄا اسان کي وڌيڪ اڳيرو ڪندا. منهنجي امڙ چيو ته پٽ توهان جي لاءِ وڪيل ڪرڻ لاءِ تنهنجو مامون ويو آهي. جيئن ئي موٽيو ته توهان وٽ ايندو. شام جو منهنجو مامو جيل ۾ حال احوال وٺڻ لاءِ آيو. مون سان ۽ بابي سان ملاقات ڪيائين. مامي چيو ته چوٽي جو وڪيل بيهاري آيس. اڌ فيس ڏنم ۽ باقي اڌ فيس آخر ۾ فتويٰ واري ڏينهن ڏبي، جنهن ۾ ضمانت جي خرچ اسان تي آهي. اتي منهنجا يار دوست به ملاقات تي ايندا رهيا. هڪ سياسي تنظيم سان واسطو رکندڙ دوست عمر خشڪ پري کان ٻڌي آيو ته مان خون ڪري جيل ۾ آيو آهيان. سڄو ڏينهن مون سان ڪچهري ڪيائين. ڪاروڪاري تي ليڪچر ڏنائين ۽ زماني جون ڳالهيون ڪيون سين. شام جو موڪلائڻ جي وقت مون کي دوست چيو ته جيڪڏهن تنهنجي وڪالت تنظيم جي اڳواڻ چيو ته ڪيس مان ڪٽندس. چوندئو ته ان کي ڪيس مفت ۾ ڏيون. مون چيو ته توهان جي وڏي مهرباني جو پري کان آيو آهين. مگر وڪيل منهنجي مامي بيهاريو آهي. تنهنجا ۽ سربراهه جا وڏا ٿورا. دوست چيو ته اهو اسان جو فرض آهي. ان ۾ ٿورو ڇا جو. پاڻ يائر آهيون. بعد ۾ دوست موڪلائي ڪنهن وڏي شهر ۾ سربراهه جو ٽائيم رکيل هئس. چوڏهن ڏينهن پورا ٿيا، رمانڊ جا ته مون کي، بابي ۽ ياءُ ٽنهيکي ضلعي جي سيشن جج وٽ تعلقي مان ڪڍي صبح جو ريل جي اسٽيشن تي آيا. منهنجا يار دوست، پينرون ملڻ آيون، سموري پيءُ جي خاندان مان هڪ به نه هئڻ جي برابر هو. هڪ به جيڪي منهنجي ڪري نه پر منهنجي ماٽيلي ياءُ جي ڪري آيا هئا. جڏهن ريل گاڏي آئي ته پوليس اٺڻ جو چيو ته مان هلڻ لڳس. ريل تي چڙهڻ لاءِ ته منهنجي امڙ ۽ پينرن هٿڪڙين کي چمي ڏيئي مون تي هٿ رکيو ۽ چيائون ته ابا رب جي ڇانوَ هجئي.

پيرن جي ڏيڍ ڪلاڪ ڪان بعد ريل گاڏي ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسٽيشن تي پهتي، بعد ۾ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. مون کي بابي ۽ ياءُ سميت پيش ڪيو ويو. منهنجا ماما اڳ ۾ بيٺا هئا. سني هوٽل مان چاهيون مانيون گهرائي ڪارايائون. جڏهن پٽيوالي منهنجو ۽ ٻين جوابدارن جو نالو ونتي سڏ ڪيو. سيشن جج وٽ حاضر ٿيڻ لاءِ، وڪيل بہ اندر آيو ۽ منهنجو ڪيس پيش ڪيائين. ڪيس سيسن جج ۽ وڪيل پڙهي ٻڌايو. وڪيل کي مامي اڳ ۾ سمجهايو هو تہ راضي نامو ٿيل آهي، اهو بہ شامل ٿيڻ گهرجي. منهنجي راضي نامي جي رپورٽ صوبيدار ڪونہ ڏني. جج کي وڪيل چيو تہ پهريائين بيان فريادي ڏر ڏنو هو. اهو شامل ناهي ڪيو. صوبيدار تي جج گرم تي ويو. تہ ٻئي تاريخ تي ٻئي رپورٽ ۽ بيان ڪٽي اچ. ٻي رپورٽ جنهن ۾ جوابدار ۽ فريادي جو گڏيل آهي اهو چو نہ آندا اٿئي. ٻي حاضري تي ڪٽي اچ نہ تہ وردي جو خير نہ گهرجانءِ، ان ئي وقت لاهي لاڪپ ڪندوسانءِ. بعد ۾ مون ڪان جج پڇا ڪئي تہ تون فلاڻي کي ماريو آهي. مون چيو تہ نہ سائين اها پڇي ويئي. بعد ۾ تاريخ ملي. منهنجي بابي ۽ ياءُ سميت جيل ۾ تعلقہ پوليس ونتي وئي. جج جو ليٽر جيلر حوالي ڪيو. جيئن تہ جيل جو اهو اصول آهي تہ نوان قيدي جيئن ئي ايندا آهن، انهن جو آڌرياءُ موچڙن سان ٿيندو آهي. ٻئريڪ جا پراڻا قيدي انهن جو آڌرياءُ موچڙن سان ڪندا آهن. ٻئريڪ جو مک وري منتلي وڻندو آهي، پر منهنجو نالو مڙس ماڻهن مان هو ۽ هرهڪ قيدي کي خبر هئي تہ مان مڙس ماڻهو هئس. جڏهن جيلر ونتي ويو تہ هرهڪ ٻئريڪ مان آواز آيو تہ هنن کي اسان جي ٻئريڪ ۾ ونتي اچو. ضلعي جا ناليوارا چور ۽ ڌاڙيل جيل ۾ هئا. ڪي خونن جي ڪيس ۾ تہ ڪي ڌاڙن جي ڪيس ۾ جيل ۾ هئا. سڀ مون کي سڃاڻندا هئا. ڪجهہ تہ منهنجي پيءُ ۽ ياءُ کي هرهڪ ٻئريڪ ۾ منهنجي قبيلي وارا خونن ۽ ڌاڙن ۾ سيئي قيدي اچي دروازن تي بيٺا هئا. هرهڪ مون کي پنهنجي ٻئريڪ ۾ رهائڻ پيو چاهي. جيلر منهنجي شهر جو هو، اسين هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئاسين. هرهڪ ٻئريڪ ۾ رڙ لڳي پئي هئي تہ اسان وٽ اچي. پر ياءُ جو گهرو دوست هو، ان ٻئريڪ جي سامهون بيٺا هئا. جيلر بہ فيصلو مون تي ڇڏيو. هڪڙو مان آخر وڃان ڪاڏي، آخر ۾ منهنجي پيءُ سامهون بيٺل ٻئريڪ جو چيو تہ سامهون واري ٻئريڪ ۾ نعرن جي گونج شروع ٿي. گيٽ سنتريءَ کوليو. سامان اندر ڪيائون. ٻئريڪ جي مک مون

ڪان پڇيو تہ توهان جا بسترا ڪٿي هئون. بسترا منهنجي قبيلي جي ويجهن دوستن بئريڪ جي اندر هڪ پاسي سان هنيو. بعد ۾ ماني جو ٽن دوستن جو هنديءَ گڏيل هو. منجهند جي ماني انهن ڪئي، رات جو ٻين ڏوستن ڪئي. رات جو سڀئي هڪ هنڌ گول ٿي ويٺا. مون سان حال احوال ڪيائون. ٻاهران ايندڙ هرهڪ پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي. رات جو هڪ بجي تائين ڪچهري ۽ ڳائڻ وڄائڻ سان ۽ ڳالهيون هيون. صبح جو ٻي بئريڪ مان هڪ وڏو ڏوهاري منهنجي بئريڪ جي گيٽ تي اچي دعوت ڏني ۽ حال احوال ڪرڻ آيو. بعد ۾ جيلر اجازت ڏني. مون کي بابي ۽ ڀاءُ سميت چوٿين نمبر بئريڪ ۾ ان دوست وٽ شام تائين ڪچهريون ڪيوسين. منجهند جي مانيءَ بہ دوست ڪرائي. هرهڪ پنهنجي پنهنجي بهادري جي ڪهاڻي ٻڌائي. منهنجو غيرت ۽ مڙس ماڻهپي لکيل چيبل سڄي علائقي ۾ مشهور هئي. بعد ۾ مان پنهنجي بئريڪ ۾ موٽي آيس. مختلف قبيلن جا قيدي علائقي جا ڏوهاري جيل ۾ بند هئا. اهي سڀئي منهنجي عزت ڪندا هئا. سڀني کان وڌيڪ منهنجا يار دوست ٽي چار ٽولا روز ايندا هئا. سامان بہ ڪٺي ايندا هئا. روزانو محفل ۽ ڪچهريون متل هونديون هيون. چانهيون، ميوا. مان سڄي بئريڪ ۾ سڀني کي سڏي گڏ ڪري ڳائائيندا هئاسين. هڪڙو ننڍڙو ڇوڪرو پنهنجي سادي طبيعت سان وڏي ڀاءُ سان گڏ هڪ بئريڪ ۾ هو. ڏهن سالن جو ڇوڪرو ڪبوترن جي ڪري خون ڪري جيل ۾ هو. تمام غريب هو. پويان ڪجهہ بہ نہ هئس. انهن کي مان پنهنجي هنديءَ ۾ گڏ ڪيو. ڪبوتر تي هن جي ننڍڙي ڀاءُ سان وڙهيا تہ سادو اڌ چريو وڃي هڪڙي کي لٺ هڻئي تہ هو هڪ لٺ سان مري ويو. منهنجي ڀاڇي تيار ڪرڻ ۽ چانهہ ناهڻ جو ڪم ننڍڙو ئي ڪندو هو. بعد ۾ سڀني کي پٽڻ ڀائرن وانگر پيارو ٿيو ان ننڍڙي کي ذرڙي ڪري سڏيندا هئا. ذرڙي جي نالي سان پيار مان سڏيندا هئا. انهيءَ جو سڄو خرچو مان ڏيندو هئس. تمام غريب هوندو هو. صرف پوڙهي ماءُ هئي. ان کي بہ پوئتي ڪائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو هو. زرڙي ۽ ان سادو ڀاءُ صرف ڳوٺ ۾ ڏناري ڪندا هئا. مال چاريندا هئا. ڳوٺ جي ماڻهن جا ان ڪري سڄو بئريڪ خيال ڪندو هو ان جي ڀاءُ جو جڏهن رات جو بئريڪ ۾ ڪچهري ٿيندي هئي تہ رات جو چانهہ زرڙي کان تيار ڪرائيندو هئس. رات جو جڏهن مان ڏوهن بابت ڳالهائيندو هئس ۽ چوندو هئس تہ ڏوهہ چو ٿا ٿين ۽ انهن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي. دراصل ڏوهن ڪرائڻ ۾

هٿ حڪومت ۽ سردارن ۽ وڏيرن جو ئي آهي. جو اسان جيڪي ڏوھ ڪريون پيا اهي ناداني ۾ ڪري رهيا آهيون. غلط ريتن رسمن جي ڪري اڻچاڻائي، بي عقلي ۽ تعليم نہ هئڻ جي ڪري اهي ڏوھ ٿين ٿا. انهن جو بہ ذميوار سردار ۽ وڏيرا آهن. جيڪڏهن راڄ اٽيڙهيل هوندو تہ راڄ تي آساني سان دابو ڄمائيندا پيو تہ سردار ڪنهن کي آسودو ڏسڻ نہ ٿا چاهين، اهو بہ سک جو ساھ کڻي سگهي. ڪنهن نہ ڪنهن معاملي تي ان کي ڦاسائي ڏوھ ڪرائڻ تي مجبور ڪندا آهن تہ جيئن هيٺ ڪري. وڏيڪ مان ڳالهائيندي چوندو هئس تہ غلط فيصلا ڪرڻ، ماڻهو مارائڻ، ڪاروڪاري جي الزام ۾ ماڻهن جو قتل عام ڪرائڻ. مان بئريڪ جي سيني قيدين کي چيو تہ توهان کي خبر آهي تہ اسان جي علائقي ۾ ڪيترا خون ٿيا آهن. ماڻهو رات ئي رات پنهنجو گهر، ڳوٺ ۽ علائقو ڇڏي فرار ٿي ويندا آهن. سردار ۽ وڏيرا سچا ٿين تہ ڏوھ ٿين ئي نہ. مان وڏيڪ چيو تہ موجوده حاضر خونن ۾ ٻن ٽن کان سوال ڪيو تہ توهان جو ڏوھ ڪهڙو هو. جو توهان خون ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهيو. توهان جو ڏوھ صرف اهو هو تہ توهان پنهنجي علائقي جا سنا ۽ ماني ميچيءَ وارا هئا. زمين جا مالڪ هئا، توهان کي علائقي ۾ هرڪو معتبر سمجهي. توهان جي عزت ڪندا هئا جو سردارن ۽ وڏيرن کي ڪونہ وڻيو جو اڄ توهان جيل ۾ ڪافي خونن ۾ سڙي رهيا آهيو. الائي توهان تہ ڪيترن ئي ڏوهن جو ڪيس داخل آهن. مان هڪ قيديءَ کي نالو وٺي چيو تہ تون پنهنجو پيءُ بہ مارايو. چاچن ۽ سئوٽن هٿان. پيءَ جو بدلو وٺڻ لاءِ سئوٽ ماري اڄ توهان ڪال ڪوٺڙين ۾ بند آهيو. اڄ تنهنجي ڪوٺ ۾ راڪاس جو ڏپ اچي رهيو آهي. صرف تنهنجي ڪوٺ ۾ عورتن کان سواءِ بيو ڪير آهي؟ مون چيو تہ اڄ اهو ڳالهايوسون رات بہ گهڻي ٿي آهي. سنتري شڪي نگاهن سان ڏسي رهيو آهي. اٽڪل رات جو هڪ ٿيو وري صبح رات جو تفصيل سان ڪچهري ڪبي. سيني کي مون کان ٻڌندي مزو پئي آيو. مون کي قيدين چيو تہ يار ڳالهيون پليون آهن. دل ٿي چوي تہ صبح تائين تنهنجون ڳالهيون ٻڌون. پر ڪن دوستن کي صبح جو حاضري تي وڃڻو آهي. خدا خير ڪيو تہ صبح رات وري رهيل ڪچهري پوري ڪبي. اڄ صبح جو منهنجي بہ حاضري هئي سوير سان اٿي مون پنهنجي تياري ڪئي. پوليس پهچي وئي مون کي پيءُ ۽ ڀاءُ سان ڪورٽ نيو ويو تہ اسان جي ملاقاتي انتظار ڪري رهيا هئا. جن ۾ منهنجو مامون بہ

هو جو منهنجي ڪيس جي اگواڻي ڪري رهيو هو. وڪيل صاحب به ڪورٽ پهچي ويو. منهنجو وڪيل ٻاهر اچي منهنجي پيءُ کان صحيح ورتي. چيائين ته هي پوڙهو ماڻهو آهي هن جي ضمانت لاءِ درخواست اڄ سيشن جج کي منظور ڪرائڻ لاءِ ڏيندس. اميد آهي ته منظور ٿي ويندو. انهيءَ کان بعد ۾ مون کي سڏ ٿيو پهريائين ڪيس منهنجي وڪيل ڪنيو. مان ۽ ٻين جوابدارن حاضر ٿيڻ لاءِ. مون کي ٻين سميت پيش ڪيو ويو. صوبيدار به رپورٽ سوڊو اندر آيو. جڏهن جج صاحب کي رپورٽ پيش ٿيو پڙهي ڪري مون ڏانهن نهارڻ لڳو. وڪيل صاحب منهنجي ضمانت وارو درخواست پيش ڪيو. بعد ۾ تاريخ ڏنائين. پوليس مون کي ٻاهر وٺي ويو. دير تائين دوستن ۽ مائٽن ملاقات ڪئي چو ته پوليس جا جهورا آهن. جو ملاقاتين کان پئسا ملن ٿا. ان ڪري جڏهن به جوابدارن جي مرضي ٿئي پوءِ وٺي ويندا آهن. مون کي سامان دوست ۽ مائٽن جام ڏيندا هئا. منهنجي امڙ هر حاضري تي ماني گهران تيار ڪري ايندي هئي حاضري تي ڪڪڙ جو ٻوڙ ماني چانور جام آڻيندي هئي. جنهن ۾ سپاهي به کائيندا هئا. سامان ايترو گڏ ٿيندو هو جو منهنجي کڻڻ کان زياده هوندو هو ته منهنجو مامون ٽانگو ڪري جيل ۾ پهچائيندو هو. پوليس وارا به مون سان ٺهيل هئا. منهنجي چوڻ تي ڪورٽ کان لاڪپ تائين پنڌ وٺي ويندا هئا جو ڪافي عرصو باريڪ ۾ بند هوندو هئس. ان ڪري پير ساهڻ جي ڪري پنڌ ويندا هئاسين. رات جو وري مان ماني کائي پنهنجي ڪچهري شروع ڪئي. رات واري ڪچهريءَ جي موضوع تي ته ساٿئي يار کي چوڻ لڳس ته تنهنجو ڏوهه صرف اهو هو جو تون سنو ننڍو وڏيرو هئين. ٻين کان مختلف آسودو مال وارو گهوڙين وارو. ان ڪري تنهنجي پيڻ جو ڊرامو رچايو ويو جڏهن ته تنهنجو سئوٽ ٽي چار سال مڙس ڪوته ٿيو نه ان ۾ قصور تنهنجي پيڻ يا تنهنجي پيءُ جو هو جو تنهنجو پيءُ ماريو ويو. سئوٽ چاچن ماريو جڏهن ته ڪدڙي جو فيصلو به نه ڪيو. سردارن مقدمن انهن هشئي ڏيئي تنهنجو پيءُ مارايو ته زال کان جواب ڏنو تون ۽ تنهنجي پيءُ ان ڪري تنهنجي مارڻ لاءِ ڪيڊ پيا ته توکي به ٻيو رستو نظر نه آيو جو تون به ڏاڙيل بڻجي وئين. ٽي چار سئوٽ به ماريا اٿئي. مان اصل پنهنجي مقصد تي ڳالهايو. مون چيو ته سردار، وڏيرا هينئين ماڻهن جا دشمن آهن. اهي ڪٺي ڪهڙي به قبيلي سان واسطو رکندڙ هجن. سيني جا مقصد ساڳيا هوندا آهن. سيني چيو ته تون جيڪي به

ڳالهيون ڪيون آهن سي سڀ سچيون آهن. بس رات تي، مون کي ٿوري سياسي ڄاڻ هئي، شروعات تازو ئي هڪ سياسي تنظيم جي دوست عمر خشڪ جيڪي تعلقي جي لاڪپ ۾ ملاقات لاءِ آيل هو. ان جو ذڪر مٿي ڪيل آهي. ان صرف ٻه ڪتاب مون کي ڏنا. هڪ هوچي منه جي زندگيءَ تي ۽ ٻيو مائوزيتنگ جي زندگيءَ تي. مون تي انهن ڪتابن ۽ دوست جو وڏو اثر ٿيو. اهي ڪتاب تازو ئي پڙهيا ته منهنجو مسئلو ٿيو. منهنجي پيءُ جي ٻن مهينن کان پوءِ ضمانت تي نڪري ويو. منهنجو ۽ ڀاءُ جو ضمانت نه ٿيو. هڪڙا قيدي جيل ۾ هنر جو ڪم ڪندا هئا. اڳڻ، سڳيون، عورتن لاءِ سربند مٿي جي پٽي ٺاهيندا هئا مان سڄو ڏينهن رات قيدين سان ڪچهريون ڪرڻ، دوستيون پيدا ڪرڻ ۾ پورو هئس. هڪڙي ڏينهن سکر سينٽرل جيل مان جنم ٽيپ جو قيدي ٻن خونن ۾ شام جو منهنجي بارڪ ۾ آيو جيلر کي چيائين ان جو ڀاءُ ٻه خون جي ڪيس ۾ واڙيل هو. جيلر ڪلندو آيو مون کي چيائين ته ٻه ڏينهن تنهنجو ذات ڀائي تنهنجو مهمان آهي. گيٽ ڪولي سنتريءَ چيو مان ان جو ايترو آڏرياءُ ڪيو ڄڻ منهنجي ڳوٺ يا گهر ۾ آيو هجي. رات جو مان ان قيدي کي ايترو مان ڏنو جو ڪنهن خاص ماڻهوءَ کي ملندو هجي. اهو ڏسي آيل قيديءَ چيو ته تنهنجي اوطاق ۾ ڄڻ ڳوٺ ۾ آيل هجان. ان جو ڀاءُ ۽ سئوٽ به اڳ ۾ مون کان ان بئريڪ ۾ هئا. صبح جو سکر کان آيل قيدي جي مائٽ هڪ پاڙو هڪ خاندان هڪ ڳوٺ جا ويجها عزيز جيڪو مان مٿي ڄاڻايو آهي ان جي پيءُ جي عيوض ۾ ٽي چار خون ڪري آيو هو. اهي ٻئي بئريڪ ۾ آخر ۾ بند هو. ان سپاهي موڪليو ته سکر واري قيدي کي چئو ته مان ملڻ اچان يا تون ايندين. سکر واري قيديءَ چيو ته جي سائين وارن کي سڪ آهي ته هو پاڻ اچن. سنتري وڃي ان کي ٻڌايو ته هو پاڻ اچڻ لاءِ راضي ٿيو. اچي ٻڌايائين. ان جو سڄو بندوبست مون ڪيو. سٺي ماني تيار ڪرايم. چانهه، بوتلون گهرايم. ٻئي بئريڪ جو قيدي مائٽ وٽ آيو. سڄو ڏينهن ڏک سور حال احوال ڪري شام جو سج لٿي هو پنهنجي بئريڪ ۾ ويو. رات جو ٻئي پائرن مون کي چيو ته تون اسان جي مان جي رکي تنهنجا ٿورا، جيڪو تون خدمت ڪئي. مون ٻانهون ٻڌندي چيو ته نه ادا اسان ڀائر آهيون ڪهڙو مان توهان تي ٿورو ڪيو. اهو منهنجو فرض هو ڪا ڳالهه ناهي. صبح جو سکر واري جنم قيدي کي خون جي ڪيسن ۾ ڪورٽ وٺي ويا. اتان ئي ان کي سکر

منهنجا مهمان آيل هئا. صبح جو مهمانن کان موڪلائي واندو ٿيس. جنهن اسڪول ۾ مان پڙهندو هئس. ان ڳوٺ ۾ دوست جي عذرخواهي ڪرڻ ويس ته ان دوست جي ماءُ پري کان مون کي ايندي ڏٺائين. فصل ۾ گاهه ڪري رهي هئي. روئڻ لڳي پار ڪيندي منهنجي اڳيان آئي. مان به دوست جي ماءُ کي ڀاڪر پائي روئڻ لڳس. دوست جي ماءُ ڀاڪر کي ڀري وٺڻ لڳو ابا ٻئي ڪنهن کي ڇو نه وٺي آئي. روئندا گهر ڏانهن وڃڻ لڳاسين ته سڄو ڳوٺ اچي گڏ ٿيو. مرد توڙي عورتون دوست جي ننڍڙي ڪنوار اچا شادي ڪندي سال به مس گذري هئي دانهون ڪندي اچي مون کي چنبڙي وئي ته ادا پنهنجي ڀاءُ کي ڇو نه وٺي آيو آهين اڪيلو ڇو آيو آهين. پيرون توڙي ٻاچايون سڀ دانهون ڪنديون رهيون جو ڄڻ ته اڄ تازو مري ويو. هو ڀيءُ توڙي ڀاءُ منهنجو دوست تپيداري جو امتحان پاس ڪري آيو هو. مان ان جي مدد پائڻ وانگر ڪندو هئس. ٻئي ڏينهن جو صبح مان وڃي مقدم سان مليس. پڳ واري زمين جي بنگلي تي مون کي ڏسي خان چيو ته ٻه ڏينهن ٿيا جيل مان نڪتين ڪٿي هئين. منهن به ڪونه ڏيکاريو اٿئي. مان خان کي چيو ته سائين مٽ مائٽ دوست پئي آيا ويا اڄ به گهڻا دوست اچڻا هئا. اوڙي پاڙي جا مهمان جام آهن مان سوچيو ته وڃي خان سائين جي پيرين پئي اچان. خان ڏاڍو پيار مان مون کي پنهنجي پر ۾ ويهاريو چوڻ لڳو ته ان بيغيرت کي مون ڏاڍو سمجهايو پر هو ڪونه مڙيو اڄ تائين منهنجي منهن ڪونه چڙهيو. ڪيس جي باري ۾ پڇيائين ته مون چيو ته ڪيس جلد ئي فتويٰ ڏيندو. جج خان چيو ته مان وري به ڪوشش ڪري انهي ڏي ماڻهو موڪليندس ته بيان ڦيرائين. مون چيو ته خان سائين وڪيل صاحب جي ته توهان کي خبر آهي ته تمام هوشيار آهي گهڻو فريادي ۽ شاهدن کي لوڏي ويو آهي.وڪيل صاحب لاءِ خان چيو هوشياري ۾ وڪيل ۾ ڪو شڪ ناهي. هن علائقي ۾ تمام هوشيار آهي. مان به تنهنجي مامي کي انهيءَ لاءِ چيو هو ته ان وڪيل کي ويهارجو. اڃا به مان انهن فريادين ڏانهن چوائيندس ته بيان نه ڏين. خان چيو ته تون پيارو به آهين مڙس ماڻهو به آهين. چوري ڇڏ. مڙسي چوري جي ڪري نه لڪبي آهي. مڙسي غيرت لڪڻ جي شئي ناهي مڙسي چوري ڪرڻ ۾ ناهي. مون چيو ته خان دعا ڪريو. خان پٺي تي هٿ رکي چيو ته منهنجي دعا اٿئي مڙس ٿي وقت گذار. بس مان موڪلائي روانو ٿيس. مان مرشدن ڏانهن روانو ٿي ويس. مرشد جي پوٽن سان

منهنجو پيري مرشدي وارو حساب ڪونہ هو. هو هڪبئي ڪي دوست ۽ يائرن وانگر ڏسندا هئاسين. پاڻ ۾ ڪل يوڳ ڪرڻ ۾ فري هوندا هئاسين. هڪڙي پيري جڏهن مان سيدن وٽ چوڪرن ڏي ويو. جتي سائين جو وڏو پوٽو مٺل شاهہ هو. نوڪري ۾ بيو نمبر سائين جيئل شاهہ بہ ان سان گڏ هو. يوڳ، چرچا اخبار ۽ ڪجهہ سياسي رسالا پڙهڻ ڪچهري ڪرڻ، جڏهن وڏو دوست ڊيوٽي تي ويو مان ۽ ننڍو سائين جيئل شاهہ ڪوارٽر ۾ رهندا هئاسين. ماني ياڇي تيار ڪندا هئاسين. ننڍو سائين جيئل شاهہ چالاڪ، هوشيار هوندو هو. مان ڪينٽين تي ڪنهن شئي جي لاءِ ويس. موٽي آيس، جڏهن دروازي تي ٽورو ڳالهائڻ ۽ سڏڪڻ جو بہ آواز آيو. مان سوچيندي آهستي ويس تہ ننڍو سائين ڳائيندو بہ وجي ٿو ۽ روئندو بہ وجي ٿو ۽ اٿو بہ ڳوهيندو وجي ٿو. ديڳڙي چڙهيل هئي پاٽي بہ ڪٽي ڇڪو هو جيئل شاهہ ننڍو سائين پنهنجي ڌن ۾ ڪجهہ ڳائي رهيو هو تہ اميدن جي ٻيڙي درياهہ منجهہ آهي انهيءَ جي مرضي ٻوڙي يا تاري. مون ڏٺو تہ همراهہ الاءِ ڪٿي وڃي پهتو آهي جو ديڳڙي کي باهہ لڳي وئي آهي مان وڃي هٿ ڪلهي تي رکيو تہ همراهہ ڪان ڇرڪ نڪري وئي. چيائين تہ مير تون آهين مون چيو خير تہ آهي جو ڳائيندو بہ وڃين ٿو ۽ روئندو وڃين ٿو. اٿو بہ ملين ٿو ديڳڙي کي باهہ لڳي وئي آهي. يڪدم ديڳڙي ۾ پاڻي وڌائين، مون چيو تہ خير تہ آهي جو انهيءَ حد تي پهتو آهين امڙ جي سڪ لڳي اٿئي يا بابي جي يا عشق جي چوٽ. انهي وقت ۾ سائين جي عمر لڳ ڀڳ ڏهہ، يارهن سالن جي هئي. مون چيو تہ ڇڏ اٿو ۽ ديڳڙي مان پاڻ پچايان ٿو سائين هيٺي آواز ۾ چيو تہ تون وڏو آهين ڇڏ مان پاڻ ٿو ماني پچايان. مون کي پيارو بہ هو ۽ مون سائين جو چوڻ نہ موٽايو. جڏهن ماني تيار ٿي تڏهن مان ۽ سائين ڪچهري ڪندا رهياسين ماني بہ کائيندا رهياسين. مون چيو ڏي خبر اڄ توکي ڪير ياد آيو آهي. هيڏي هوڏي ڪندو بس امڙ ياد آئي آهي. مان چيومانس تہ تون هاڻي سان ٽپڙ ٻڌ وڃي ڳوٺ رهہ. مان سمجهي ويو هئس. هڪبئي جي راز جي خبر هئي. جڏهن وڏو ياءُ مٺل شاه آيو تہ مان ڪلڻ لڳس مٺل شاهہ بہ ڪلڻ لڳو مون چيو تہ مان تہ الائي ڇا تي ڪلان ٿو تون ڇو شروع ٿي وئين. سائين وارا ايترا تہ ويجها هئا ۽ فري بہ هئا جو سائين چيو تہ بس تون ڪلين پيو مان بہ ڪليس پئي. بعد ۾ مان ٻڌايو تہ سائين جيئل شاه اڄ گهر تو وڃي جو امڙ جي سڪ ڪنيو اٿس. ٽپڙ ٻڌايامانس،

سائين جو ذڪر ٻڌايم تہ هي حالت هئس. منجهند جو سائين وڏي ۽ مان ٽماٽن جي ڪاري پيري وچي بس ۾ روانو ڪري آياسين. بعد ۾ مان ۽ وڏو سائين سڄي رات ڪلندا رهياسين. ننڍي تي همراهہ ڪي بس الائي ڇا تي ويو هو. موڪل جي ڏينهن سائين ڳوٺ جي تياري ڪئي صبح جو مان بہ ڳوٺ وڃڻ جي تياري ڪئي. جڏهن سيد ڏاڙهي ڪوڙڻ جي تياري ڪئي، ڪريم ڏاڙهي ڪي هنيائين تہ مان بہ سامهون وينو هئس. ڪلندي سائينءَ مون کي چيو تہ تون بہ اڄ ڏاڙهي ڪوڙ ۽ ڪلين شيو ٿي مون چيو تہ ڏاڙهي نہ تون بہ مٿي جا وار ڪوڙ ۽ مان بہ مٿي جا وار ڪوڙيندس. ٻئي مٿي جا وار ڪوڙيون مونِ کي تہ خبر هئي تہ سائين ڏاڙهئ ڪوڙيندو آهي. سائين جو مٿو ڪوڙي صفا جدو ٿي گهر وڃي جيئن گهر وارا نہ سڃاڻن. مان پڪو ٿيس تہ نہ يار ڪير تو مٿو ڪوڙائي بابي وارا ناراض ٿيندا. مائٽ سائين اتي پنهنجي ڏاڙهي ڪوڙي ڇوڻ لڳو تہ اڄ تہ اڄ ٻئي واعدو ڪيون تہ ٻئي مٿا ڪوڙيون. سائين يڪدم چيو تہ ها واعدو ڏي تہ مٿو ڪوڙائيندين واعدو. بس سائين ميچون بہ ڪوڙيون. هاڻي جنگ لڳي تہ سائين چوي تہ پهريون تنهنجو مٿو ڪوڙيان اتي ٻئي تيار ٿياسين ٻنهي جي هٿن ۾ سيفٽي آهي. ٻنهي مٿي کي صابڻ هنيو. ٻئي هڪ ٻئي ڄي سامهون بيٺا، هڪٻئي جي مٿي جي وارن جا پٽا ڪڍيا. جڏهن ٻنهي مٿا ڪوڙايا. مون ڇا ڪيو جو ابتي سيفٽي سان سائين جو مٿو ڇدو ڪري ڇڏيم. جڏهن تڙ ڪري سائين جي مٿي کي تيل بہ هنيم تہ سائين جو مٿو چمڪڻ لڳو. جڏهن آئيني جي سامهون ڏسڻ لڳو تہ پنهنجو هٿ منهن تي پاڻ ڦيري مون کي چوڻ لڳو تہ سوئر ٻٽائي ڇڏيئہ نہ ڏاڙهي نہ ميڇ ۽ نہ مٿي جا وار. جڏهن ڳوٺ روانا ٿياسين تہ مان تہ پٽڪو ٻڌندو هئس سائين تہ خيرن سان ٽوپي بہ ڪونہ پائيندو هو. مٿي تي سائين ٽوال رکي ۽ منهن کي ويڙهي پوءِ نڪتو جڏهن سائين ڳوٺ پهتو، حويلي جي در وٽ ويو تہ سائينءَ جي گهر واريءَ ۽ ماءُ نڪري آيا. چوڻ لڳا تہ خير تہ آهي منهن ۽ مٿي کي ٽوال ويڙهيل اٿئي تہ سائين جو ڏاڏو بہ نڪتو تہ ٻارن منهن مان ٽوال لاهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هيءَ تعدي تو سان ڪنهن ڪئي تہ سائين جو ڏاڏو ڪاوڙ مان چيو اهو ڪم واحد بخش ڪيو آهي جو منهنجي ڇوڪري کي باندر ٻڻائي ڇڏيائين. بس مان ڇڱي طرح سان ڏسندومانس. سائين جو پيءُ بہ آيو، مان سيني مريدن مان سائين کي پيارو هئس. سائين جي ڇوڪرن سان يائرن وانگر هو چوڻ لڳو تہ تنهنجي پوٽي جو

منهنجو مامون آيو. مان ۽ منهنجي بابي هن کي سچو قصو ڪري ٻڌايو. مامي چيو ته مون کي اڳ ۾ اندازو هو ته تنهنجا پائٽا پئسا ڪونه ڏيندا. مان بندوبست ڪري آيس. صبح جو حاضريءَ تي مان، بابي ۽ پاءُ سميت وياسين. مامون به اسٽيشن تي هليو. منهنجو سڄو پيٽيو به آيو. اسٽيشن تي ٽڪيٽون ڪٽرائي ريل ڏيڍ ڪلاڪ کان پوءِ پهتاسين. اسٽيشن کان ڪورٽ تائين اها خبر پئي ته منهنجو پيٽيو ڏاند ونڻ لاءِ آيل هو. پڙيءَ تي منهنجي پاءُ کي چيائين ته تون چوندين ته مان پئسا ڏيندس منهنجي پاءُ مون کي چيو ته مون پاءُ کي چيو ته پئسن جو بندوبست تي ويو، انهيءَ جا پئسا نه ڪپن. منهنجو وڪيل ڪورٽ ۾ پهچي چڪو هو ڪورٽ کان تي اچي مون سان مليو. چيائين ته پهرين ڳالهه ته فريادي اندر اچي وڪيل جي ڳچيءَ ۾ پوندا آهن. سمجهايل سوالن جا الٽا جواب ڏيندا آهن پوءِ وڪيل پريشان ٿيندا آهن هي فريادي ڏسڻ ۾ به شڪي نظر اچن ٿا. مون وڪيل صاحب کي چيو ته اسان جي مقدم خان چيو آهي هاڻي اهي ڪورٽ ۾ بيان ڪونه ڏيندا. وڏيڪ هنن جي اندر جي خبر خدا کي آهي توهان جي مرضي انهن به وڪيل کي چيو ته بس اسان بيان ڪونه ڏينداسين بعد ۾ وڪيل صاحب چيو ته مان رشوت ڪونه ڏيان ها پر توهان جي چوڻ تي ڏيڻو پيو. جيڪو فيصلو ٿيل هو اهو توهان هلي هتي سان ڏيو. مان ۽ وڪيل گڏجي سرڪاري وڪيل پي پي کي پئسا ڏنا بعد ۾ ڪلارڪ جج جا پئسا ڪلارڪ کي ڏنا. پٽيوالا ۽ منشي کي ڏيئي فارغ ٿيا ته بعد ۾ مون کي سڏ ٿيو ته قيدي واحد بخش ۽ پيا. ان جا فريادي ۽ شاهد حاضر ٿين، اسان کي اندر بينچن تي ويهاريو ويو. جج جي سامهون فريادي کي سڏ ٿيو. وڪيل صاحب جي پهريائين سوال ۾ هو، وقلڻ لڳو ته وڪيل کي خبر پئي. ته نقصانڪار آهي. وڪيل صاحب ناهه وارو رستو بدلايو. پوءِ ته پير ڪوڙڻ به ان کي نه ڏنائين. انهيءَ کان پوءِ وڪيل صاحب انگريزي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو ان کان پوءِ جج صاحب اشارو ڪيو ته ڪلارڪ مون کي اٿي بيهڻ جو اشارو ڪيو. اسان اٿي بيٺاسين. جج صاحب چيو ته ڪورٽ سڀوري توهان کي باعزت بري ڪيو. وڪيل صاحب اچي مون کي ٻانهن کان وٺي چپ چاپ نڪرڻ جو چيو چو ته منهنجا مٽ مائٽ دوست گهڻا آيل هئا. مٽان ڪو نعرو هڻي گوڙ ڪن فريادي ڊر فتويٰ ٻڌندي الاءِ ڪاڏي ڀڃي نڪتا پهريائين ته مان وڪيل صاحب کي مبارڪ ڏني وڪيل صاحب به مون کي ڀاڪر پائي مبارڪ

ڏني هين مائٽن ۽ سئوٽن کي نہ وٽيو منهنجي ياري دوستي ۽ رهائي بعد ۾ منهنجي امڙ جي سئوٽ منهنجي مامي سيني کي هوٽل ۾ ماني ۽ چانهہ پياري بعد ۾ مون کي خان جي سئوٽ جي شادي تي وٺو هو. خان کي بہ خبر هئي تہ اڄ منهنجي فتويٰ آهي. شادي تي انتظار ڪرڻ لڳو. منهنجو سئوٽ جو پٽ هن جو نوڪر هو. ان کان هر ڪلاڪ کان پوءِ پڇندو رهيو تہ واحد بخش اڃا ڪونہ پهتو آهي الائي ڇا ٿيو فتويٰ جو. مان بہ شام جو وڏيري جي ڳوٺ وڃي پهتس. جتي مرشد بہ ويٺو هو. سائين وارا بہ انتظار ۾ هئا. مون کي ايندي ڏسي سئوٽ جي پٽ خان کي چيو تہ واحد بخش اچي ٿو. خان هن کي چيو تہ جيئن ئي هتي پهچي پهرين مون وٽ وٺي اچوس. ڇوڪرو منهنجي اڳيان آيو ۽ چوڻ لڳو تہ خان تنهنجي انتظار ۾ آهي. مون کي موڪليائين تہ پهرين مون وٽ وٺي اچوس. خان بنگلي جي اندر ڪمري ۾ کٽ تي سٽيل هو، حقو پي رهيو هو هڪ تہ خان پيرسن هو. جڏهن مان وڃي خان سان مليس تہ خان اٿي ويهي رهيو. ياڪر وجهي کٽ تي ويهاريائين. ٻاهريون سڀ راڄ ڏسڻ لڳا. مان فتويٰ جي آزادي جج جو ڪيس مان رهائي ڪرڻ جو ٻڌايو. خان ڏاڍو خوش ٿيو. ڇوڪري کي چيائين تہ ڇورا وڃي واحد بخش لاءِ چانهہ ڪٽي اچ. جنهن وڏيري جي ڇوڪرن جي شادي هئي انهن جي بہ مون سان دوستي هئي. شادي کان پوءِ مان ڳوٺ هليو ويس. هڪڙي رات جو منهنجو دوست آيل هو پري کان ڇوري تي ويل هئس تہ بعد ۾ تنظيم جا دوست آيل هئا. ڇوري ڪري مان سوير سان پنهنجي گهر آيس تہ اوطاق تي مهمان ستل هئا. مون امڙ کان پڇا ڪئي تہ ڪير آهن. امڙ چيو تہ هڪ سيد منل شاهہ آهي ٻئي جو نالو مانجهي عرف ظفر علي اوجڻ چون ٿا. منهنجي امڙ چانهہ تيار ڪئي. مان وڃي پهريان سائين کي اٿاريو تہ ٻيو دوست بہ اٿيو. سائين چوڻ لڳو تہ مڙندين ڪونہ. نيٺ رات ڪنهن غريب جو گهر لتاڙي آئين. چانهہ پيئندا ويا ڪچهري بہ هلندي رهي. مان گناهہ قبول ڪيو چوڻ لڳس تہ آئنده ڪونہ ٿيندو. مال ڪلو ۾ موٽائي ڏبي مهاندن کي مان اڳ ۾ ڪڏهن بہ مال ڪلو ۾ موٽائي ڪونہ ڏيندو هئس. ٽن ڇئن ڏينهن ۾ مال پاڳين کي مهاندا اڳ ۾ ڪري موٽائي ڏنو. مان هاڻي هٿيار گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏنا تہ ڪاري جي گهر تي چڙهائي ڪري گهر کي باهہ ڏبي جيڪو بہ گهر ۾ موجود هوندو ان کي مارڻو آهي. منهنجي دوستن کي خبر پئي تہ مان خون ڪرڻ وارو آهيان تہ تنظيم وارن اهو فيصلو ڪيو تہ

هن کي خون ڪرڻ کان روڪيو وڃي ڇو جو هڪ بهادر ۽ سچو ڪارڪن آهي. منهنجي وڏي ڀاءُ کي به خبر پئجي ويئي ته مان خون ڪندس. شام جو وقت هو مان اوطاق ۾ ستل هئس ته ڏٺم ته سامهون هڪ جيپ اچي رهي هئي. مون کي خوف ٿيو ته متان پوليس کي ڪنهن چرچ هنئي هجي. جڏهن جيپ اوطاق وٽ آئي ته پوليس ڪونه هئي ۽ دوست ٿيون ڊرائيور هو. چاڻ سڃاڻ ڪرايائون ته تنظيمي دوست هئا. اڳ ۾ منهنجي هنن سان واقفيت ڪانه هئي. هنن چيو ته اسان کي انجنيئر صاحب موڪليو ته واحد بخش کي وٺي اچو. اسان پڇائيندا آهياسون. رات جو صاحب چيو ته سائين وارا به ايندا. پهريائين ته مان جواب ڏنو ڇانهه تيار ڪري ڪٽي آيس ته هنن سان منهنجو وڏو ڀاءُ به ويٺو هو. ان به منهنجي ڳالهه ڪئي ته هو ضدي آهي رات يا سڀاڻي هنن جي گهر تي حملي ڪرڻ جي تياري ۾ آهي. هٿيار به گڏ ڪيائين، منهنجي ڀاءُ ٻڌايو. ڇانهه ٻي مون کي ڇيائون ته تيار ٿي ته هلون. نيٺ مون کي وٺي ويا. سج لٿي جو انجنيئر جي بنگلي تي پهتاسين ته پنجن منٽن کان پوءِ انجنيئر صاحب نڪري آيو. مون کي ڀاڪر پاتائين سيني سان لڳايائين. سمجهي ويو ته مڙس ماڻهو آهي. مون کي پٽڪو به ٻڌل هو. هن نوڪر کي حڪم ڏنو ته ڇانهه تيار ڪري ڪٽي اچ. ٻئي دوست جيڪي مون کي وٺي آيا سي موڪلائي هليا ويا. بعد ۾ سيد منل شاهه ۽ ٻيو دوست آيا تقريبن رات جا اٺ ٿيا. ڪچهري شروع ٿي مون کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائون. انجنيئر صاحب مون کي چيو ته ڪاروڪاري غلط رسم آهي معصوم ۽ بي گناهه جانيون ضايع ٿين ٿيون. سردارن جي غلط رواج ۽ غلط فيصلن جي ڪري. مون چيو ته غيرت جو معاملو آهي جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو پنهنجي زال کي ٻئي مڙس سان ڏسي ته به سڄي عمر اهو بي غيرت هجي. ٻئي مڙس سان ڏسي ته به ڪجهه نه چئي پلي پيو ان جي عزت کي هٿ وجهي. سڄي زندگي ماڻهو اکيون هيٺ ڪري هلي. صاحب چيو ته ائين ناهي غيرت پلي ڪري پر اهو سمجهڻ گهرجي ته عورت خراب آهي ته ان کي طلاق ڏي جو اهو هرهڪ مذهب ۾ آهي مون کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته مذهب ۾ به اهو آهي ته مڙس ٻئي سان ڏسي ته طلاق ڏي. مارڻ ان صورت ۾ جائز آهي ته جڏهن توهان اعتراض واري حالت ۾ ڏسي ته انهيءَ مهل جي ماري تو ته پلي جائز آهي باقي بعد ۾ مارڻ جائز نه آهي. مان ضد تي ته انهيءَ مهل هٿ ۾ هٿيار به نه آهي. انهيءَ کي اها خبر ناهي ته ڪو ڪنهن

جي زال ڪنهن سان ناجائز تعلقات ۾ هوندو ته هٿيار کڻي وڃي ماري. ائين چند واقعا ٿيندا آهن جڏهن ٻنهي کي گڏ ماربو آهي. رات جو دير سان ٿيئي دوست مون کي سمجهائيندا رهيا. ٻئي ڏينهن به سڄو ڏينهن مون کي سمجهائڻ ۾ گذري ويئي، وري ٻئي رات جو مون کي سمجهائڻ ۽ ڪچهري شروع ٿي. صاحب چوڻ لڳو ته واحد بخش ڏس ۽ سوچ سردارن. وڏيرن ڪڏهن نه پنهنجي زال يا ڀيڻ ڪاري ڪري ماري آهي. صرف غريبن کي غيرت جي نالي تي پنهنجن مفادن حاصل ڪرڻ خاطر استعمال ڪندا آهن. واحد بخش ڏس تون اسان جو دوست آهين جي تون خون ڪندين هڪ ته تنهنجو گهر به تباهه ٿيندو. ٻئي جو گهر به تباهه ٿيندو. انهيءَ ۾ فائدو ناهي. تون ڏس بهادري انهيءَ ۾ ناهي بهادري انهيءَ ۾ آهي ته ملڪ جي غريب هارين ۽ مزدورن جي لاءِ جدوجهد ڪجي جي دنيا جا نالي وارا ماڻهو جاگيردارن سردارن جي خلاف جنگ وڙهي آزادي ورتي سچي زندگي ڪاري قانونن خلاف وڙهندي آزادي ورتي، روس ۾ لينن ويٽنام ۾ هوچي منھ چين ۾ مائوزيتنگ. ڪافي ملڪن ۾ بهادر ماڻهن پنهنجا ملڪ آزاد ڪرايا آهن. اتي حڪومتون انهن غريب مسڪين ماڻهن جون آهن. ٿنهي دوستن جو زور انهيءَ تي هو ته مان خير ڪريان. آخرڪار مان خير ڪرڻ تي راضي ٿيس. خون ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪيم. مون ڪان صاحب ۽ سيد منل شاهه ٿنهي دوستن واعدو ورتو ته خير ڪندس. بعد ۾ سياسي ڪچهري ٿي. مان صرف ٽي درجا پاس هئس. پوءِ به مان عوامي واٽ تي ٻين ڪان سنو ڳالهايو ته انجنيئر صاحب مون کي ياڪر پائي چمي ڏني. ٻه ڏينهن ٻه راتيون مون کي خير منائڻ لاءِ گذريون. پوءِ مون جلد ئي خير جي تاريخ ڏني. خان ۽ سيد خير جي تاريخ تي اچي خير ڪيو. مون ڪان خان پڇيو ته تو سان جيڪي زيادتيون ڪيائون اهي ٻڌاءِ. مون چيو ته خان صاحب انهيءَ ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي زيادتي هوندي. منهنجي گهر جي بي حرمتي ڪان وڌيڪ ڪهڙي زيادتي هوندي بعد ۾ مرشد ۽ خان صاحب صلاح ڪري ٻنڌني وڌائي دعا گهري مون ماني تيار ڪرائي. ديگ چڙهي. سيني کي ماني ڪارائي خان ۽ مرشد ماني کائي دير سان هليا ويا.

(3)

هاڻي منهنجو ٽيون دور شروع ٿيو. مون سياست جي شروعات عوامي تحريڪ کان ڪئي. پيو تہ جهيڙن ۽ جهڳڙن سچائي جي ڪناري تي پهچايو هو. مون هاڻي سياست ۾ اچڻ ڪري چوريون ڇڏيون. منهنجو بابو بہ پوڙهو ٿي ويو هو. نہ ڪمائڻ جهڙو ۽ نہ وري مال چارڻ جهڙو. زمين بہ آبدي ڏيڻ کان جواب ڏنو هو. مان سياست ڪرڻ ۾ لڳي ويس. هي زمانو 1969 يا 1970ع جو هو. مان سياست ۾ اچي ويس. سياست بہ ڪندو رهيس ۽ هاريو بہ ڪندو رهيس. گهڻو وقت سياست ۾ ورڪر جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيس. مان ٿورڙي عرصي ۾ پنهنجي سچائي ۽ محنت جي ڪري ضلع ڪميٽي ۾ ميمبر طور منتخب ٿيس ۽ اتر سنڌ جو ميمبر ۽ انچارج هئس. مون کي انهيءَ دوران مختلف ضلعن ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. سنڌ جي هر ضلعي ۾ پارٽي جي تنظيم ڪاري ڪندو رهيس. منهنجي ٽين شادي سئوٽ جي گهر ٿي. جيڪا منهنجي پيڻ جي عيوض ۾ ڏنل هئي. جڏهن منهنجي مڱَ ڪي ونواهہ ۾ ويهاريو ويو تہ مان گهر ۾ ڪونہ هئس ۽ نہ وري مون کي ڪا خبر هئي. منهنجو پيءُ پريشان هو تہ مان الائي ڪاڏي ويس. مان اتر سنڌ جي سيل ميٽنگ لاڙڪاڻي مان ڪري جڏهن حيدرآباد پهتس. هيڊ ڪوارٽر تي مون کي ٻڌايو ويو تہ سيد منل.شاهہ جو فون آيو هو تہ واحد بخش کي جلدي موڪلجو ڇو تہ منهنجي شادي ۾ باقي ٽي ڏينهن هئا. مان رات جو روانو ٿيس. سڌو منل شاهہ وٽ پهتس. صبح جو منل شاهہ ڪلندي چيو تہ تنهنجو پاءُ آيو هو ٻئي ڏينهن نڪاح آهي گهوٽ گم آهي. دوست انهيءَ وقت مون کي ڪپڙا وٺي ڏنا. مان ڳوٺ روانو ٿي ويس. مان جڏهن ڳوٺ پهتس تہ امڙ، بابي پاڪر پائي روئي ڏنو تہ ابا تون ڪٿي هئين. جو ٻئي ڏينهن تنهنجي شادي آهي. مان هي شادي سادي نموني سان ڪئي هئي. صرف نڪاح تي ٻڪري ڪاهي ويس. صبح جو نڪاح ٿيو. مان واپس وڃڻ لاءِ چيو تہ سئوٽن چاچي چيو تہ ست ڏينهن رهي پوءِ وڃ. مان غلط رواج ٽوڙي زوري گاڏي ۾ ڪنوار ۽ ٽپڙ وڌا. سئوٽ ناراض ٿيا. اڳ ۾ بہ مون کان ناراض هئا. ڳوٺ آياسين ڪجهہ ويجهن

دوستن کي دعوت هئي شهر کان گوشت وٺي آيس، صبح جو دوست هليا ويا. تحريڪ جي سربراهه پٽي جي حڪومت ۾ جيل وڃڻ کان بعد ۾ 7 آگسٽ 1972ع ۾ ٽنڊي ضلعي جي جنگ شاهي ۾ لطيف جو ڏينهن ملهايو ويو. ڊاڪٽر فيروز احمد جي صدارت ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران جنهن ۾ اڪبر شاهه، شير خان لنڊ ۽ ٻيا ڪافي دوست شريڪ ٿيا. سڄي سنڌ مان ڪافي دوست آيا. ڊاڪٽر فيروز تمام هوشيار ۽ تنظيم ڪار ۽ محنتي ماڻهو. مان هڪ ڏينهن اڳ ۾ وڃي تياري ڪئي. جنگ شاهي ۾ 9 جنوري 1977ع تي سنڌي هاري ڪميٽي جي ڪنوينشن شير خان لنڊ جي ڳوٺ ميرپور ٻٺوري ۾ ٿي هئي منهنجي تقرير جي تياري ڪرائڻ ۾ انجنيئر صاحب جو وڏو هٿ هو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان هاري ورڪر آيل هئا. جڏهن مون کي اسٽيج تي سڏ ٿيو، مان تقرير ڪرڻ لاءِ اسٽيج تي ويس. مائيڪ جي اڳيان لڪت ۾ تقرير جا پنا هئا. پهريائين مان ٿورو لڏڻ لڳس پوءِ پاڻ کي سنڀالي ويس. جڏهن تقرير ڪري لٿس ته انجنيئر صاحب اچي مون کي ڀاڪر پائي مبارڪ ڏني ته ڪنهن کي اميد به نه هئي ته تون تقرير ڪري ويندين. پر مون کي اميد هئي ته تون سٺي تقرير ڪري ويندين. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي جنهن ۾ منل شاهه به گڏ هو. بعد ۾ مون کي به اسٽيج تي ويهاريو ويو. پهريائين ڊاڪٽر فيروز، شير خان لنڊ، ڊاڪٽر غفار قاضي، قوٽو رستماڻي، جمع نوحاڻي، علي محمد سوڍو اسٽيج تي ويٺا هئا. پنجاب کان آيل امتياز عالم به وفد سان آيل هو. مون تقرير ڪئي جيڪا جيئڻ جو ٿيڻ هيٺ ڏجي ٿو.

تاريخ شاهد آهي ته زميندار، سرداري ۽ جاگيرداري سرشتو پورهيت عوام جي ڳچيءِ ۾ ڳٽ ثابت ٿيو آهي. عوام جون تخليقي، پيداواري قوتن تي هي نظام وڏا ڏاڙا هڻي ٿو. دنيا جي ٻين ڪيترن ملڪن ۾ پورهيت ٻڌي ڪري زميندار خلاف جدوجهد ڪري زميندار لعنت کان آزاد ٿي اڳتي آيا.

تاريخ ۾ آهي ته دنيا جي ڪنهن به ملڪ جي پورهيت عوام زميندار نظام کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ کان سواءِ اڳتي وڌي نه سگهيو آهي. زميندار نظام هڪ مدي خارج نظام آهي جيڪو سنڌ جي عوام تي صدين کان مڙهيل رهيو آهي. سنڌي زميندار سنڌي عوام خلاف هڪ وڏي سازش ۽ سنگين جرم ۾ مبتلا رهي ٿو. سنڌي پورهيت جو وڏو قاتل پهرين نمبر جو مجرم ثابت ٿيو آهي. هو پنهنجي نيچ مفادن جي ڪري ڌارين سامراجن سان

ڳڏجي سنڌي قوم ۽ سنڌي پورهيت تي ڦر ۽ لٽ صدين کان مچائي وينو آهي. هي سنڌ جو پورهيت ۽ قوم جو پهريون نمبر ڦورو آهي. سنڌي عوام کان پنهنجون زمينون کسي ۽ سنڌي عوام کي تعليم کان محروم رکڻ هن جي پورهئي کي ڌارين سان ڳڏجي ياڳي پائيوار ٿيو آهي. ڌارين کي گهرائي نوڪريون ۽ زمينون ڏياري سنڌي ماڻهن جي گذر جا وسيلا کسي سنڌ جي پورهيت کي بکيو ۽ اگهاڙو رکيو آهي. وڏيرن سنڌ ۾ سئو روپ ڌاري پنهنجي ڦر کي جاري رکيو سنڌي عوام کي دوکو ڏيئي ڦر جا نوان طريقا قائم رکڻ چاهيا. ڪٿي ڌاڍ سان ڪٿي سياسي حاڪميت هٿ ڪرڻ سان ڪٿي دلالي ڪرڻ سان ۽ ڪٿي قبائلي ناتا قائم رکڻ سان ڪٿي فريب ڪري ڪٿي سوشلسٽ تي وينو آهي ۽ ڪٿي قومي تحريڪ جو علمبردار تي وينو آهي. مطلب ته سنڌ جي هاري سان ويساهه گهاتي ڪري سنڌي عوام وٽ تاريخي مجرم آهي. سنڌ جو هاري صدين کان وٺي ماريل ۽ هيسايل رهيو آهي. دنيا جي ٻين پورهيتن وانگر هن تاريخ ۽ جدوجهد ۾ پڻ حصو ورتو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ سنڌي هاري اڪيلي سر گهڻا دفعا بغاوتون ڪري چڪو آهي. پنهنجي طبقاتي آزادي لاءِ رت ڏيئي ويڙهه ڪيو آهي. اسان پري جو وڃون صرف جتي اسين اڄ بيٺا آهيون ان کان ڏهه يا ٻارهن ميل پري سنڌ جي هاري مغل فوجن جو منظم طريقي سان ٽڪر ڪاڏو. انهيءَ وقت مغلن جي فوجن سنڌي وڏيري سان ڳڏجي سنڌي پورهيت جو رت وهايو. سنڌ جي تاريخ اهڙن ڪيترن ننڍين وڏين هاري بغاوت کان پرپور آهي. سنڌ جي هاري تحريڪ هن صديءَ ۾ اٽڪل 40 سال اڳ شروع ڪئي وئي هئي پر ناتجربيڪاري ۽ عملي ڪمزوري جي ڪري يا تحريڪ سنڌي پورهيت جي جملي امنگن جي نمائندگي ڪري نه سگهي. هن جي عملي ميدان ۾ غائب ٿيڻ جا وڏا سبب اهي هئا ته مفاد پرستي تي هن جو بنيادي زور هو. پورهيت هاري طبقي مان ننڍڙا وڏيرا پيدا ڪرڻ ۽ ٻيو سنڌن روز روزمره جي معاشي مسئلن تي زور رکيو ويو ۽ طريقه ڪار سندن نظرياتي ڪچائي جي ڪري محدود رهيو. نتيجي طور مان اهي انقلابي لاڙا جيڪي هاري تحريڪ يا پورهيت تحريڪ جيڪي بنيادي طرح سان پاڻ سان ڳڏ ڪٺنديون هيون، اهي ايري نه سگهيا. نتيجو اهو نڪتو ته اها هاري تحريڪ سولائي سان وڏيرا ۽ ڪامورا هضم ڪري ويا. اهو ڄاڻ ضروري آهي ته هاري تحريڪ جو بنيادي جزا انقلابي لاڙا ضروري آهن آءُ ائين ڪونه ٿو

چوان ته ننڍڙا معاشي مسئلا ننڍڙي فتحن لاءِ اهي ضروري نه آهن پر اصل مقصد تحريڪ هئڻ گهرجي.

طبقاتي اٿل پتل جي ڪري هيل تائين ٿورن وڏيرن ڪامورن ۽ ڏارين گڏجي سنڌي گهڻائي واري پورهيت طبقي تي حاڪميت ڪئي آهي اسان جي سوچ ۽ ويچار مستقل انقلابي ٿيڻ گهرجي سڀ پورهيت گڏجي ٻڌي ڪري ٿورائي واري طبقي کان حاڪميت کسڻ گهرجي سنڌي عوام جو واسطو هارپ سان آهي مان دعويٰ سان چوان ٿو ته سنڌي قوم جو مسئلو هارين جو مسئلو آهي ۽ اڳواٽي پڻ پورهيت هارين کي ڪرڻي آهي. مان سنڌي هاري ڪاميٽي جي ٻن ٽن نڪتن تي توهان پائرن سان وضاحت ڪرڻ گهران ٿو پر زرعي زمين جي سنڌارن وارو ڍنگ هاڻي 34 هزارن کان گهٽائي 8 هزارن تائين آندو ويو پر انهيءَ سان زميندار سرشتي کي بجاءِ نقصان جي وڏو فائدو ٿو پهچي زمينون کوڙن نالن تي الاٽ ڪرائي يا مسڪينن هارين جي نالي بدران وڏيرو ڏگهي مقاطعي تي وٺي هارين جي نالي تي لکين روپيا قرض بينڪن کان وٺي ۽ وڏيرو ٻنهي طرفن کان فائدا وٺي هڪ طرف زمينون واپس نه ڏيڻ وارو قرض وٺي ٻئي طرف زمين جي ديري تي قبضو قائم ڪري وينو آهي. نسوري ٺڳي ۽ دولابو آهي مان منشور جي تائيد ڪندس سنڌن في ڪٽنب 135 ايڪڙ ڏنا وڃن. مان وري چوندس ته انهن بي قائدگين ۽ ٺڳين جي ڇاڻ هاري ورڪرن کي هڪ هڪ ديهه هڪ هڪ تعلقي ۾ هئڻ گهرجي ۽ مرڪز کي اهڙا تنظيمي اپاءَ وٺڻ گهرجن پيو وڏيڪ وڏيراشاهي ۽ ڪاموراشاهي سنڌ ۾ مختلف بهانن سان ٻاهران ماڻهو گهرائي سنڌ جي پورهيت هاري کان جيڪو حق کسيو آهي انهي سازش خلاف جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

نمبر ٽيون قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلي ۽ ٻين مقامي ادارن ۾ طبقاتي آدمشماري جي بنيادن تي سيٽون ڏيڻ گهرجن سنڌ ۾ اسي سيڪڙو هاري آهن ته سيٽون به اسي سيڪڙو هارين کي ملڻ گهرجن اهو غلط جمهوريت آهي هارين جو نمائندو وڏيرو هجي اسان چئون ٿا ته هارين جو نمائندو هاري هجي مزدور جو نمائندو مزدور هجي ۽ آخر ۾ مان پنهنجي پنجاب سرحد، بلوچستان جي پورهيت اڳواڻن نمائندن کي عرض ڪندس ته هو پنهنجن سچن دوستن ۽ دشمنن کي سڃاڻن ان جي خلاف سنڌن جدوجهد هلائين اسان انهن جي جدوجهد ۾ گڏ آهيون انهن کي اهو خيال رکڻ گهرجي ته پنجابي چوڌري ۽ ٻين

ڦورو طبقن جي سازش کي سمجهڻ ۽ سنڌي پورهيت سان تعاون ڪري سنڌي پورهيتن جي وسيلن تي قابض نہ ٿين مان انهن پنجابي خانن ۽ چوڌرين جي سازش کان پورهيت پائرن کي آگاهہ تو ڪريان. جيئي سنڌ جيئي پورهيت عوام.

مان جيئڻ تہ سيني محاذن تي ڪم ڪرڻ مختلف هنڌن تي ڪم ڪرڻ مختلف ضلعن ۾ جن ۾ جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو، سکر، دادو، ٺٽو، بدين ضلعن ۾ تنظيم ڪم ڪيو ضلعي ميٽنگ ڪرڻ اپر سنڌ جو انچارج هئس. شڪارپور ۾ محمد پريل مري ۽ جاويد پٽو وٽ رهندو هئس ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر غفار قاضي وارهہ ۽ ماهوٽن ۾ ملڪ آگاڻي ۽ شوڪت ڪيهر وٽ ۽ نثار آگاڻي ماهوٽا ڳوٺ ۾ سکر ۾ نثار مگريو، ابراهيم، سارنگ چنہ وٽ سيني ضلعن ۾ ڪم جي ڪري دوست عزت ڪندا هئا. 23 جنوري 1977ع تي هاري اڳواڻ شير خان لنڊ، حسن جتوئي، ماستر يوسف ڪيڙانو کي پوليس گرفتار ڪيو، ڊي پي آر جي قلم 42(6) 49 هيٺ 24 جنوري 1977ع تي اسماعيل سوهو ۽ منو راهو گرفتار ڪيا ويا. منو راهو کي بدين پوليس ۽ اسماعيل سوهو کي ٺٽي مان گرفتار ڪيو ويو هو. مان بہ ٻنوري شير خان جي ڳوٺ پهتس.، دوست جي گرفتاري جو ٻڌي پارٽي جي فيصلي مطابق جلسا، جلوسن جي اڳواڻي ڪئي. سنڌي هاري ڪاميٽي جي گڏجاڻي ميٽنگ 16 اپريل 1977ع تي حيدرآباد ۾ تي جنهن ڦوٽو رستماڻي، علي سوڍو، خدا ڏنو خاصخيلي، لعلو عاقلاڻي، گهرام مير جت، امين خاناڻي، جمع نوحاڻي شريڪ ٿيا. تنظيمي معاملن ۽ سنڌي هاري ڪاميٽي جي ڪنوينر شير خان لنڊ جي گرفتاري، رسول بخش پليجو، فاضل راهو، اسماعيل سوهو، ابراهيم منشي، محمد شاهہ، ابراهيم ميمڻ، ابوبڪر زرداري، غوث بخش خاصخيلي ۽ ٻين جي آزادي جو قرارداد پاس ڪيو اخبارن ۾ ۽ آزادي جو مطالبو ڪيو ويو ۽ مختلف شهرن ۾ جلسا جلوس ڪيا ويا. 18 آگسٽ تي نامي نامينيشن پيپر ڀرايا ويا ٺٽي مان سنڌي عوامي تحريڪ پاران 71 ٺٽو شمس الدين پي ايس 72 ميرپور ساڪرو مان عبدالقادر لاشاري، پي ايس 75 مان ميرپور ٻٺورو مان اسماعيل سوهو ۽ بدين ڪڙيو گهنور مان فاضل راهو انهي دوران عوامي تحريڪ جي نامزده انهيءَ سيني اميدوارن جي اليڪشن ورڪ ۾ فاضل راهو جي چاچي سان گڏجي ورڪ ۾ ڳوٺن واهڻ شهرن ۾ جلسن ۾ فاضل راهو جي

ڪاميابي لاءِ خطاب ڪيو ڪجهه عرسي ڪان بعد ۾ پارٽي جي فيصلي مطابق ميرپور بٺوري ويس اسماعيل سوهو جي تڪ پي ايس 75، ميرپور بٺورو اليڪشن ڪئمپ شير خان لنڊ جي ڳوٺ سعيد واهه ڏينهن جو ورڪ رات جو موٽي واپس سڀ ڪئمپ تي ايندا هئاسون. اليڪشن ڪئمپ جو سربراهه ڊاڪٽر فيروز احمد ۽ لڪانو ڀهراڻي، شير خان لنڊ ۽ جمال الدين لنڊ هئا.

اليڪشن مهم دوران ميرپور بٺورو ۾ هڪ جلسو رکيو ويو هو جنهن حڪومت جي طرف کان 144 قلم لاڳو ڪيو ويو. جلسي جي تاريخ تي رات جو وڏي تعداد ۾ فوج ۽ ضلعي جي پوليس پهچي چڪي هئي. حڪومتي ڏر پڪو پهه ڪيو هو ته جلسو ڪرڻ نه ڏينداسون. رات جو اسان به ميٽنگ ڪئي، ڊاڪٽر فيروز احمد جي سربراهي ۾ جنهن ۾ طئي ڪيو ويو جلسو ڪنهن به صورت ۾ ڪرڻو آهي صبح جو رات جو لنين ۽ بانڻن ۾ لڪيل مطالبا لڳايا ويا. سون جي تعداد ۾ جو هٿيار طور استعمال ڪيا وڃن جلسي جي ٽائيم تي بيل گاڏين ۾ مٽان گاهه وجهي پهچايو ويو. سيني جي هٿن ۾ لنين سان مطالبا هجڻ پوليس ۽ فوج جي چوڪسي ناڪابندي باوجود جلسي گاهه ۾ پهچي ويا جلسي جي ٽائيم تي سيني جي هٿن ۾ بئنر، جهنڊا، هرهڪ جي هٿن ۾ هئا. پوليس ۽ فوج به وڏي تعداد ۾ جلسي گاهه ۾ پهچي چڪي هئي. ورڪرن جو حوصلو ڏسي گهبرائجي ويا چئوطرف گهيراءُ ڪري بيٺا. جلسي جي ڪارروائي شروع تي ورڪرن انهن لنين ۾ مطالبا هٿن ۾ ڪٺي نعرا ۽ جهمريون هٿندا ميدان ۾ بيهاسون خاص ڪري لنڊ برادري، پوليس آفيسر رڙهندو اچي مڻهنجي . جمال الدين لنڊ کي چوڻ لڳو ته اسان کي جلسي نه ڪرائڻ جي آرڊر تيل هو جلسو ڪر؟ڻ نه ڏيو پر توهان به اسان جا پنهنجا آهيو وڏيڪ ڳڙ ٻڙ نه ڪرايو مان ۽ جمال الدين لنڊ به خاطري ڪرائي ته توهان به پرامن رهو ۽ اسان به پرامن رهنداسون جي فوج پوليس ڳڙٻڙ ڪئي ته ذميوار توهان پاڻ هوندا، جلسو خير خوبي سان تي گذريو ۽ وڏي تعداد ۾ ماڻهو آيا هئا جلسو ڏسي ماڻهن مان خوف حراس ختم ٿيو ان جلسي وڏو اثر ڇڏيو ماڻهن ۾ ته ليڊر سڀ جيل ۾ هئا ماڻهو الائي ڪٿان آيا سر سان ڪفن ٻڌي.

ڊاڪٽر فيروز احمد سان گڏجي اپر سنڌ ۾ تنظيمي دورو ۽ تنظيم تي ليڪچرن جو پروگرام ڪيو ويو. 10 اپريل 1977ع تي سکر شام جو 5 بجي ڊاڪٽر فيروز احمد پهتو رات جو سکر جي دوستن سان ڪچهري تي، 11 اپريل

1977ع تي صبح جو تنظيم تي ورڪرن کي ليڪچر ڏنو. ڊاڪٽر فيروز احمد شام جو سکر کان ڪنڌڪوٽ پهتاسون ملڪ نذير ۽ خان عبدالقيوم ملڪ، نبي بخش ملڪ وٽ رات جو دوستن ڪچهري ٿي. 12 اپريل 1977ع تي صبح 10 بجي ڪافي دوست پهتا منصور عباسي، انجنيئر منل شاهه، عبدالرزاق دستي، ڪنعيا لال. ڊاڪٽر فيروز احمد تنظيم تي ليڪچر ڏنو ته تنظيم ڇا آهي؟ جسم سان پيٽ ڏيندو هو ۽ مارڪسي ۽ لينن ازم تي سوشلزم جي اصولن تي ٻڌل هوندو هو. شام جو 5 بجي شڪارپور پهتاسون محمد پريل مري، شاهد پنو وٽ رات جو تنظيم تي ليڪچر ڏنو ويو 13 اپريل 1977ع تي لاڙڪاڻي، وارهه ۾ ڊاڪٽر قاضي غفار وٽ پهتاسون. جنهن ۾ ڪافي دوست شريڪ ٿيا. ماستر ڪنعيا لعل عرف لعل، ملڪ آگاڻي، شوڪت ڪيهر، رجب، منور ڪيهر. ڊاڪٽر فيروز احمد تنظيم تي ليڪچر ڏنو. جڏهن ته ليڪچر ختم ٿيڻ کان بعد ۾ ماستر ڪنعيا لعل چيو ته ڊاڪٽر فيروز احمد، بنگلاڻي توهان جيڪي سرگرميون شروع ڪيون آهن اهڙن ليڪچرن جو پروگرام ڪيو پيا مگر توهان کي تحريڪ جو سربراهه هضم ڪندو مشڪل آهي سربراهه جي جيل وڃڻ کان بعد ۾ جيڪي سرگرميون توهان ڪيون آهن ۽ تنظيم ڪاري ڪئي آهي ان کي ته صرف پنهنجي گرد ماڻهو جمع ڪرڻا آهن. صرف ڏيکارڻ لاءِ. جيڪي توهان ليڪچر ڪيا آهن سي هڪ انقلابي ڪميونسٽ نظريي ۽ ڪميونزم ۽ لينني پارٽي جي ڏنل پروگرام مطابق ۽ سائنسي سوشلزم جو آهي، ان ڪري تحريڪ جو سربراهه توهان کي هضم ڪرڻ مشڪل آهي ڪونه ڪندو رات جو هڪ کلي ڪچهري ڪئي ويئي ڪافي ماڻهو آيل هئا لعلورائڪ ۾ غفار وٽ.

14 اپريل 1977ع جو صبح جو ڊاڪٽر فيروز احمد ڪراچي موڪلائي ويو مان پنهنجي ڳوٺ ويس نل تي چار ڏينهن گهر رهي بعد ۾ اسماعيل سوهو ۽ فاضل راهو جي اليڪشن ورڪ لاءِ نڪتي ۽ بدين ويس بعد ۾ فيصلو ٿيو ته مان اسماعيل سوهي جي تڪ ويس ورڪ ڪندو رهيس جو عالم شاهه اسان کي ٻني ڇڏي آيو جنهن ۾ جبل به گڏ هو ورڪ ۾ ڳوٺن ۾ ڪچي ۾ اليڪشن کان ٻه ڏينهن اڳ ۾ اليڪشن ڪئمپ ۾ شير خان جي ڳوٺ گڏ ٿياسون اليڪشن کان هڪ ڏينهن اڳ شام جو حمزو پليجو سان گڏجي ابڙال پولنگ لاءِ وياسون رات جو پنهون ترڪ وٽ رهياسون صبح جو اسان کي پنهون ترڪ جيپ تي ابڙال

پولنگ تي چڙدي واپس ويو جڏهن تہ اتان جا ماڻهو مون کي حيراني سان ڏسي رهيا هئا تہ هيءَ همراه اوپرا آهن مان ماڻهن ۾ گهمندو رهيس ان پولنگ ۾ هڪ ووٽ جو بہ آسرو گهٽ هو سپ ووٽر چانديا هئا پيٽي جا شيدائي هئا انهن اهو فيصلو ڪيو هو تہ بين اميدوارن جي ايجنٽن کي اغوا ڪري ڪٽي ويندا هئا حمزو پليجو تہ وچي اندر وينو مان ٻاهر گهمندو رهيس اجا ٽائيم بہ ڪونہ ٿيو هو اسان اڳ ۾ پهچي چڪا هئاسون مان گهمندي هڪ ننڍڙي هوٽل تي وڃي چانهہ پيئڻ لاءِ ويٺس تہ هڪ اڌڙوٽ همراه اچي منهنجي پاسي سان وينو پڇا ڪرڻ لڳو تہ جوان مڙس ڪير آهين ڪٿان جو آهين مان نڪ پڪ جلدي ۾ جواب ڏنو تہ مان بروچ آهيان ان وري چيو تہ ڪٿان جو بروچ آهين بعد ۾ مان جواب ۾ چيو تہ مان معرفاڻي چانديو آهيان جيڪب آباد جو جنهن پڇا ڪئي اهو بہ چانديو هو سچو گوٺ چاندين جو ڪو هيڪڙ بيڪڙ ڪو بيو ذات وارو هجي تہ تہ سپ چانديا هئا چانهہ پي پئسا ڏيڻ ويس تہ همراهہ هوٽل واري کي پئسن وٺڻ کان منهہ ڪئي تہ مائٽ کان پئسا نہ وٺ مان بہ زور ڏنو پئسا ڏيڻ لاءِ چيائين تہ مائٽ تون اسان جو مهمان آهين جي بيو هجي ها تہ هتي ويهڻ بہ ڪونہ ڏيون ها انهي ڪري تون پنهنجي ذات وارو نڪري پيئين هاڻي تون مزي سان گهمہ ڦر پر هتي ووٽ جو آسرو نہ ڪر بعد ۾ پولنگ شروع ٿي ٽائيم سان حمزو پليجو اندر ايجنٽ ٿي وينو هو. منهنجي ڊيوٽي اها هئي تہ ٻاهر گهمہ ڦر جو جڏهن ان اڌڙوٽ ماڻهو بين سان ڳالهہ ڪئي تہ هي اتر سنڌ جو مارفاڻي چانديو آهي بعد ۾ مان سان ڪافي پوڙها نوجوان ملندا رهيا ذات جي ڪري بيو تہ مان مارفاڻي پاڙو تمام ويڙهاڪ پاڙو چاندين ۾ آهي بعد ۾ چوڻ لڳا تہ مائٽ تنهنجي ڪري مڙي بہ ٿي ووٽ توکي ملندا. مان گهمندو رهيس ٻاهر بعد ۾ خبر پئي تہ اندر حمزو پليجو چئلينج ووٽ تو ڪري پيپر ڪري رهيو آهي جڏهن مان اندر ويس وچي حمزي کي سمجهايو تہ هن الاءِ ڪيترا ووٽ چئلينج ڪيا مان هن کي سمجهايو تہ ڪيترا ووٽ چئلينج ڪندا چئلينج ڪرڻ بند ڪيم.

جڏهن پولنگ ختم ٿي تہ ماني جو بہ وقفو ٿيو ماني جي وقفي کان پوءِ ڳڻپ شروع ٿي تہ مان ٻاهر ڪمري ۾ بينچ تي هڪڙي فوجي سان ويٺي ڳالهيون ڪري رهيا هئاسون تہ فوجي هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳو جڏهن تہ مان دريءَ کان وينو هئس پٺ ڏيو دري جي ٻاهران هڪ نوجوان پرسان ڇري هٿ ۾

ڪنيو بيٺو هو تہ مان منهن ورائي ڏٺو تہ هڪل ڪري چيم تہ خبردار جو هٿ
وڌايو اٿئي پر ٻڌي ڇڏ هٿ لاهڻ ڪان اڳ ۾ سئو ڀيرا سوچ جي هٿ لاٿئي تہ هن
شهر ڳوٺ جو خير نہ گهرجانءِ سالن تائين بارود جي ڏپ ڪونہ ويندئي مٿان
سمجهين تہ اڄ هتي مان هڪ آهيان جڏهن جوان پلاٽد لاءِ ايندءِ تہ هي ڳوٺ
بارود جو ڍير بڻجي ويندءِ تہ فوجي بہ اٿيو تہ ان نوجوان رسي کي ڪپڻ لڳو تہ
چيائين تہ مان رسي ٿو ڪپيان تہ ٻيا بہ ماڻهو گڏ ٿي ويا فوجي بہ مان سان گڏ
ٻاهر نڪري پر هو اڳ ۾ ڀڄي ويو هو ٻين اتي جي ماڻهن چيو تہ ادا توڪي ڇو
ماريندو مائٽ اسان کي خبر آهي تہ توهان اپر سنڌ جا آهيو اسان جو پاءُ آهين
اڪين تي لتون ڏي جي ٻيو هتي اچي ها تہ جيئرو ڪونہ وڃي ها پر تنهنجي
ڪري ٻيا بہ اسان جا پائر آهن بعد ۾ فوجي سپاهي ڪرسي منهنجي پرسان
رکي ويهي رهيو. ڳٽپ تي وئي اتي سڄ لهي چڪو هو مڙيئي تورا ووٽ مليا
هئا هاڻي مان کي ۽ حمزو پليجي کي سواري جو انتظار هو اتي ڪوبہ سواري
جو بندوبست ڪونہ هو پنڌ گهڻو پري هو 8 بجي رات جو پولنگ تان فارغ
ٿياسون بعد ۾ اهو سوچيوسون تہ پنڌ تورو اڳيان اڳيان آياسون تہ مختيارڪار
اچي رهيو هو جيپ تي جيڪو فوجي سپاهي مان سان گڏ هو ان مختيارڪار
کي چيو تہ هي بہ ميرپور بٺورو هلندا هنن وٽ سواري ڪونہ آهي جيپ ٻيهاري
اسان کي کنيائين 12 بجي ميرپور بٺورو پهتاسون ان مختيارڪار ۽ فوجي
سپاهي جو تورو مڃي شير خان جي ڳوٺ پنڌ پياسون رستي ۾ ڪل پوڳ ڪندا
تہ اسان اڄ خير سان بچيا آهيون ۽ پئدا ٿيا آهيون جو پنهنجي مڙسي سان
جڏهن شير خان جي ڳوٺ پهتاسون تہ محمد خان مجيدي اسان کي ڏسي ڇوڻ
لڳو تہ منهنجا پاڳيا آيا ساڳيا دوست انهيءَ ويچار ۾ هئا تہ ڊاڪٽر فيروز
احمد اچي تہ ٻنهي دوستن جي جاچ ڪرڻ ڪپي تہ سواري ڪونہ ملي دير
ڪيائون الاءِ اغوا ٿي ويا ماريا ويا انهي ۾ اسان بہ پهچي وياسون دير سان
ڊاڪٽر فيروز احمد بہ شير خان جي ڳوٺ ڪئمپ تي پهچي ويو لڪانو ٻهلاٽي
بہ اتي دوستن چيو تہ اسان کي اهو خطرو هو تہ توهان کي اغوا ڪري ماريندا.
پر ٻين پولنگن ۾ جهيڙا ٿيا مجيد ۽ ابراهيم سوهو کي بہ مار ڪٽ ڪيائون
زوري ٽپا هنيا ويا. ڪوبہ اسان جو اميدوار ڪامياب ڪونہ ٿيو.

ڊاڪٽر فيروز احمد ميٽنگ ۾ چيو ۽ فيصلو ڪيو هو تہ واحد بخش
توهان جي گهر جي مالي پوزيشن کي ڏسي ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ

CamScanner

ڪيو ته جيڪي اتحاد جي مخالف آهن اهي هٿ هيٺ ڪن ۽ جيڪي حق ۾ آهن اهي مٿي ڪن وري راءِ شماري ٿي ته پليجو صاحب سيني ڪان هٿ مٿي ڪنيو سڄي هال مان صرف ستن دوستن هٿ مٿي ڪنيا جيڪي پهرين هٿ هيٺ ڪيو اتحاد جي حق ۾ اتي پليجي صاحب ڪاوڙ مان اتي ڪانفرنس جي پڄاڻي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي علائقن ڏانهن روانو ٿي ويو. ڊاڪٽر فيروز مون کي چيو ته ماسٽر ڪنعيا لعل جو چوڻ سچ ثابت ٿيو آهي جيڪو اسان کم ڪيو هن جي چڻ ته پروگرام ۾ ئي ڪونه هو مان انهيءَ ڪري اتي ويو هئس هي ڪانفرنس جو ڪو مقصد ڪونه هو جواب ۾ مان ڊاڪٽر فيروز کي چيو ته هن ڪانفرنس جا جيڪي نتيجا نڪرندا ڪجهه ڏينهن ۾ مان ته خوش آهيان ڊاڪٽر صاحب بعد ۾ مان ڳوٺ روانو ٿيس حيدرآباد ڪان جيڪب آباد.

هفتي جي اندر مان کي اچي هڪ ليٽر مليو ان ۾ لکيل هو ته توکي پارٽي جي تنظيم کان هٽايو ويو صرف هارين ۾ ڪم ڪندا بعد ۾ مان ڪتاب جي ڪري حيدرآباد ويس ڪتاب جو نالو هو ويتنامي ڪهاڻيون ڪتاب رولي ۾ هو ان ڪري ويس پليجي صاحب سان مليس ڪتاب جي باري ۾ چوڻ لڳو ته تون هاري آهين تنهنجو ڇا هو ڪتاب ڇپائڻ ۾ اهو ڪم اديبن جو هو بعد چند ڪتاب پريس انچارج ڪٺي پريس جي هڪ سئو ڪاپيون اچليون روڊ تي ڪٺي وڃ ڪتاب ڪٺي ڳوٺ آيس جن دوستن پئسا ڏنا هئا جڏهن ته مان فاضل راهو وٽ ويس ته فاضل راهو پنهنجي گهر ڪجهه پئسا مني آرڊر ڪري موڪليا ۽ ڪجهه ڪتاب ڪپائي ان دوستن جي پورت ڪئي ۽ ڪجهه مان کي گهران پرٽا پيا پري ڏنم هڪ هزار ڪاپي مان صرف هڪ سئو ڪتاب مليا باقي تحريڪ وارا ڪائي ويا. جن دوستن پئسا ڏنا هئا ڪنعيا لعل سنڌ ميڊيڪل ٿل ۽ ٻيو دوست جٽرام غوٿپور بينڪ ملازم هو ان پئسا ڏنا هئا وري ٻيو ليٽر ستت اچي مليو ته جن ۾ 13 نڪتا لکيل هئا. 7 نڪتي تي لکيل هو ته مولا بخش کوسو (شعبان) جي غداري جي نتيجي ۾ جن ماڻهن مولا بخش کوسي جو سات ڏنو سازش ۾ شامل آهن انهن جا نالا لسٽ ۾ ڏنا وڃن ته انتظامي قدم کڻجي اهو ليٽر ملڻ کان بعد ۾ مان حيدرآباد ويس فاضل راهو جي جاءِ پناڻ ڪالوني جن ۾ بار به رهندا هئا فاضل راهو جا ٻه پٽ ننڍڙا هئا اسلم راهو ۽ اسماعيل راهو اتي مولا بخش کوسو به فاضل راهو وٽ رهندو هو ۽ محمد علي

ٽالپور مولا بخش کوسو سان مليس هال احوال ورتا.

مولا بخش کوسو ۽ مير محمد علي ٽالپور جو چوڻ هو ته هيرآباد ۾ فاضل جي جاءِ تي عورتن جي ڪانفرنس هئي ان جي ذميواري منهنجي ۽ زرينا بلوچ ۽ اسلم پرويز جو هو اسلم پرويز زرينا بلوچ جي اڳوڻي مڙس مان هو اهي ذميوار هئاسون انهن چيو ته رات جو هڪ بجي پليجو آيو سڄي سنڌ ۾ انهيءَ غير ذميوارانه حرڪت جي ڪري زرينا بلوچ مولا بخش ڪوسو سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪيو. ٻئي ڏينهن صبح جو مان پليجو صاحب سان مليس لطيف آباد جي جاءِ تي جڏهن مان مولا بخش ڪوسو ۽ زرينا بلوچ جي باري ۾ عورتن جي ڪانفرنس جي باري ۾ سوال ڪيو ته ڳالهه گول مول ڪرڻ لڳو ۽ قصوروار مولا بخش ڪوسو ۽ زرينا بلوچ ۽ فاضل راهو کي ناهرايائين سچو قصو ظاهر هو ته پليجو قصوروار هو پر هو ليڊر هو جو چوڻ وارو ڪونه هو. جڏهن مان حيدرآباد ڪان ڳوٺ ٽل پهتس ته ٻئي ڏينهن تي ليٽر مليو ان ۾ لکيل هو ته خارج ڪيو ويو توهان کي پارٽي مان ته اڳ ۾ ڇڏي چڪو هئس سنڌي عوامي تحريڪ کي هنن تڪليف چو ڪئي ان دوست کي به چيم ان ليٽر ڪٽي آيو ان کي اڳ ۾ به خبر هئي ته مان نڪري چڪو آهيان صرف ڦڪائي ۾ ڪلي رهيو هو دوست.

بعد ۾ مان ۽ ڪجهه دوست لاڙڪاڻي وارهه ۾ ڊاڪٽر قاضي غفار جي اليڪشن ورڪ ۾ جو سائين ماسٽر ڪنعيا لعل ڊاڪٽر قاضي غفار جي دوستي جي ڪري وياسون واره ۾ شام جو جلسو رکيل هو جن ۾ پليجو صاحب به پهچي ويو هو جڏهن تقريرون شروع ٿيون ته ملڪ آگاڻي ۽ شوڪت کيهر ٽي چار پيرا چيو ته منهنجي تقرير ڪرڻ لاءِ اهي ٻئي ضلعي جي عهدن تي هئا عوامي تحريڪ جي خود پليجي صاحب انڪار ڪيو جڏهن پليجي تقرير شروع ڪئي هئي مارشل جا ساراهه ۾ ته هي پهريون جلسو عوامي جلسو ڪري رهيا آهيون فوج ۽ مارشل لا جي نگراني ۾ پٽي صاحب جي خلاف چيو هو ته سکر جيل ۾ قيدين جي قتل عام ڪرايو هو ان جو ذميوار پليجي صاحب پٽو صاحب تي هنيو هو ذميوار ٺهرايو هو تقرير ۾ صرف ضياءَ ۽ مارشل لا کي ساراهيو ويو هو 8 بجي اعلان ٿيو هو ته ضياءَ مارشل لا تحت اليڪشن ملتوي ڪيو ويو، سياسي پارٽيون ۽ تنظيمون پنهنجو بئنر، پوسٽر لاٿيون وڃن پليجو خوشيءَ مان تقرير ڇڏي اسٽيج تان لٿو ته مان پرسان وڃي چيو ته پليجا صاحب توهان کي پهرين مارشل لا ۾ ضياءَ جو عوامي جمهوريت ملي ويئي اليڪشن

سربراهه جي طرف کان عالم شاهه اتي پاڪر پاتي چوڻ لڳو ته پنهنجن سان به رسايون معافي تو وٺان جيڪو توهان سان ناجائز ٿيو آهي ان جو اجا انڪاري ٿيندو تو سان انصاف ٿيندو اصل ۾ منهنجا متي نظرياتي اخلاف هئا نه ڪي هيٺين ليول تي جيڪو مان متي چاڙهيو آهي آخرڪار سائين عالم شاهه. مثل شاهه زور پريائون ته واپس اچ مان دوستن کي چيو ته مان هن ان جي ڪري آيس جي ورڪرن اڳيان جيڪي غلط پروپيگنڊا ڪيائون مان ثابت ڪيو آهي تحريڪ کان ته وڏيرڪي پارٽي ۾ ڪم ڪجي اهو سهي آهي وڏيرن ۽ توهان ۾ ڪو فرق ناهي جيڪو ضياءَ جي حمايت مارشل لا جي ڪري ان سان ڪيئن ڪم ڪجي. شام جو موڪلائي جيڪب آباد ويس انجنيئر منصور عباسي سان مليس اڳ ۾ به ملي چڪو هئس سڀ حال احوال ڪندو رهندو هئس. عباسي صاحب چيو ته ڪامريڊ واحد بخش مان اڳ ۾ سال ڪن پنهنجي ڊائري تي لکي چڪو آهيان ته پليجو صاحب هلي ڪونه سگهندو وچي عباسي صاحب ڊائري ڪڍي آيو پڙهي ٻڌايائين جو انگريزي ۾ لکيل هو مان انگريزي پڙهيل ڪونه هئس عباسي صاحب چيو ته تون مايوس نه ٿي تون سڄي سنڌ جو دورو ڪري صرف تون ڪونه نڪتو آهين ڪافي دوست پليجي صاحب کان نڪتا آهن توهان جي نڪرڻ کان پوءِ عمر خشڪ، مولا بخش ڪوسو، ڊاڪٽر فيروز احمد، رحيم بخش عرف آزاد بلوچ ۽ شير خان لنڊ، اسماعيل سوهو، ڦوٽو رستماڻي ڪافي دودستن جا نالا ٻڌايائين بعد ۾ مان ڪي دوري لاءِ پئسا ڏنا ته سيني دوستن سان ملي اچ پهرين مان ڪراچي ويس ڊاڪٽر فيروز احمد سان مليس پاڪستان فورم جي آفيس ۾ جنهن ۾ آزاد بلوچ شمس خواجه، عيسيٰ خان بلوچ، مير باز خان گلگت ارباب نوناري سان ميٽنگ تي ڊاڪٽر فيروز دورن جو پروگرام رکيو، پنجاب، سرحد پهرين سنڌ جو پهرين تاريخ جيڪب آباد جو مان سان رکيائين ته پهريون توهان جي ضلع کان دورو شروع ڪندس تاريخ مقرر ڪئي وئي. بعد ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته مان نئي وڃڻ جو شير خان لنڊ، محمد رحيم لنڊ، خدا ڏنو خاصخيلي، اسماعيل سوهو، سڄو لڏو نڪري چڪو هو عوامي تحريڪ مان ميٽنگ رکيل هو شير خان جي ڳوٺ ميرپور ٻنورو ۾ رات جو ڊاڪٽر فيروز ظفر علي اچڻ جي گهر وياسون ظفر انڊيا ويل هو ادبي ڪانفرنس ۾ فهميده رياض سان ملياسون فهميده پليجي صاحب جي باري ۾ ڏاڍو ڪاوڙيل هو چيائين ته ظفر انڊيا ويل آهي هڪڙي شام جو پليجو

صاحب آيو مون سان ڊئلاگ بازي شروع ڪيائين مان پاڻ کي اڪيلو ٿو محسوس ڪريان انهيءَ ڊائلاگ بازي ڪري رهيو هو ته مان چيو ته نڪري وڃ منهنجي جاءِ کان تون ڪريل ماڻهو آهين منهنجي مڙس کي انڊيا موڪلي ادبي ڪانفرنس ۾ بعد ۾ تون مان سان ڊئلاگ بازي ڪرڻ شروع ڪئي توهان ٻڌايو اندازو لڳايو ته ليڊر ڪيترا سچا آهن ملڪ ۽ انقلاب ۽ دوستن سان.

صبح جو مان ڊاڪٽر فيروز ۽ ٻين دوستن کان موڪلائي نٽي ويس مڪلي ۾ لڪانو ڀراڻي سان مليس ڪورٽ ۾ بار روم ۾ وڪالت ڪندو هو ان سان ملي شام جو شير خان لنڊ جي ڳوٺ ويس رات جو ميٽنگ ٿي ڪافي دوست شريڪ ٿيا اسماعيل سوهو، خدا ڏنو خاصخيلي، صالح پيو، قوتو رستماڻي جنهن ۾ سڀني دوستن تجويز ڏني ته سنڌي هاري تنظيم جي نالي تي ڪم ڪرڻ گهرجي بعد ۾ پارٽي ناهجي يا ڪنهن سان گڏجي ڪم ڪجي پيا سڀ متفق ٿيا سنڌي هاري تنظيم تي جڏهن ضلعن جا عهديدار مقرر ڪن پيا ته مان انڪار ڪيو ته جڏهن سنڌ ۾ ٻيون به هاري تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن ته انهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي جدا جو منهنجو راءِ هئي ته سنڌ هاري ڪاميٽي ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ هو بعد ۾ شير خان چوڻ لڳو ته اسان جڏهن سنڌي عوامي تحريڪ کان نڪتاسون اڳ ۾ فيصلو ڪري سنڌي هاري تنظيم جو نالو رکيو ۽ پيو تنظيم جا ليٽر پيڊ ميمبرشپ فارم به ڇپائي ڇڪا آهيون بعد ۾ مان دوستن کي چيو ته توهان ڪم شروع ڪيو مان به دوستن سان صلاح مشورو ڪري پوءِ توهان سان ڪم ڪبو مان اڪيلو فيصلو ڪري نٿو سگهان پوري سنڌ ۾ دوست آهن. صبح جو شير خان جي ڳوٺ کان حيدرآباد آيس سردار پريس تي ته پليجو صاحب وينو پناهه ۽ سلام ميمڻ وينا هئا پليجي صاحب چيو ته توهان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيو مان پليجي صاحب کي چيو ته مان هتي ڪتاب جي سلسلي ۾ آيو آهيان مان اڳ ۾ به چئي چڪو آهيان ته هڪ ڊڪٽيٽر وڏيرڪي پارٽيءَ مان ڪڍهن به واپس ڪونه ايندس ته پناهه جگر سنڌي چيو ته تون پليجي صاحب کي ايئن چئي رهيو آهين مان چيو پناهه کي ته صاحب توهان جهڙن خوشامندڙن جو آهي منهنجو ناهي بعد ۾ مون کان پليجو صاحب چيو ته توهان ڪتان کان پيا اچو مان ڪراچي، نٽو، ميرپور بٺورو، شير خان جي ڳوٺ کان سردار پريس تي ڪتاب ۽ پئسن لاءِ ويو هئس نه ڪتاب ڏنائون نه پئسا، چيائون ته تون ڪتاب سڀ کڻي ويو آهين ڇپ ڇاپ تي هليو ويس وري سردار پريس ڪونه ويس.

(4)

مئي 1978ع تي ڊاڪٽر فيروز احمد جو جيڪب آباد جو دوري ۾ ساڻ دوست رحيم بخش آزاد بلوچ عيسيٰ خان بلوچ رستو خراب هئڻ ڪري شام جو ٽائيم سان ڪونه پهتو رستي ۾ ڪار خراب ٿي رات جو دير سان ٺل پهتو منهنجي ڳوٺ جي رستي جو رات جو خبر نه هئڻ سبب رات جو ٺل ۾ هڪ ننڍڙي هوٽل ۾ ترسي پيو. رات جو اسان انتظار ڪيو شام جو ٽائيم سان نه پهچڻ جي ڪري اوسي پاسي ۽ ٺل شهر جا دوست شام جو واپس ويا ڪنعيا لعل، بشير احمد دائودپوٽو، حافظ واحد بخش دائودپوٽو صرف پري جا دوست گبو ترمل جا رهيا. اڪبر علي باجڪاڻي، حضور بخش پنگوار، رسول بخش باجڪاڻي، صبح جو 8 بجي مان دوستن سان گڏجي شهر وڃي رهيو هئس ته ڳوٺ کان ته ريلوي ڦاٽڪ وٽ ڊاڪٽر فيروز اچي مليو جن ۾ ٺل جو دوست ڪنعيا لعل ڪي به هٿ ڪري گڏجي آيا ڪار کان لهڻ سان ئي معذرت ڪيائين ته اسان جي ڪار خراب هئڻ ڪري ٽائيم سان ڪالهه شام جو پهچي ڪونه سگهياسون معافي تا ونون. بعد ۾ دوست واپس ٿيا منهنجي ڳوٺ پهتاسون گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب سياسي صورتحال موجوده ضياء شاهي مارشل لا تي سيني معاملن تي ليڪچر ڏنو ۽ سوالن جا جواب ڏنا دوستن جا. رات جو ٺل وياسون دوست ڪنعيا لعل وٽ دوستن سان ڪچهري ٿي صبح حافظ واحد بخش دائودپوٽو ۽ بشير اهمد دائودپوٽو جي جاء تي مختلف تنظيمن جي دوستن سان ڪچهري ٿي اصغر سجاڳ دايو ڪافي دوستن سان ٺل ۾ رات جو ڪرم پور بجاراڻي وياسون ڪافي هاري ورڪرن سان ڪچهري ٿي جنهن ۾ زنو جعفري امان ٻيڙ، شڪاري ٻيڙ، اشوڪ ڪمار، رات جو 2 بجي تائين ڪچهري ڪري صبح جو ڊاڪٽر فيروز احمد دوستن سان چئين ڏينهن جو دورو پورو ڪري واپس ڪراچي ويو.

منهنجو رابطو ڊاڪٽر فيروز سان رهندو هو. جڏهن ڊاڪٽر صاحب افغانستان ويو هو انقلاب کان بعد ۾ واپس اچڻ تي مان ڪي گهراياڻين سچو حال احوال افغانستان جي صورتحال تي تفصيلي ڪچهري ٿي هئي ڊاڪٽر

ويو انهيءَ ڪري ته جيئن ته مامون به ساٿ نه ڏي منهنجو هاڻي منهنجي لاءِ ٻي مصيبت ڪڙو ڪيو ويو جڏهن ته مان بلوچستان مان ڳوٺ ويس خاندان جي ڇڳي مڙس سئوٽ وٽ نل شهر ۾ مليو سچو شرارت انهي ۽ وڏيري جو هو زمين ۽ گهر تي قبضو ڪرايو مان انهيءَ ڪي چيو ته نه مان زمين ڪنهن ڪي ڏني آهي نه ڏيندس پنهنجي سئوٽن ڪان منهنجو گهر خالي ڪراءِ ۽ زمين جو قبضو ڇڏين جي تون هٽرادو قرآني ڪي پئسا ڏيئي بيهاريو ويو آهي بس زمين ۽ گهران جي تي ويئي سئوٽ جي پٽ ڪاوڙ مان چيو مان ڪي ته تون وجي ان ڪان پئسا وٺ مان سيني سئوٽن ڪي چيو پر سيني جو ساڳيو جواب هو سيئي بدل هئا.

بعد ۾ مان تعلقي جي مختيارڪار نل ڪي درخواست ڏني ۽ ڻاڻي جي ايس ايچ او نل ڪي درخواست ڏني گهر ۽ زمين تي قبضو ڇڏائڻ لاءِ جڏهن پوليس انهن ڪي پڪڙي آئي ڻاڻي تي بعد ۾ انهيءَ مهل سئوٽ جي پٽ ۽ وڏيري انهن ڪي ڇڏايو انهيءَ ڪان بعد ۾ مان جيڪب آباد ويس دوست وڪيل محمد بخش سومرو ۽ ٻين دوستن وٽ رات جو ميٽنگ تي جنهن ۾ سڪندر ڪوسو ۽ امداد اوڊو درخواست سومرو صاحب تيار ڪيو هڪ ايس پي جيڪب آباد ۽ ٻيو مارشل لا جي ميجر لاءِ صبح جو پهرين درخواست وجي ايس پي ڪي ڏنم بعد ۾ هڪ درخواست مارشل لا جي ميجر ڪي ڏنم جڏهن ميجر اندر گهرايو ميجر سوال ڪيو ته ڇا ڪندو آهين پهرين ته مان چيو ته زمين ٻه ٽي ايڪڙ آهي خود هارپو ڪندو آهيان ٻيو ته مان صحافي آهيان ٻن اخبارن جو نمائندو آهيان ويڪلي سنڌ سجاڳ جيڪب آباد ۽ روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد نمائندگي جا ڪارڊ ڏيکاريم ۽ سچو قصو ٻڌايم ته هڪ ته منهنجي امڙ ٻئي خاندان مان بابي شادي ڪئي هئي پيءُ جي خاندان مان نه هئي ميجر صاحب ڪي مٿيون سچو ذڪر ڪري ٻڌايو ويو جي تون حق سچ جي مدد ڪندا ته نيڪ نه ته مان گهر ڪان اڳ ۾ ئي ٻي گهر آهيان هن وقت مان جلا وطن آهيان بلوچستان ۾ مان مامن وٽ رهيل آهيان ٻيو ته اهو ٻه خوف آهي ته وڏيرا قتل ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ آهن جي منهنجي مدد ڪندا ته مهرباني زمين ۽ گهر جي قبضو ڇڏائي ڏي. ميجر صاحب اٽي بيٺو چوڻ لڳو ته هي پٽو هوندو ته جيسين تنهنجي زمين ۽ گهر جو قبضو ڇڏائبو جي پٽو نه رهيو ته تنهنجو به خير منهنجو به خير انهيءَ جي معنيٰ ته نوڪري ويئي ته خير نه ته قبضو گهر ۽

ڪي چيائين تہ توهان هڪ شاهد وٺي اينڊا ڪنڊڪوٽ تاريخ تي پيو تہ تون غريب آهين هي منهنجو فون نمبر ٿي جڏهن ضرورت پئي تہ ڳالهائجانءِ بعد ۾ مان بلوچستان پنهنجي مامن جي ڳوٺ ويس جو امڙ بہ اتي هئي گهر واري بہ. جڏهن تاريخ تي مان مامي کي چيو تہ صبح جو هل ڪنڊڪوٽ حاضري تي شاهدي ڏيڻ ميجر صاحب وٽ صبح جو مامي کي پٽن منع ڪئي تہ تون شاهدي ڏيڻ نہ وڃ جو هو اسان جو مامون آهي هي اسان جو پاڙيجو آهي اسان جو ڪم ناهي پاڻ چاڻن آخر مامي پٽن کي جواب ڏنو تہ هي منهنجو پٽ بہ آهي ۽ پاڙيجو بہ هن وقت مان سان گڏ آهي هن وقت مان پنهنجي ڀار کي اڪيلو ڪونہ ڇڏيندس توهان ڀلي شاهدي نہ ڏيو مان ضرور ويندس راض رهو ناراض رهو. توهان ڪان بہ وڌيڪ آهي مان کي پاڙيجو مامي پٽ ناراض ڪري شاهدي ڏيڻ ڪنڊڪوٽ هليو مان سان ميجر صاحب وٽ بعد ۾ جوابدارن کي پوليس وٺي آيو جڏهن تہ ميجر صاحب اندر گهرايو صرف مان کي ۽ جوابدارن کي ميجر صاحب چيو تہ توکي زمين ۽ گهر جو قبضو مليو نہ سائين اجا قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏي

ٿي رهيا آهن بعد ۾ ايس ايچ او ڪان منهن ڦيرائي پڇيائين تہ هن جوابدارن قبضو ڇڏيو يا نہ ايس ايچ او چپ رهيو بعد ۾ ميجر چيو تہ مان شام جو ٽل توهان جي ٿاڻي تي ايندس مختيارڪار ۽ تپيدار، سپروائيزر سيئي رڪارڊ سوڌو ٿاڻي تي اچن مان بہ ايندس اتي هن جوابدارن کي پيش ڪر.

ميجر صاحب مون کي چيو تہ تون بہ ٽل ٿاڻي تي اچ شام ڇهين بجي ۽ مامي جي باري ۾ چيائين تہ پوڙهي کي ڇڏ تہ گهر وڃي صرف تون اچ مامون ٽل ڪان ڳوٺ ويو بس ۾ شام جو سڀ وڏيرا ٽل ۾ گڏ ٿيا جوابدارن جي پر هٿا بنگلاڻي قبيلي جا وڏيرا ۽ ڪوسا بااثر وڏيرا زميندار ۽ شهر جا سيد ۽ ٻين قبيلن جا وڏيرا شام جو 8 بجي ميجر صاحب ٿاڻي تي آيو وڏيرن همت رکي نہ سگهيا ميجر صاحب جي اڳيان ظاهر ڪونہ ٿيا صرف ٻاهران ڪناراڪشي پئي ڪيائون جڏهن ميجر صاحب مختيارڪار ڪان سوال ڪيو تہ توهان زمين ۽ گهر جو قبضو ڇو نہ وٺي ڏنو ۽ زمين جو رڪارڊ ۾ نالو ڪنهن جو آهي ديهہ جي تپيدار غلام قادر لاشاري چيو تہ سائين رڪارڊ تي ڪاتو نالو منهنجي لاءِ چيائين تہ مختيارڪار جوکيو جي ڏاڍي بيعزتي ڪئي چيائين تہ زمين ۽ گهر جو قبضو خالي نہ ٿيو تہ سيني کي مارشل لا تحت جوابدارن سان گڏ سکر ۾

صاحب آيو چيائين ته ضمانت منظور ٿي وئي آهي ضمانت دوست امداد اوڍي ڏني شام جو مان ٿاڻي تي ويس پوليس جمعدار تيار ويٺو هو منهنجي اندر ڪرڻ لاءِ ته اچي اندر ڪيان لاڪپ ۾ وڏيرا انهيءَ ۾ خوش هئا ته مان ڪي جيل ۾ ڏسڻ چاهين پيا ته پاءُ پائنين سميت جيل ۾ هجن جيئن ته ضمانت ڪرائڻ وارو ۽ ضمانت پوڻ وارو ڪير به ڪونه ايندن انهيءَ خوشفهمي ۾ هئا جڏهن مان پوليس جمعدار کي ڪورٽ ۾ ضمانت ڪرائڻ جي ليٽر ڏنو ته هن جا ڇهه وڃي ويا جو وڏيرن کان پئسا ورتل هئا سئوڻن کان پهرين ته مون کي چيائين ته صبح جو تون پنهنجا ماڻهو وٺي اچ صبح جو چالان ڪندس سول جج وٽ مان انهن کي به گرفتار ڪري وٺي ايندس ليٽر ڏيڻ کان پوءِ چوڻ لڳو ته مان پهرين انهن کي گرفتار ڪري پوءِ توکي ٻڌائيندس چالان جو.

اتي وري ٻيو طريقو اختيار ڪيو وڏيرن ته چالان کان اڳ ۾ ته کاتو بدلائڻ جي ته ڪوڙو نقلي ماڻهو منهنجي نالي سان پيش ڪري کاتو بدلايون. جيڪب آباد ڪنهن عهد ڪمشنر وٽ ته هن پنهنجي زمين وڪڻي ڏني صلاح ڪيائون ته صبح جو جيڪب آباد ويندا عهد ڪمشنر ۽ ڊي سي وٽ ويندا تر جو هڪ بااثر وڏيري جو دوست عهد ڪمشنر هو گهاتو. جڏهن مان شام جو ٿل آيس ته دوست علي بخش سومرو صاحب وٽ ويس ته هو به منهنجي ڳولها ۾ هو پياري دوست محبوب علي سومري جو والد هو شهر جو باعزت معتبر ماڻهو هو ان ٻڌايو ته صبح جو تنهنجي زمين جو کاتو بدلائڻ لاءِ عهد ڪمشنر جيڪب آباد وٽ ويندا تر جو پاڙيسري زميندار کي وٺي دوست جي مٿين ڳالهين جي ٻڌائڻ کان بعد ۾ مان انهيءَ محل شام جو ڇهين بجي جيڪب آباد دوست امداد اوڍي کي فون ڪيم سڄي ڊرامي جو قصو ٻڌايم ته صبح جو ڪوڙو ماڻهو پيش ڪري کاتو بدلائڻ لاءِ عهد ڪمشنر جيڪب آباد ۽ ڊي سي وٽ پهچندا دوست امداد اوڍي دلجاءِ ڏيندي چيو اڄ سڀ اخبار نڪرڻ وارا آهن سڀني ۾ تنهنجي تصويرن سان اخبار ۾ بيان ايندو ۽ انفارميشن آفيسر به گڏ ويٺو آهي جيئن رات جو اخبار ڇپي نڪرنديون تيئن ڪٽنگ سوير سان آفيس ۾ پهچندي ته جيئن هو ايندا پاڻ اندر ٿيندا جيئن مخالف ڌر عهد ڪمشنر وٽ صبح جو پهتا ڪار تي ته ڪمشنر پنهنجي دوست وڏيري کان حال احوال ڪيا ته اڄ ڪيئن تڪليف ڪئي آهي اچڻ جي وڏيري چيو هي منهنجي ڳوٺ جا ماڻهو آهن کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ وٺي آيا آهن ڪمشنر چيو ته وڪرو ڪندڙ

زمين جو مالڪ کهڙو آهي وڏيري چيو تہ وڪرو ڪندڙ ماڻهو هي آهي ان ڪان پڇيائين تہ زمين جو مالڪ تون آهين ان چيو تہ ها مان آهيان ڪمشنر پنهنجي دوست وڏيري کي چيو جي تون هنن سان ساڻ نہ هجين ها تہ سيني کي جيل حوالي ڪيان ها چڱو جو تون پهرين مان وٽ آئين جي ڊي سي وٽ وڃو ها تہ سڀ جيل ۾ هجو ها وڏيري چيو تہ چو پلاڇ ڪاوڙيل ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهين. ڪمشنر سيئي اخبارون ڪڍي وڏيري جي اڳيان رکيون، جن ۾ منهنجي تصويرن سان پريل هيون هاڻي ڏس زمين جو مالڪ ڪير آهي وڏيرو ۽ مخالف ڌر سئوٽ ڦڪو ٿيون مايوس ٿي واپس موٽي ويا اتي بہ وڏيرن جي چال ڪونہ هلي.

وري بہ مان ميجر صاحب وٽ ويس مٿيون تازو زمين جو ڪاتو بدلائڻ جو ٻڌايم ان ڪان پوءِ ميجر صاحب ايس ڊي ايم کي فون ڪيو تہ ليٽر بہ ڏنائين تہ زمين ۽ گهر جو قبضو ڇڏائي ڏي وڃي ليٽر بہ ڏنم چيائين تہ مان هنن کي گهرائيندس. مخالف ڌر بہ سيشن جج کان ضمانت ڪرائي آيا. ڪيس بہ سول جج وٽ چالان ٿيو ۽ ايس ڊي ايم ڪئپٽن ظفر سليم وٽ ويس پيهر تہ چيائين تہ مان نوڪر ناهيان ميجر صاحب جو مان وڃي ميجر صاحب کي ٻڌايو تہ ايس ڊي ايم صاحب ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو چيائين تہ مان نوڪر ناهيان ميجر صاحب جو، هو وڏيرن جو ماڻهو آهي بعد ۾ ميجر صاحب چيو تہ ٻي تاريخ تي اچ تون گهبراءِ نہ.

بعد ۾ مان پارٽي جي ڪم سان گڏبو ڪشمور ويس ان کان بعد ۾ اخبار ۾ آيو هو تہ ٺل جو ايس ڊي ايم جو مارشل لا تحت بدلي ٿي آهي جڏهن مان ڳوٺ پهتس تہ امڙ مان کي چيو تہ پٽ مان ٻڌو آهي تہ هو جيل ۾ آهن ۽ ايس ڊي ايم کي توهان جي ڳولها ۾ آهي جڏهن تہ مان بلوچستان مان شام جو ٺل پهتس تہ خبر پئي ڪلارڪ منهنجي ڳولها ۾ آهي مان وڃي 4 بجي آفيس ۾ ڪلارڪ سان مليس تہ ڪلارڪ چيو تہ تنهنجا مخالف جيل ۾ پيا هئا نئون ايس ڊي ايم انهن کي پڪڙائي جيل ۾ بند ڪرايا هئا ڪالهہ انهن کي ضمانت تي ٻاهر نڪتا صبح جو توهان جي حاضري آهي پيشي توهان ڪونہ هئا اسان پريشان هئاسون تہ توکي ڪٿي ڳوليون. صبح جو 9 بجي ايس ڊي ايم جي آفيس پهتس تہ مخالف ڌر بہ اڳ ۾ ٿولو ڪري ويٺا هئا جڏهن ايس ڊي ايم اندر سڏ ڪرايو ٻنهي ڌرين کي تہ مان وڃي ايس ڊي ايم جي سامهون ويٺس تہ

توهان کي خبر آهي ته هنن هر فيصلي کي ٺڪرايو آهي ڪونه ٻيئا مان گهر ڪان ٻي گهر آهيان ۽ زمين غير آباد پئي آهي منهنجو قصور توهان ٻڌايو ته تنهنجو ھي قصور آهي ٻئي پوڙهن پيرسنن ٻنهي جا پٽڪا هٿ پيرن تي ڪري پيا اڄ تون شام جو ڳوٺ اچ ياءُ جي گهر جيئن تون چوندين تيئن ٿيندو. ايس ڊي ايم صاحب ڪان انهن جي طرف ڪان صبح تائين حاضري رڪائي وڏيري ٻيو هنن وٽ هاٽي ڪوئي چارو ڪونه رهيو هو سواءِ صلح نامي کان ٽڪي پيا هنن وڏيرن جي چوڻ تي پوليس جي خرچن هنن کي هٽي هنڌ ڪرايو جنهن وڏيري جو سپورٽ ان به هيلا هلايا ڪجھ ڪونه تين پهچي ڪونه سگهيا ان ڪري هنن ناھ لاءِ اهي ماڻهو موڪليا جڏهن مان شهر ويس ته سڀئي سئوٽ نندي وڏي درزي جي دڪان ۾ ٻيئا هئا رش لڳي پئي هئي جنهن جي هنن شاهدي واري هئي ان به هنن کي جواب ڏنو هو شاهدي ڏيڻ کان ته اسان ناحق جو قرآن ڪونه ڪٽنداسون توهان پاڻ ۾ ميڙ منٿ ڪري ان کي راضي ڪري پرچايو نه ته مان سچ چوندس ايس ڊي ايم وٽ سيني کي خبر آهي ته گهر جاءِ زمين تي قبضو ۽ گهر توهان ساڙيو آهي منهنجي زمين جي هاريي جي ڪري مان ڪوڙ ڪونه ڳالهائيندس لاچار تي پوءِ پنهنجن وڏيرن ۽ سئوٽن سوچيو ته راضي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو ناهي.

جڏهن ته مان شام جو ياءُ جي گهر ويس ڳوٺ ۾ رات جو 8 ٻجي سڄو خاندان سئوٽ ڏاڏنگ گڏ ٿيو ميڙ وني آيا سڀئي گڏ ٿيا چيائون ته معافي ڏي اسان ڏوهاري آهيون تنهنجو مان چيو ته پهرين ته گهر جو قبضو خالي ڪيو پوءِ ٻيون ڳالهيون جيئن توهان چوندا مان چپ رهندس جيڪو توهان فيصلو ڪندا مون کي منظور آهي. انهيءَ وچ ۾ پٽڪا پيرن ۾ ۽ قرآن شريف ٻن ٽن ڇڻ ڪٽي آيا ۽ جدا جدا اچي جهولي ۾ رکيائون جن ڪان قبضو ڪرايو ويو هو اهي عورتن وانگر روئڻ ڊاڊون ڪرڻ لڳا ته اسان کي ٻن پائرن کي وڙهايو آهي سڀئي قرآن سان منهنجي پيرن ۾ پيا هئا ته معاف ڪر مون چيو ته ٻيو سڀ ڪجھ معاف آهي جو چار سال زمين غير آباد پئي هئي آباد ڪرڻ ڪونه ڏني وئي ۽ خرچ ٿيو اهو به معاف آهي سڀ معاف آهي گهر خالي ڪريو اتي سيني چيو ته هن کي ويهڻ جي جاءِ ناهي هن کي ويهڻ ڏي سئوٽ جي پٽ اهو چيو هن کي پر ۾ ويهڻ ڏي انهيءَ قرآن ڏي ڏس ۽ ايمان آڻ وري به منهنجي پيرن ۾ ڪري پيا قرآن سوڏو عورتن جون پوتيون ميڙ روئڻ بس به ڪونه ڪيائون

ڪري اٿي هلڻ لڳس. فيصلي تحت مون کي گرفتاري ڏيڻي هئي بيهوشي جي ڪري نہ ٿي سگهيس يا ڇاتي واٽي پوليس بيهوشي ۾ اڇلي ويا بعد ۾ مان سڪر جي گهنٽا گهر پهتس رڪشا تي سڌو ميڊيڪل اسٽور تان سور جون گوريون ورتم وڃي هوٽل تي گوري کاڌم ۽ ڇانهہ پي ڪري جيڪب آباد روانو ٿيس شام جو امداد اوڍي جي آفيس پهتس سنڌ سجاڳ جي دفتر ۾ تہ محمد بخش سومرو، سڪندر بختيار ڪوسو، امداد علي اوڍو ويٺا هئا تبصرا ڪري رهيا هئا منهنجي باري ۾ تہ گهڻا ماڻهو زخمي بہ ٿيا آهن الاءِ زخمي ٿيو يا گرفتار ٿيو اهي تبصرا ڪري رهيا هئا تہ مان مٿان وڃي پهتس تہ سومرو صاحب ياڪر پائي چيائين تہ تون گرفتاري ڪونہ ڏني تہ مان مٿيون ذڪر ڪري ٻڌايو تہ بعد ۾ دوستن وڃي ڊاڪٽر کان دوا سيون هٽايون رات جو مان محمد بخش سومري وٽ رهيس 15 آگسٽ تي صبح جو 10 بجي ڳڌجي مدرسي ۾ ميٽنگ رکيل هئي مولوي فيض محمد ڊول وٽ محمد بخش سومرو، سڪندر بختيار ڪوسو بہ شريڪ هئا ميٽنگ ۾ فيصلو ٿيو تہ 16 آگسٽ تي شام جو 5 بجي هلوائي چوڪ تي گرفتاري ڏيڻي آهي سردار خان لاشاري سان ۽ ڪجهہ ٻيا دوست بہ 16 آگسٽ تي شام جو امداد علي موٽر سائيڪل تي کڻي هليو رستي ۾ هئاسون تہ پوليس موبائيل سردار خان لاشاري ۽ ٻين کي سوا چار بجي کڻي وڃي رهي هئي بعد ۾ واپس موٽي آياسون پريس تي محمد بخش سومرو، سڪندر ڪوسو ويٺا هئا دوستن چيو موٽي آيا آهيو مان چيو انهن ٽائيم کان اڳ ۾ گرفتاري ڏني اسان رستي ۾ هئاسون تہ پوليس موبائيل ۾ کڻي وڃي رهي هئي انهن کي بعد ۾ وري مدرسي ۾ ميٽنگ ۾ وياسون دوستن سان ڳڌجي مان اتي ميٽنگ ۾ تنقيد ڪئي تہ جڏهن فيصلو ٿيو هو تہ 5 بجي گرفتاري ڏيڻي آهي تہ 4 بجي جو اڳ ۾ گرفتاري ڏني جنهن ۾ ميٽنگ ۾ افضل خان ڪوسو، محمد صديق ڪوسو، گلشير خان جکراڻي، مولوي فيض محمد ڊول موجود هئا. بعد ۾ طئي ٿيو تہ مان سان صبح جو محمد علي جکراڻي، عابد حسين پٽو، محمد خان ڪوسو جميعت جو عبدالله ڪوسو گرفتاري ڏيندا.

رات جو محمد بخش سومرو وٽ ڪچهري ٿي دوست آيا سڪندر ڪوسو، الطاف حسين پيچوهو، امير بخش پٽي، محمد حسن سولنگي، ڏاڍا ڪل پوڳ چرچا ٿيا. 17 آگسٽ 1983ع تي صبح جو فيصلہ مطابق مدرسي پهتس تہ

دوستن گل جا هار پارايا 8 بجي گلشير خان جڪراڻي جيپ ۾ ڪٽي هيڙي چوڪ کان ٽيندو وجيء ٽانگا اسٽينڊ لاٿو نعرا هڻندي هوٽل جي اڳيان اتي ڪافي ماڻهو گڏ ٿي ويا مان بينچ تي چڙهي تقرير شروع ڪئي ته پوليس گهيرو ڪري وئي پوليس کي چيم ته هڪ منٽ بيهو توهان ته اسان جا آهيو. اسان ضياء مارشل لا ۽ جاگيردارن ۽ وڏيرن جي خلاف آهيون. اسان جمهوريت جي بحالي تائين جنگ جاري رهندي ماڻهن کان مارشل لا ۽ جاگيردارنر خلاف نعرا هڻايا آخر ۾ پاڻ پوليس جي موبائيل ۾ ويناسون پوليس ٽاڻي وني وئي شام جو اسان کي پوليس مختيارڪاري جيل ۾ آندو ۽ بند ڪيو اڳ ۾ سردار خان لاشاري وارا جيل ۾ هئا انهن کي اڄ مارشل لا ميجر سزا ڏني رات 8 بجه بي بي سي خبرن ۾ ٻڌايو ته جيڪب آباد جي ٽانگا اسٽينڊ تي جمهوريت جي بحالي لاءِ سنڌ هاري ڪاميٽي جي اڳواڻ ڪامريڊ واحد بخش بنگلاڻي جي اڳواڻي ۾ گلن جا هار پائي نعرا هڻندي گرفتاري ڏني ۽ وڏي ميڙ کي خطاب ڪيو.

18 آگسٽ تي صبح جو سڀني اخبارن وڏي سرخي سان مين پيج تي منهنجي گرفتاري جو آيل هو ۽ نالي سان 9 بجي اسان کي سمري ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو اندر بينچ تي ويهاريو ويو ۽ ڪئپٽن حوالدار کي اشارو ڪيو ته هنن کي بيهار ۽ حوالدار اشارو ڪيو ته اٿي بيهو مان اڳ ۾ دوستن کي سمجهايو هو ته اٿي ڪونه بيهنداسون پلي سزا ويني ٻڌائي مان حوالدار کي چيو ته اسان ڪهڙو ڏوهه ڪري آيا آهيون اسان پاڻ گرفتاري ڏني آهي جمهوريت جي بحالي لاءِ اسان وينا آهيون ته ڪئپٽن ڏنڊي هٿ ۾ ڪنيو بيٺو هو ٽيبل جي اڳيان دوستن کي چيم ته وينا هجو بعد ۾ مان ڪئپٽن کي چيو ته سر توهان ويهي رهو ۽ پنهنجو فيصلو ٻڌايو جيڪو توهان کي مٿان حڪم آهي توهان جو ڪهڙو قصور آهي بس ويهي سزا ٻڌايو ڪئپٽن ويچارو تڏو ساهه کڻي ڪرسي تي ويهي رهيو ۽ ٽوپي پنهنجي لاهي ٽيبل تي رکي منهن هيٺ ڪري چيو ته واحد بخش بنگلاڻي توهان کي سمري ڪورٽ خدا کي حاضر ناضر ڏسي اتي وچ ۾ مان ڪئپٽن کي چيو ته سر توهان خدا جو قسم چو ٿا ڪٿو اسان چور ۽ ڌاڪو ڪونه آهيون جو ڪيس ثابت ٿيو آهي توهان خدا جا قسم ٿا ڪٿو بس سزا ٻڌايو توهان کي مٿان حڪم آهي حڪم جي پيروي ڪري سزا ٻڌايو وري به ڪئپٽن منهن هيٺ ڪري چيو ته توهان کي 10-10

مهينا بامشقت سزا ۽ 15-15 ڪوڙا ۽ 15-15 هزار هرهڪ تي ڏنڊ جي سزا آهي ۽ ٻڌائي تہ اسان اندر ئي مان مارشل خلاف ضياءَ خلاف نعرا هڻڻ شروع ڪيا تہ جلدي ۾ پوليس اندر اچي وئي ۽ مان کي چپ ڪرائڻ لاءِ چيو اسان نعرا هڻندا رهياسون ٻاهر ڪڍي آيا رستي ۾ بہ اسان مارشل لا ۽ جاگيردارن خلاف نعرا هڻندا آياسون رستي ۾ چئني طرفن کان ماڻهو بيٺا هئا اوچتو هڪ ماڻهو اچي منهنجي هٿن جي هٿ ڪڙين کي چميون ڏيڻ شروع ڪيون ڏسان تہ دوست غلام محمد باجڪاڻي آهي جيڪو چميون ڏيئي رهيو آهي هو هڪ روڊس ۾ ملازم آهي مختيارڪاري جي ويجهو هو جيپ ۾ ويهي هليو ويو هو. منهنجو باجڪاڻي برادري سان سنا دوستاڻا ناتا آهن آخر جيل تائين نعرا هڻندا وياسون. مختيارڪار ۽ جيلر آيا هڪ جيلر واقف هو چيائون تہ توهان مارشل لا ضياءَ جي خلاف آهيو يا اسان جي نعرا بند ٿي ويا مان جيلر ۽ مختيارڪار کي چيو تہ توهان تہ اسان جا پنهنجا آهيو.

رات جو 8 بجي بي بي سي خبرن ۾ سزا جي سچي رپورٽ ڏني سنڌ هاري ڪاميٽي جي اڳواڻ صرف منهنجو نالو آيو اڳ ۾ بہ سيئي ڏرين چيو تہ بي بي سي وارا بہ ڪامريڊ آهن گرفتاري جي رپورٽ بہ بنگلاڻي ۽ ان جي تنظيم جي ڏني آهي ٻئي ڪنهن جو بہ نہ تنظيم نہ نالو.

شام جو دوست ملاقات تي آيا سامان ۽ ماني بہ تيار ڪري ڪٺي آيا جنهن ۾ سڪندر بختيار ڪوسو، محمد بخش سومرو، الطاف حسين پيچوهو اچ دوستن چيو تہ اسان اچ ايترا خوش آهيون جو پوري دنيا ۾ تنظيم جو نالو روشن ڪرايو ضياءَ مارشل لا جي هن ڪاري قانون جي دور ۾ جي پنهنجي ضلع جو نڪ مٿي ڪيو توهان پوري ملڪ جي سيني اخبارن ۽ بي بي سي ۾ ٽي چار ڏينهن تائين ضلع جيڪب آباد جي توهان جي ڪري هر ٻولي هر زبان ۾ بي بي سي خبر نشر ڪندي رهي ايترو ڪنهن بہ تنظيم ۽ پارٽي واري کي ڪونہ مليو جيڪو توهان کي مليو جيڪو پارٽي ۽ تنظيم جو مان مٿانهون ڪيو جمهوريت جي بحالي بنگلاڻي توکي سلام آ بعد ۾ دوست موڪلائي هليا ويا.

19 آگسٽ صبح جو 10 بجي پوليس بڪتربند گاڏي اچي بيهاري مختيارڪاري جيل اڳيان اسان بہ تيار هئاسون سکر سينٽرل جيل پهتاسون گيٽ ماڙي ۽ جيل سپرنٽينڊنٽ جيلر سامان جي تلاشي ورتي جيئن بين دوستن

ڪم ڪان لٿو تہ سنتري اچي مون کي اچي چڪر وٺي ويو اچي چڪر ۾ سياسي قيدين کي ويهاريو ويو بعد ۾ مون کي ۽ عبدالستار پيو کي هڪ بئريڪ ۾ وٺي ويا جتي چور، خوني، بشني، ڊاڪو انهن سان گڏ رکيائون سنتري روزانو مون کي مائٽن وٽ ڇڏي ويندو هو فئڪٽري ۾ مان سچو ڏينهن انهن سان واندو ويٺو هوندو هئس هو بہ بہ ڦندا هنيو ويٺا هوندا هئا مان سان اچ مائٽن پيا ڪپڙا ڏنا جو هو فرمائش تي تيار ڪرائيندا هئا اهي ڪپڙا بہ هئا قيداٽا پر ڪجھ هيا پريا هئا ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مون کي ٻئي بئريڪ ۾ رکيو ويو ان ۾ اٺ سياسي قيدي هئا ڏوهارين کان تہ پريو پيو هو مان سيني قيدين سان ڪچهري ڪندو رهندو هئس مختلف ڏوهن ۾ سزا مليل هئي اسان جو مقدم محمد عثمان مگسي هو جيل بدر ڪري نٿي مان سکر جيل ۾ هو تيرنهن چوڏهن سالن کان سکر جيل ۾ هو جنم قيدي هو سبر مڙس چاپمي ڏاڙهي هئس مختلف ڪيسن ۾ هئا ڪي تہ زال ماري آيا هئا ڪاري ڪري ڪن پيڻ تہ ڪن پاڇائي تہ ڪي چوري ۾ پاڳيو ماريو ڪن ڏيتي ليتي تہ ڪن پاڙي جي واري ڪن تہ ماءُ ماري آيا ڪن تہ فصل جي پيل تي خون ڪيو ڪن تہ سڱ تہ ملڻ تي خون ڪيو ڪن ٻڪري جي چوري تي خون ڪيو ڪافي مختلف بهانن جي ڪري خون ڪري جيل ۾ هئا.

مان انهن کي رات جو روزانو هڪ هڪ ڪڙي تي ليڪچر ڏيندو هئس وضاحت سان سمجهائيندو هئس سيني کي مون رات جو سڀ قيدي مون کي وچ ۾ ويهاري ٻڌندا هئا منهنجي ڳالهين انهن تي ايترو اثر وڌو جي خود هو پنهنجي واتان چوندا هئا تہ سيني جو ذميوار سردار ۽ وڏيرا آهن مقدم آهن ڪن چاچو ماريو ڪن سئوٽ ماريو ڪن ماروٽ ماريو ڪن ماسات ماريو تہ ناحق ڪو مظلوم عورت ماري سيني کي سردارن وڏيرن استعمال ڪيو سيني جا گهر تباهہ ٿيا جيڪي مارجي ويا انهن جو گهر بہ تباهہ ۽ جن ماريا انهن جا گهر بہ تباهہ ٿيا پوليس ۽ پوتارن جا جهورا ٿيا جيڪو مارجي ويو بہ نيڪ جن ماريو بہ نيڪ اهو آهي سردارن وڏيرن جو ڪردار هوندو آهي پاڻ ۾ وڙهائي پنهنجي معتبري برقرار رکڻ لاءِ ان بئريڪ ۾ جيڪو فرق آيو سو هي تہ قيدي قيدي جي بستري تي لت رکيو تہ جهيڙو ٿيندو هو جو اچانڪ ڪنهن جو پير ٻئي جي بستري تي لڳو تہ هاڻي سڀ گڏجي هڪ ٻئي جي بسترن تي وهندا هئا ۽ ڪچهري ڪندا هئا ڪل پوڳ چرچا وغيره.

منهنجو مامون ملاقات تي آيو سکر جيل ۾ ان کي خبر پئي ته سياسي قيدين جي ملاقات تي بندش آهي ته ان مائٽن جو نالو به لکرايو ملاقات لاءِ سنتري اچي ٻڌايو ته هل تنهنجي ملاقات آئي آهي. سنتري مان کي ٻاهر ٻيهاريو ماڙي کان ٿوري دير کان پوءِ مائٽن سان سنتري به ساڻ هو انهن چيو ته توهان جو مامون آيو هو ملاقات تي حال احوال ٿيا ۽ توهان جي لاءِ هي سامان ۽ روڪ پئسا ڏنائين مان سامان وٺي سنتري سان بئريڪ ۾ ويس دوستن سان حال احوال پيءِ ڪيم ته شام جو ٽيئي مائٽ آيا اچانڪ انهن چيو ته اسان اپيل ۾ آزاد ٿيا آهيون توهان کان موڪلائڻ آيا آهيون موڪلائڻ جي محل مائٽن چيو ته اسان اچانڪ آزاد ٿيا آهيون ڪنهن کي خبر به ناهي رستي ۾ رات به ٽيندي توڪان ڪجهه پئسا به وٺون جيڪو پئسا مامي موڪليا هئا اهي مان انهن کي ڏيئي ڇڏيا موڪلائي هليا ويا.

رات جو دوستن سان ميٽنگ ڪئي جن ۾ ڏوهاري قيدي به ويٺا هئا. سياسي قيدين سان ميٽنگ تي ته جيل انتظاميه سياسي قيدين کي وڏيڪ تنگ تي ڪري صبح جو ڪم تي سياسي قيدي نه نڪرو ۽ پتي کان به انڪار ڪريو ۽ سياسي قيدين کي هڪ هنڌ رکيو وڃي توهان جو ڇا خيال آهي. سياسي قيدين چيو ته جيڪو توهان فيصلو ڪندا اسان کي منظور توسان گڏ آهيون جنهن ۾ جميعت جو مولوي عبدالصمند گهنيون چيو ته جيئن توهان چوندا اهوئي ٿيندو اهو طئي ٿيو ته محمد عثمان مگسي جيڪو اسان جي بئريڪ جو مقدم آهي ان به اهوئي صلاح ڏني. مطالبا هي هئا ته سياسي قيدين کي هڪ هنڌ گڏ رکيو وڃي ٻيو ته سياسي قيدي ڪم نه ڪندا ۽ ٽيون مطالبو هي هو ته سياسي قيدين جي ملاقات کولي وڃي. عثمان مگسي جي چوڻ تي صبح جو ٽوئل ۾ ويناسون گيٽ کليو ۽ عثمان پتو ڪٽڻ ويو اسان اوسي پاسي واري بئريڪن تائين هڙتال جي اطلاع ڪئي جڏهن پتو آيو اسان پتو وٺڻ کان انڪار ڪيو بعد ۾ جيل انتظاميه کي ٻڌايو ويو ته سياسي قيدين پتو وٺڻ کان انڪار ڪيو. 25 سيپٽمبر 1983ع تي ڏوهاري قيدي ڪم تي نڪري ويا اسان کي تالو هڻي بند ڪيو ويو اسان اڳ ۾ ڊاڪٽر اسماعيل اوڍيجو ۽ صالح بلو، مراد چانڊيو کي اطلاع ڪيو هو. جڏهن تالو لڳو ته اسان نعرا هڻڻ شروع ڪيا ته بعد ۾ سنتري آيو چيائين ته بنگلاٽي توهان کي جيل انتظاميه گهرايو آهي مولوي عبدالصمند گهنيون ۽ خادم دايو پ پ پ جو جيڪو هڪ هٽ کان

هڪ جنگهه کان معذور هو انهن کي ساڻ ڪري گڏجي چڪر ۾ ويس ته جيل سپرنٽينڊنٽ ۽ جيلر وڏي تعداد ۾ پوليس نفري موجود هئي چڪر ۾ جيلر رانا چيو ته واحد بخش بنگلاڻي جيل نه بگاڙ توهان کي ڪهڙي تڪليف آهي جو توهان گوڙ ڪيو آهي، توهان جي ذات جا قيدي مڙس ماڻهو آهن تون به مڙس ماڻهو ٿي گوڙ ختم ڪراءِ، مان چيو ته اهي مڙس ماڻهو خوني چور آهن ڌاڙيل آهن مان سياسي قيدي آهيان مان سياسي قيدي جي حيثيت ۾ آيو آهيان نه ڪي ڪنهن چوري جي ڪيس ۾. پهرين ته اسان سياسي قيدين کي هڪ هنڌ جدا رکو، ڏوهارين کان ٻيو ته سياسي قيدين کان ڪم نه ونو. ٽيون ته سياسي قيدين جي ملاقات ڪرايو ۽ کوليو ته مٺ مائٽ دوست جي نه ته پلي گولي هلايو اسان چور ناهيون جو اسان کان ڪم ونو بعد ۾ وچي بئريڪ ۾ بند ڪيائون نعرا شروع ٿي ويا ۽ پليٽون درين جي سيخن ۾ گسڻ سان چڻ مشين گن گولي جهڙو آواز هو چڻ ته جنگ جو ميدان هو سڄي جيل ۾ نعرا هئا بعد ۾ چڪر جو جمعدار سنتري وٺي آيو چيائين ته توهان ڪهڙي بئريڪ ۾ ويندا اسان پهرين نمبر بئريڪ ۾ ويندا سون جي اسان جي پرسان هئي. اسان پنهنجو سامان ڪنيو جڏهن پهرين نمبر بئريڪ جي گيٽ تي پهتاسون ته دوست اڳ ۾ گيٽ تي بيٺا هئا صالح بلو ۽ مراد چانڊيو، ڊاڪٽر اسماعيل اوڊيجو قدرت الله سندراڻي، علي مراد چنه. ڪافي دوست گيٽ وٽ صالح بلو، مراد چانڊيو منهنجو سامان وٺي ڪنيو ۽ پنهنجي بئريڪ ۾ پنهنجي پرسان بسترو هنيو ڊاڪٽر اسماعيل چيو ته بنگلاڻي مڙسي ڪئي آهي تون نه تو ليڊرن جي آسري ۾ مري وڃون ها اڄ آزاد هئاسون، پهرين نمبر بئريڪ ۾ سيني دوستن سان مليس رات جو گيٽ بند ٿيو روز معمول مطابق 26 سيپٽمبر 1983ع تي بند ڪيائون گيٽ ۽ بئريڪ جا گيٽ به بند ڪونه کوليائون نه وري پتو آيو 8 بجي سڄي جيل ۾ سياسي قيدي بند رکيائون سڄي جيل ۾ نعرا ڪوڪرا پليٽون درين سان گسائڻ جيل جي ٻاهران ماڻهن جا مٺ مائٽ قيدين جي ملاقات لاءِ ڦرن پيا ته لاش نڪرن ته مالڪي ڪيون. 48 ڪلاڪن گذرڻ کان پوءِ جيل آءِ جي آيو سڌو منهنجي بئريڪ ۾ پهريون جنهن ۾ مير هزار خان بجاراڻي، عبدالحليم پيرزادو، يوسف خان جکراڻي، سڏ به مون کي ڪيو دوستن اهو فيصلو ڪيو هو ته بنگلاڻي ڳالهائيندو آءِ آءِ. جي سان جنهن جيل سپرنٽينڊنٽ دراني به ساڻ هو اچي اسان جي بئريڪ جو تالو کوليائون گيٽ تي اچي ويهي

رهيا جنهن ۾ مان وچي آءِ. جي جي سامهون بينس ته منهنجي ڳالهائڻ ڪان اڳ ۾ چوڻ لڳو ته بنگلاٽي مان توهان ڪان معافي ٿو وٺان جو ڪجھ ٿيو معاف ڪيو.

بعد ۾ مان آءِ. جي صاحب ڪي چيو ته پهرين ته يزيد دراني ڪي هٽاءِ ٻاهر هٽايو دنيا ۾ جتي به ڏوهاري قيدي بک هڙتال ڪندا آهن ته به جائز ناجائز انهن جا مطالبا مڃيا ويندا آهن ته بک هڙتال ختم ٿئي پر دراني شيطان خود سياسي قيدين جو پاڻي بند پٽو بند ڪيو هڙتال ڪرايو اڄ 48 ڪلاڪ ٿي ويا ۽ گذري چڪا آهن اهو ڪم صرف يزيد ڪيو هو امامن سان ڪربلا ۾ امامن جو پاڻي بند ڪيو اسان سان به ساڳيو امامن وارو ڪم ڪيو ويو آهي نه نماز لاءِ پاڻي نه پيئڻ لاءِ پاڻي توهان ڪي سڀ خبر آهي هن اسان سان سياسي قيدين وارو سلوڪ ڪيو آهي جي دراني ڏوهارين وارا جيل جا ڪپڙا ۽ ملاقات سياسي قيدين جي بند آهي آءِ. جي اتي هٽ بڌي چوڻ لڳو ته اهو سڀ مان ڪيو آهي معافي ڏيو مير هزار خان ۽ يوسف خان عبدالحليم پيرزادي دوستن چيو ته آءِ. جي صاحب ڪي معافي ڏيو آءِ. جي مان ڪي ياڪر پائي چيو ته معاف ڪر مان چيو ته اڳتي اهڙو قدم نه ڪنديئو بعد ۾ آءِ جي گودام جي جمعدار ڪي چيو جيڪو ساڻ هئس ته بنگلاٽي جو سامان ڪپڙا بهسترو ڪٽي آٽي ڏي بعد ۾ به ياڪر پائي ٻاهر نڪتاسون سيني سياسي قيدين جا دروازا گيٽ کلي ويا ڊاڪٽر اسماعيل قدرت الله سندراٽي اچي ڪافي دوست گڏ ٿيا انهيءَ مهل منهنجو سامان ڪپڙا بسترو ڪٽي آيو انهيءَ مهل مان پنهنجا ڪپڙا پاتا سيئي دوست چوڻ لڳا ته اهو مڙسي بنگلاٽي ڪئي هاڻي ملاقات به کلي وئي آهي اڄو چڪر ڪارو چڪر هاڻي هڪ ڪري ڇڏيو دوستن اچڻ وڃڻ استپال اچڻ وڃڻ.

ڪاري چڪر ۾ دوستن سان ملڻ ويندو هئس. انور پيرزادو، مانڌل شر اختيار پنو ۽ صالح بلو، مراد چانڊيو، ولايت چند، روزانو دوستن سان ڪچهري ڪرڻ ويندو هئس. اڄ 29 سيپٽمبر تي پهرين دفعي امڙ ملاقات تي آئي ۽ هي خوشخبري به کڻي آئي منهنجي گهر پٽ پئدا ٿيو بيو ته امڙ چيو ته تنهنجا سئوٽ چوندا آهن ته ضياءَ پنو ڪي ڦاسي ڏني تنهنجي پٽ ڪي به يا ڦاسي ڏيندو يا عمر قيد جيل ۾ هوندو. مان امڙ ڪي چيو ته توهان انهن ڪي چا جواب ڏنو. امڙ چيو ته منهنجو پٽ شير آهي شير هميشه پڃرن ۾ بند هوندا آهن

توهان جهڙا گدڙن لومڙن وانگر آهيو ٻاهر منهنجي پٽ کي ڦاسي آئي ته مان خوش ٿيندس جو پنهنجي مقصد خاطر انقلاب خاطر مون کي ڪاٻه ارمان ڪونه ٿيندو پٽي جهڙو ماڻهو ڦاسي تي چڙهيو جي منهنجو ٻچو ڦاسي تي چڙهيو ته مون کي پنهنجي پٽ تي فخر آهي. اڳتي مان کي نه چوندا روزانو چوندا آهيو توهان گدڙ ۽ ٻاڙيا آهيو امڙ جا اهي لفظ ٻڌي ڏاڍي خوشي تي جڏهن مان دوستن کي ٻڌايو ته دوستن چيو ته توهان جي امڙ مهان آهي اهڙيون مائرون هرهڪ جون هجن ته انقلاب پري ناهي.

11 آڪٽوبر تي جيلر اسلم رانا آيو مان وٽ ته توهان بي ڪلاس وارڊ ۾ هلي رهو. اسلم رانا سي. آءِ جو هو بعد ۾ مان دوستن جي ميٽنگ ڪرايو ۽ فيصلو ڪيو ويو ته سڀ هڪ هنڌ ڪان بهتر آهي ته مختلف بئريڪن ۽ وارڊن ۾ سياسي ڪم ڪرڻ گهرجي دوستن فيصلو ڪيو ته مان 12 آڪٽوبر 1983ع تي بي ڪلاس وارڊ ۾ ويس سامان کڻي ته سي ڪلاس ۾ ته خورشيد شاهه. قاصر علي شاهه. قدرت الله سندراڻي وارا به ان بئريڪ ۾ هئا جيئن مان سامان رکيو ته يوسف خان جکراڻي، آغا سيف الله اچي پنهنجي بئريڪ ۾ وٺي ويا. ڪچهري ڪرڻ لاءِ ۽ چانهه جو دور هليو گلشير خان جگراڻي ۽ سردار بقا محمد خان جکراڻي، عبدالحليم پيرزادو ان ئي بئريڪ ۾ گڏ رهندا هئا. ڪن دوستن چيو ته اسان اجا بند آهيون مان دوستن کي چيو ته ترسو پير رکڻ ڏيو هي گيٽ به کلي ويندو.

شام جو ڪجهه دوستن سان بند ٿيڻ کان اڳ ۾ نعرا هنيا ويا مارشل لا ضياءَ خلاف بي ڪلاس جو گيٽ کوليو وجي سڀ ليڊر کولين مان ڏسڻ لڳا. اسلم رانا جيلر آيو مير هزار خان بجاراڻي، مير بگن خان بجاراڻي، لياقت علي خان ڊومڪي جي کولي ۾ مون کي گهرايو ته اسلم رانا چيو ته هي ڇا آهي مان چيو ته بي ڪلاس جو گيٽ به کوليو وڃي ڏينهن جو سياسي قيدين لاءِ بعد ۾ مان پنهنجي بئريڪ ۾ ويس جنهن ۾ تنظيمي دوست مهيش ڪمار گهوٽڪي جو ان بئريڪ ۾ هو صبح جو جيئن بئريڪ جو گيٽ کليو چانهه پي ڪري 9 بجي جلوس ڪڍيو نعرا هنيا ته سردار بقا محمد خان جکراڻي سڏو مير هزار خان جي کولي ۾ ويو چيائين ته هن بدبخت پنهنجي برڙي بنگلاڻي کي سمجهايو وري هتي جيل بند نه ڪرائي ۽ گوليون هلنديون ته مير بگن خان کلڻ جا ٽهڪڙا سڄي وارڊ ۾ گونجڻ لڳا ته اسان ڇا ڪري سگهون ٿا سردار صاحب

نه ٿين ته پارٽي جي طرف کان ٻاهران هر پندرهين پندرهين ڏينهن سامان ۽ دوائون اينديون هيون پر مون کي ڪا خبر ڪونه هئي نه وري دوست ڏيندا هئا. جڏهن پاڻ ۾ ڪونه نهيا ته مان وٽ آيا ۽ انور پيرزادي وٽ مانڊل شر، اختيار پٺو، پير شهاب الدين اسان انهن جو ناهه ڪرايو مان ڪڏهن به سامان جو پڇر ڪونه ڪيو نه مون کي مليو. صرف جيڪب آباد جي دوست محمد بخش سومري هڪ سئو موڪليا هئا اهي مليا هئا ٻي ڪنهن جو روپيو ٻه ڪونه مليو هو نه سامان نه دوا سگريٽن لاءِ به ڪڏهن ڪڏهن يوسف خان جکراڻي ۽ آغا سيف الله وني ڏيندا هئا بغير چوڻ جي.

14 فيبروري 1984ع تي شام جو دوستن سان چبر تي ويٺي ڪچهري ڪري رهيوس ته ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ ته اسان جو هڪڙو سياسي قيدي به وڃي رهيو هو ان کان معلوم ڪيو ويو ته صبح جو هڪ خوني ڏوهاري کي ڦاسي جي سزا ڏني ويندي ان لاءِ ماڻهو ڏسڻ لاءِ وڃي رهيا آهن ان کان بعد ۾ اسان ڪجهه دوست به ڦاسي گهاٽ وياسون ته پوليس ماڻهن جي رش هٽائي ته مان وڃي ان جي پرسان سامهون بينس ته مان ان کان سوال ڪيو ته ڇا جي ڪري توکي ڦاسي اچي رهي آهي ۽ توهان جو نالو ڇا آهي ان چيو ته مان نياز محمد شاهاڻي آهيان. وينل ميرپور ماٿيلو ڪچي ۾ ڳوٺ آهي خون ۾ ڦاسي اچي رهي آهي. پوليس وارن کان خبر پئي ته هي هڪ وڏيرو آهي هن جو هاري لڏي ٻئي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو هو ته هن ٽانگي تي چڙهي وڃي رستو روڪيو ۽ ان هاري ۽ گهر واري ۽ ستن مهينن جو ننڍڙي ٻار کي بندوقن جا فائر ڪري ماري ڇڏيو اهو به خبر پئي ته وڏيرو نياز محمد شاهاڻي جا هاري جي گهر واري سان ناجائز تعلقات هئا انهيءَ ڪري مارياٿين هن کي صبح جو ڦاسي ايندي. 4 بجي، ٻيو خبر به اتي پئي ته ٻئي کي به ڦاسي اچڻي آهي صبح جو ان جو نالو مرجو جت آهي ٺٽي ضلعي جو آهي ان هڪ ماڻهو کي هوٽل ۾ ماريو ۽ هن جو ڪوبه وارث ڪونه هو. جڏهن اسان واپس بئريڪ ۾ وياسون ته خبر پئي ته نياز محمد شاهاڻي جو وڪيل عبدالحليم پيرزادو آهي ان هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس وڌو هو ان مازي ۾ وڃي فون ڪري ڦاسي روڪائي. انهيءَ تي صبح جو بحث هليو حليم پيرزادي سان ته هڪ وڏيرو ناحق ٽي خون ڪيا پنهنجي عياشي ۽ حوس لاءِ توهان ان کي بي ڏوهي ثابت ڪري ان ظالم وڏيري کي آزاد ڪرائڻ لاءِ چند ڏوڪڙن خاطر توهان ناحق جا خون لوڙهڻ چاهيو ٿا. ڪلي

ڪري چپ ڪيائين جواب ڪونه ڏنائين. وڏيرو ڪيترا به خون ڪري وڪيل صاحب جج صاحبان بي ڏوهي قرار ڏيئي آزاد ڪرائيندا آهن صرف پئسن جي ڪري مسڪينن ماڻهن جا ناحق جا خون لوڙهي ڇڏيندا آهن. مان سکر جيل ۾ هتي ڪافي قيدي آهن ناحق جي خونن ۽ ڪيسن ۾ جيل ۾ سڙي رهيا مري رهيا آهن ڪي لاوارث نه ملاقات نه مدد ڪرڻ وارو جنم سزائون ۽ ڦاسي گهاٽ مسڪين غريب ناحق ۾ سسڪيون ڏيئي رهيا آهن ۽ زنده لاش بڻيل آهن هڏا پڃرا بڻيل اهو سڀ وڏيرن، سردارن، جاگيردارن وڪيلن ججن اهي من گهڙت قانون سڀ سرمائيدارن انهن جا رکوالا آهن.

22 مارچ 1984ع تي سيني کي خبر پئي ته شام جو سزا پوري ٿيڻ تي آزاد ٿيندس ته صبح جو سوير سان ته لاڪاٽ جا دوست راڻو جتوئي، خميسو پان ڪاري چڪر مان آيا ۽ دعوت ڪيائون. انور پيرزادو جام ساقي سان گڏجي دعوت تي ويس دوستن سان ڪچهري ڪري ماني ڪائي بعد ۾ دوستن ڳوٺ اچڻ جي دعوت ڏني. لاڪاٽ ۽ قاضي احمد اچڻ جي انهيءَ ڳوٺ تي فوج هيلي ڪاپٽرن تي شيلنگ ڪئي هئي ضرور ايندس توهان جي ڳوٺ لاڪاٽ موٽي بئريڪ ۾ آيس حوالدار سنتري اچي ٻڌايو ته توهان جي سزا پوري ٿي سامان ٽپڙ تيار ڪيو بعد ۾ مان سڀي جيل جي دوستن کان موڪلائي آيس بعد ۾ 4 بجي بئريڪ کان ماڙي تائين دوست نعرا هڻندا هليا نذير جي خون سان ايشيا سرخ آ سرخ آ سرخ آ ايشيا سرخ آ نعرا هڻندا گيٽ تائين جام ساقي انور پيرزادو، يوسف خان جکراڻي، آغا سيف الله عاشق منصور گوپانگ، اختيار پنهور، ڪريم بخش ملڪ، مهيش ڪمار، بخش علي جمالي، اعجاز پنهور، گيٽ کان ٻاهر نڪتاسون عابد پنهور به سواري به ڪانه ملي نيٺ اڏي تي وياسون ڪابه سواري نل لاءِ ڪونه هئي نه شڪارپور لاءِ آخر ۾ ڪار ڪرائي تي ڪري هلياسون عابد پنهور کي رستي ۾ پنهنجي ڳوٺ مبارڪ پور لاهي مان سڄ لڳي ڳوٺ پهتس.

هليا ويا پر پاءُ پائيتا بہ هليا ويا مان سان صرف پيڻ رهيا رات جو پاءُ جو نہ رهڻ تہ مون پئسا ڇو گهريا 25 سئو انهيءَ ڪري هليا ويا ناراض تي پئسا بہ ڪونہ ڏنائون رهندو مون تي ناراض تي ويا پٽ جي اعلاج لاءِ بہ امڙ ڀين کان قرض ورتو ۽ خرچ ڪيو امڙ کي پنهنجا پئسا بہ ڪونہ ڏنائون ٻئي ڏينهن تي منهنجي مامن ۽ ماسات کي خبر پئي تہ ڇوڪرو گذاري ويو آهي، روئندا رڙندا آيا رات جو رهيا منهنجي ڏک ۾ شريڪ ٿيا. 2 جون جو جيڪب آباد ويس محمد بخش سومرو وٽ پارٽي جي سيل ميٽنگ ڪئي وئي صبح جو 3 جون تي سکر ويس ڄام جي ملاقات تي دودو اياز سومرو ڪنعيا لال ملاقات ڪري واپس جيڪب آباد آيس جيل جي دوستن جا سلام ڏيڻ گلشير خان جکراڻي ڏي ويس رات جو يونس مهر وٽ رهيس ان جي والد استاد عبدالطيف مهر سان پهرين ملاقات هئي ۽ سني ڪچهري ٿي. سائين باشعور ۽ معزز انسان ڇاڻ رکندڙ سمجهدار ماڻهو هو. ٻيو تہ 22 جولاءِ 1984ع تي ضلع جي ميٽنگ رکيل هئي ڊاڪٽر ڌرمپال وٽ مير ٽيٻو ۽ ٻيا ساٿي شريڪ ٿيا مان غلام رسول سهتي جي ڳالهہ رکي تہ جيئن تہ هو دوستن ۾ مايوسي ڦهلائي رهيو آهي تہ مان جيڪي ڪتاب لاهور مان وي. ٻي ذريعي گهرائي دوستن کي ڏيندو آهيان ۽ خود دوستن ڪتابن جي لسٽ ڏني هئي تہ ڪتاب گهراءِ پئسا اسان ڏينداسون پوسٽ مان ڇڏائڻ لاءِ تہ سهتو اهو ڇوندو وتي دوستن کي تہ ڪامريڊ ٻنگلاڻي جيڪي ڪتاب گهرائي ٿو انهن کي سي آءِ ڊي چيڪ ڪري ٿو تہ ڪنهن ڪنهن کي ڪتاب ڏي ٿو اهو ٿي ڦهلايو ويو آهي اڄ جي ميٽنگ ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جي طرف کان پنو عاقل ڇانوٽي خلاف هڪ پمفليٽ ڇپرايو ويو آهي. انهيءَ جي ورهائڻ کان دوستن جواب ڏنو. بعد ۾ مير ٽيٻي چيو تہ ڪامريڊ ٻنگلاڻي تو ۾ ڪم آهي. ڪجهہ ڳالهائڻو آهي رات جو روڊ سان هلندي چيو تہ توهان جي هي گڏيل ڪاميٽي ڪانہ هلندي ٻڌاءِ ڇا ڪجي منهنجي ٻڌڻ کان سواءِ پاڻ ڇوڻ لڳو تہ تنهنجي ميٽنگ جدا ڪرڻ ڪپي. مان اهو ٻڌي مير ٽيٻي کي چيو تہ اهو توهان ڇو گروهہ بندي ڪرائي اسان ۾ پاڻ ۾ ورڪرن کي هڪ ٻئي جي خلاف ڪري رهيا آهيو ۽ نفرتون وڌائي رهيا آهيو اتي چپ ڪري ويو. جنهن پمفليٽ جي ورهائڻ کان انڪار ڪيو ان جو عنوان هي هو تہ: جيئي سنڌ، جيئي هاري، پني عاقل کي ڇانواٽي کان بچايو. هونئن تہ هر دور ۾ سنڌ جون زمينون ۽ زمين جو سينو چيريندڙ سونا سنگ اپائيندڙ هر هاري کي ڏيڻ بندران

ايس ايف وارن کي ڪنوينشن ڪرڻ ۽ جلسو ڪرڻ ڪونہ ڏينداسون توهان پنهنجن کي سمجهايو نہ تہ دشمن جي بجاءِ پنهنجن جا لاش ڪرندا تہ فائدو وجي چوڌرين، وڏيرن ۽ حڪومت کي ٿيندو. ڊاڪٽر اديب انقلابي چيو تہ توهان بلڪل سهي تا چئون دشمن بجاءِ پاڻ ۾ خون خرابي سهي ناهي اسان ان ڏينهن توهان سان گڏ آهيون ڪوبہ غلط قدم نہ کڻندا دوست توهان پنهنجو ڪم ڪيو ڪوبہ توهان جو ڪنوينشن ۽ جلسو ڪونہ ڦٽائيندا.

13 ڊسمبر تي صبح جو علي حسن چانديو لياقت علي ٽالاٽي، رحيم بخش جعفري جي ڪار تي آيا مان وٽ هاسٽل تي چيائون تہ توکي مير ٽيبي ۽ رحيم بخش جعفري گهرايو آهي جڏهن مان دوستن سان اتي پهتس تہ چيائون سپ شاگرد دوست بلهڙيجي موڪلياسون ڪنوينشن اتي پيا ڪيون مان ناراض تي چيو دوستن کي توهان هميشہ ڏچي ويندا آهيو، اسان هتي تمام سٺي تياري ڪئي هئي ڪوبہ اسان جي پروگرام کي ڦٽائي نہ پيو سگهي آخري ٽائيم تي توهان کي بلهڙيجي وڃي رهيا آهيو بعد ۾ اسان کي دوست چوندا تہ توهان ڊڄڻا هئا جو هتي ڪنوينشن ڪري ڪونہ سگهيا آخر مان کي دوستن بلهڙيجي نيو. 22 نومبر 1986ع تي جيڪب آباد ۾ ساٿي ٻارڙا سنگت جي مرڪزي ڪنوينشن تي سڄو بندوبست اسان ضلع وارن دوستن ڪيو جنهن ۾ هڪ وڏي ڳڻون ڪني هئي سڄي پوري پاڪستان مان ٻارڙا آيل هئا. رات جو اوپن جلسو اسٽيڊيم ۾ ڪيو ويو هو جن ۾ فنڪار ۽ دانشور آيل هئا آخر ۾ جلسي جي مهمان خاص دانشور سهيل سانگي تقرير ڪئي.

22 نومبر 1986ع تي سنڌ هاري ڪاميٽي ضلع جيڪب آباد پاران سنڌ جي قومي طبقاتي جدوجهد ڪندڙ شهيد شاهہ عنايت جي ورسي ڪنڌڪوٽ لڳ ڳوٺ حاجي احمد علي سهرياڻي ۾ شام 4 بجي ملهائي ويئي جنهن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي اڳواڻن تقريرون ڪيون خراج تحسين پيش ڪيو ان کان سواءِ ڊي ايس ايف جي مرڪزي چيئرمين امداد چانديو، خادم ٿهيم، علي حسن چانديو ۽ ٻين دوستن رحيم . ش جعفري، خادم بجاراڻي، حاجي احمد علي سهرياڻي، چاچا شاهہ محمد دراني تقريرون ڪيون مان تقرير بلوچي ۾ ڪئي.

10 ڊسمبر 1986ع تي چام ساقي آزاد ٿيو جيل مان. 6 فيبروري 1987ع تي چامُ ساقي جو ضلع جيڪب آباد جي دوري لاءِ پروگرام تيار ڪيا ويا

بنگلي جي سامهون جلسو ٿيو جنهن ۾ جيئي سنڌ وارن نعرا هڻڻ شروع ڪيا: تنهنجو ديش منهنجو ديش، سنڌوديش. مان يڪدم ڦري ويس دوستن کي چيو ته نعرا هڻڻ بند ڪيو هي اسان جو جلسو آهي بعد ۾ توهان ڀلي سنڌوديش ٺاهيو بعد ۾ چپ ڪيائون سمجهي ويا. جلسو شروع ٿيو آجياڻي جي لاءِ مون کي سڏ ٿيو مان خاص ڪري ڪنڊڪوٽ جي عوام ۽ ورڪرن دوستن جو شڪريو ادا ڪيو جو جلسو ڪامياب ويو. بعد ۾ يوسف خان جکراڻي، تاج مري، امداد چانڊيو آخر ۾ غلام رسول سهتي ۽ جام ساقي تقرير ڪئي بعد ۾ ڊي ايس ايف جا دوست شهداد جعفري کي نال موڪليم ته نال ۾ دوستن ڏي ته پروگرام نال جو ڪامياب ڪن جلسو ختم ٿيو ته جام ساقي امداد چانڊيو اندر ڪمري ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا ته مان ٻاهران ڪرسي تي وينو هئس ته ٻاهران غلام رسول سهتو آيو ڪاوڙ مان چوڻ لڳو ته معتبر ٿيو وينو آهين گهر ۾ وٺو ڪونهي ته مان کي به ڪاوڙ آئي ته مان به رائيفل جي بئلٽ پٽي گولي چيمبر ۾ ڪيم ته سهتو وڃي جام ۽ امداد جي پنيان وڃي ويٺو مان دوستن کي قصو ٻڌايو ته سهتي کي سمجهايو ته امداد ۽ جام هٿ ۾ وٺي چيو ته خير آهي بعد ۾ سهتي تي تنقيد ڪئي دوستن ته تون ڇو چيو ڪامريڊ بنگلاڻي کي بعد ۾ سهتي منهن هيٺ ڪري چپ وينو هو بعد ۾ جام ساقي امداد چانڊيئي، تاج مري ياڪر ياڻي مون کي چيو ته هاڻي ڇڏ ڪاوڙ کي پنهنجن سان به ڪاوڙ. بعد ۾ منجهند جي ماني هوٽل تان گهرائي دوستن کي ڪارائي وئي.

شام جو يوسف خان جکراڻي وٽي ويو رات جو ماني ان ڪرائي هئي. ان کي خبر پئي ته منجهند جي ماني جو بندوبست ڪونه هو ته مان سان ڪاوڙ ڪيائين ته مان کي چئو ها. يوسف خان وٽ مختلف تنظيمن جي ڪارڪن سان ڪچهري ٿي سوالن جا جواب ڏنا ويا.

8 فيبروري 1987ع تي صبح جو نال جي تياري ڪئي ويئي قافلو روانو ٿيو پروگرام مطابق ڪرمپور بجاراڻي ۾ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ شهيد جڙيو بجراڻي جي ڳوٺ غلام حيدر بجاراڻي سان ان جي تعزيت ڪئي بعد ۾ نال لاءِ روانا ٿياسون مرڪز جو اهو فيصلو هو ته صرف نال کان گذرندا وينداسون جيڪب آباد جڏهن نال کان ڇهه ڪلو ميٽرن تي وڏي تعداد ۾ دوست استقبال لاءِ ڪارن ۽ موٽر سائيڪلن تي بيٺا هئا بشير بنگلاڻي شهداد جعفري فضل نوناري نواز نوناري خالد بروهي ڪافي دوست سيني تنظيمن جا ڪارڪن وڏي

حسين شر واپس ٿو وڃي جڏهن وڃي غلام حسين سان مليس ته چوڻ لڳو ته اسان سهتي جي ڳارين کائڻ لاءِ پيا هلون ڇا ته ڏاتسن جو ڪرايو ونو نه تيل گهرون، پنهنجي خرچ تي ٿا هلو سهتي جا پيءُ جا نوڪر ته ناهيون جذبات ۾ چوڻ لڳو سيني دوستن سهتي تي تنقيد ڪئي اصل ۾ سهتو ماڻهن ۽ ورڪرن کي بيزار ڪرڻ پي چاهيو جيڪو ان تي تنقيد ڪندو هو سو ان جي خلاف هوندو هو دوستن جي جيل نڪرڻ سان پارٽي ۾ گروهه بندي ڪئي پئي وئي سيني محاذن ۾ افراتفري لڳي پئي آهي بعد ۾ دوست کي راضي ڪري بعد ۾ روانا ٿياسون اڌ ڪلاڪ رستي ۾ بيناسون ۽ شهدادڪوٽ پهتاسون ڪوٺوموٺو چوڪ تي دوست عرس سيلرو، قادر بخش سيلرو بين دوستن خوش آمديد چيو سنو جلسو ٿيو ڪافي ماڻهو آيا هئا.

بعد ۾ لاڙڪاڻي روانا ٿياسون شام جناح باغ ۾ جلسو ڪري رات جو ٻلهڙيجي وياسون گلاب پيرزادي انور پيرزادي قربان پيرزادي جي ڳوٺ رات جو ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي اتي آيو ان سان به سياسي صورتحال پارٽي تي ڪچهري ٿي. 10 فيبروري تي صبح جو ڏوڪري راڌڻ باڏهه شام جو دادو ۾ جلسو ٿيو. 11 فيبروري تي صبح جو منياٽي محمد خان سولنگي جي ڳوٺ شهر ۾ جلسو ٿيو هارين ڏاڻن سان ڳاڙهن جهنڊن سان استبقلا ڪيو منظور سولنگي گيت ڳائيندو ويو جلوس جي اڳيان. منهن ڇپرن، لوڙهن ۽ گهر گهر ۾ گوليون ڳائيندو ويو. شام جو مهرابپور سهتي جي ڳوٺ ۾ هاشم گهانگهڙي وٽ رات جو ميٽنگ ٿي سنڌ هاري ڪاميٽي جي ميٽنگ تي رات جو ڪامريڊ غلام حسين شر ۽ اختيار پنهو ڳوٺ هليا ويا. اهو مان ضروري ٿو سمجهان ته باڏهه ۾ دوست علي محمد بروهي جلسي جو بندوبست ڪيو هو. دادو ۾ عاجز جمالي سنو جلسو ٿيو هو دادو ۾.

مهراب پور کان 12 فيبروري تي جيڪب آباد ويس ڳوٺ نل. ته امڙ چيو ته تنهنجي وڃڻ کان پوءِ چار پنج دفعا پوليس مختياڪار، ڊي ايس پي، نل ۽ ڊي سي جيڪب آباد آخري دفعو 6 فيبروري 1987ع صبح جو اچي سڌ ڪيائون. تپيدار غلام قادر لاشاري به ساڻ هو. پڇا ڪيائون ته امڙ چيو ته توهان کي گرفتار ڪرڻو آهي يا ملڻو آهي ته جتي جام ساقي جو جلسو هوندو اتي ملندو توهان کي جلسن ۾ امڙ چيو هو ته اڄ ڳڊو ڪشمور ۾ جام ايندو اتي توهان کي ملندو انهن جو اهو خيال هو ته مون کي گرفتار ڪري جيئن

مون کي چيائون ته پهرين ڳالهه آهي ته مان پڙهيو به ناهي دوست هاٿي ڏنو آهي پڙهي ڏسون ٻن ڏرين جا پوءِ فيصلو ڪبو ته ڪير سهي آهي ڪير غلط آهي پوءِ ڪو فيصلو ڪبو اڪثريت ۽ اقليت جي مير ٿيٻي کي چيو ته توهان اسان جي ضلع جا انچارج به هئا توهان کي اڳ ۾ ٻڌائڻ کپي ها اڄ خبر پئي آهي ورڪرن کان شڪارپور ۾ ته توهان اقليت ۾ آهيو پارٽي ٽوڙي هاٿي ٿا چئو ته اڪثريت سان هوندا يا اقليت سان ڪارڪنن جي اڳيان توهان جوابدار آهيو. مس وچي پارٽي پنهنجي پيرن تي بيٺي هئي هر فرنٽ، هر محاذ تي پارٽي وڏي چڪي هئي جنهن به ٽوڙيو آهي عوام ۽ ڪارڪنن پارٽي سان دوکو ۽ غداري ڪئي آهي.

اهو چئي مان شڪارپور کان جيڪب آباد ويس بعد ۾ اقليتي جائزو پڙهيو ان ۾ صاف نظر آيو ته متي جيڪو مرڪز ۾ اختلاف هو صرف پاڻ کي بچائڻ لاءِ هنن اقليت وارن جو زور اتحاد ۽ قومپرستي تي هو اين پي پي ۽ پي اين پي. سنڌ هاري ڪاميٽي جو طبقاتي تنظيم هو انهيءَ جا ذميوار اهي دوست هئا جنهن پارٽي جا فيصلا خود پاڻ ڪندا هئا جي ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ هاري ورڪرن کي پي اين پي جي پليٽ فارم تي گرفتاريون ڏياريون ويون هيون سنڌ ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي سنڌ صوبائي ڪاميٽي جا انچارج مير ٿيٻو هو ضلع ۾ رحيم بخش جعفري ۽ غلام رسول سهتو هوندا هئا پيو ته پارٽي کي بندريا سان پيٽ ڏيڻ ناانصافي هئي. پيو ته جيل مان امداد چانڊيو آزاد ٿيو ته سنڌو پهرين ڏينهن جو لطيف ڪئمپس يونيورسٽي ۾ تقرير جي شروعات قومپرستي مان ڪيائين شروع ۾ هي شعر پڙهيو ته باهر گل گلاب جا اندر جا فولاد، سنڌڙي جا اولاد پرکي ڏسو ڪانئرو. مان ڪالهه رات آزاد ٿيو آهيان. سڌو توهان وٽ آيو آهيان تقرير جو سچو محور قومپرستي تي هو اسان کي هاڻي نه کپي اهڙو پاڪستان سنڌ جا سڀ نوجوان گڏ تي ٻڌي ڪيو سنڌ جي حقن لاءِ پهريون اسان هونداسين. پاڪستان کي ٽوڙڻ لاءِ اسان نيڪو ڪونه ڪنيو آهي پاڪستان جو جڏهن مون کان پڇا ڪيو هو مارشل لا وارن مون کان ته توهان کي ڇڏيو وڃي ته باهر وڃي ڇا ڪندا مان چيو توهان کي خطرو آهي پاڪستان جي ٽٽڻ جو اسان ان لاءِ به تيار آهيون ۽ ٽوڙينداسون. سنڌ ۾ ڪيس ڪيا وڃن ٿا سڀ کان وڏيڪ سنڌ جي آزادي آهي. سڀ گڏجي قومي حق وٺو آخر ۾ منهنجي خواهش آهي ته پٺ ۾ گولي نه لڳي

اڳيان سيني ۾ گولي لڳي.

اهو ڪيسٽ اڄ بہ موجود آهي پهرين اقليت وارن 28 آگسٽ 1987ع ۾ گشتي مراسلو ڪڍيو. اسٽينڊنگ ڪاميٽي مرڪز توسيع اجلاس ۾ نالو سي پي پي ڏنو ويو پشاور پارٽي ٽوڙي وئي ڪميونزم ۽ ڪميونسٽ نظريي جي خلاف. انهيءَ کان پوءِ مان شڪارپور ويس تہ ڊاڪٽر قاسم بروهي وٽ تہ اتي مير ٿيبو، رحيم بخش جعفري، امداد چانڊيو، غلام رسول سهتو، ڊاڪٽر مرتضيٰ کهڙو اتي گشتي مراسلو مليو هو جو پارٽي ٽوڙي آيا هئا اتي دوستن سان بحث مباحثو ٿيو بعد ۾ ڊاڪٽر قاسم بروهي چيو تہ مان پارٽي سان آهيان بنگلاٽي وارن سان بعد ۾ مان سکر خيرپور ويس شام وڪيل لياقت علي شر وٽ لطيف يونيورسٽي جا ڪجھ دوست بہ هئا. مير ٿيبو ۽ امداد چانڊيو آيا مٿان گهڻي بحث مباحثي کان بعد ۾ مان چيو توهان 77 کان 88 تائين توهان انچارج هئا تہ غلطين جي پنهنجي لکت واري پرچن ۽ دستاويزن ۾ اهو ظاهر آهي تہ ڪميونسٽ نظريي خلاف جو ڪجھ لکيو ؟آهي ڪارڪن پڙهن تہ هنن ۾ ڇا لکيو آهي توهان جي ڪيسٽ بہ ساڻ آهي جيڪو توهان جيل مان نڪري يونيورسٽي ۾ تقرير ڪئي هئي تہ اتي ٻئي دوست چڙي آپي کان نڪري ويا چوڻ لڳا تہ تون بروچ آهين اتي سيني دوستن چيو تہ ٻروچڪي تہ توهان ڪري رهيا آهيو جي توهان پنهنجي لکيل شين تي بہ بحث ڪرڻ لاءِ تيار ناهيو. اتي دوست ڪاوڙ ڪري اٿي هليا ويا. پهرين اهو بہ چيائون تہ ڇام ساقي کي ڊاڪٽر اعزاز نذير وارن يرغمال ڪري ڇڏيو آهي ملڻ بہ ڪنهن کي ڪونہ ٿا ڏين الاءِ ڪٿي آهي. بعد ۾ مان ڪراچي ويس رات جو دوست محمد بخش سومري وٽ رهيس. سڄو حال احوال ڪيم صبح جو ٻئي گڏجي ڊاڪٽر اعزاز نذير جي گهر وياسون ڇام سان ملڻ اسان کي ويهاري ڪمري ۾ ٽڙ ڪري ڇام نڪري آيو حال احوال ڪري بعد ۾ اسان ٻئي مير ٿيبي وٽ وياسون تہ همراھ چڙيو وينو هو اسان ٻنهي ڏرين ۾ آسرو نہ سمجهي ڪري سومرو صاحب گڏجي ڇام وٽ آياسون سمجھ ۾ اهو آيو تہ ٻئي ڌڙا پارٽي کي ٽوڙڻ چاهين ٿا ڇام ساقي ايم آر ڊي تحريڪ دوران سکر جيل ۾ آندو ويو هو ان جيل ۾ سکر ۾ هڪ ڪيسٽ پري هئي ان ۾ سڄو پ پ جي حمايت ۾ پڙيو ويو هو ان لحاظ کان سمجھ ۾ آيو هو تہ جيل جي نڪرڻ سان ڌڙابندي شروع ٿي اهو جائزو اڳتي تفصيل سان لکيو ويو آهي.

CS CamScanner

ڪجھ دوستن هڪڙي ڏڙي پنهنجون ڪوششون شروع ڪري ڏنيون پارٽي ٺوڙڻ لاءِ ضلعن جا دورا شروع ڪيا ويا ضلع جيڪب آباد ۾ مير ٽيبو، امداد چانڊيو سان گڏجي افراب سياب خٽڪ. مختيار باچا جنهن ۾ مون کي صرف اطلاع ڪونہ ڏنو ويو جيڪب آباد مان صرف بہ دوست انهن سان بيٺا ٻين دوستن گڏبو ڪمشور ڪان ونئي جيڪب آباد تائين سڀ پارٽي سان بيٺا پيو تہ شاگرد محاذ کي ٺوڙڻ لاءِ بہ جتن ڪيا. 1987ع ۾ ڊي ايس ايف جي مرڪزي ڪنوينشن ڪراچي ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ مان جيڪب آباد ۾ شاگرد محاذ جي فريڪشن جو ميمبر هئس. آخري ڏينهن تي فريڪشن جي ميٽنگ ڪوٺائي جڏهن ميٽنگ ختم ٿي تہ محمد خان سولنگي اقليت وارن جي طرفان آيو اتي بہ ٺوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان جي چال ڪونہ هلي. ميٽنگ ڪجھ فيصلا ڪيا ويا تہ جيئن ڊسيپلين سان شام ڪراچي وڃڻ لاءِ بشير بنگلاڻي، اسلم اوڍاڻو کي اڳواٽي ڪرڻ لاءِ دوستن ۾ ضابطو ۽ ڊسيپلين سان ڪراچي تائين خيال ڪن ڪراچي وڃڻ لاءِ اقليت وارن بہ ساڳي تاريخ تي ڪراچي ۾ ڪنوينشن رکيو هو. جڏهن شام جو جيڪب آباد کان ڪراچي وڃڻ لاءِ قافلا پهچڻ شروع ٿيا جڏهن خوشحال خان خٽڪ ٽرين پليٽ فارم تي اچي بيٺي تہ دوستن جا نعرا هڻيا ۽ ريل جي انجڻ تي اڳيان تي جهنڊا هڻيا بہ پاسن سان هڪ اڳيان بينر ۽ پوسٽر سڄي ٽرين ۾ هڻيا ويا ڪجھ دوست سرحد مان آيل هئا ان ٽرين ۾ محمد خان کي اتي ڪجھ بہ موٽ ڪونہ ملي ڪراچي تائين مايوس وينو هو ڪڏهن ٽرين جي هن گاڏي ۾ تہ ڪڏهن هن گاڏي ۾ وڏي ڪوشش ڪيائين پر ڪامياب ڪونہ ويو ٺوڙڻ ۾. شاگردن جا قافلا شڪارپور، مدئجي، لاڙڪاڻو، ڏوڪري، دادو مان قافلا چڙهيا نوجوانن مان سڄو ٽرين ريل ڀرجي ويو هو. جڏهن صبح 8 بجي ٽئين ڪينٽ ڪراچي پهتي تہ جوڙي جوڙي ۾ نوجوانن کي فوج وانگر تيار ڪيو ويو هو هرهڪ جي هٿ ۾ ڊي ايس ايف جو جهنڊو هو قطار سان هلڻ لڳا تہ ريل انتظاميہ وڏو گيٽ کولرايو جڏهن تہ علي حسن چانڊيو، خادم ٿهيم اڳ ۾ بيٺا هئا پليٽ فارم تي جڏهن باهر وياسون تہ بلوچستان جا دوست غلام حيدر چلگري، ڊاڪٽر عزاز نذير بيٺا هئا انتظار ۾ پنجن منٽن کان بعد ۾ سکر ايڪسپريس آئي سنڌ پنجاب کان پهتا امر لعل جي اڳواٽي ۾ نعرا هڻندا جهنڊا لرهائي اچي سڀ گڏ ٿيا. امداد چانڊيو، مير ٽيبو جڏهن تہ محمد خان وڃي اڪيلو انهن سان مليو. تہ مايوس ٿي هليا ويا.

دوست انقلابي پارٽي لاءِ ڪم ڪريو ويچارن ڪارڪنن کي سازشون ڪرڻ جا درس ڏيندا رهيا ڏاڍا چوندا آهن ته جهڙو ڪارب هوندو ته اهڙيون سرون ٺهنديون. تنظيم جا ڪارب انهن جا نظريي دان ليڊر هوندا آهن جهڙا آ وطن دوست جا نظريه دان ليڊر هئا اهڙي سوچ جا ڪارڪن پيدا ٿيا غريب ڪارڪنن کي دير سان خبر پئي ته پنهنجي پارٽي جو اڳواڻ اصل ۾ چاهي ۽ ڇا ٿو ڪرڻ چاهي ڊاڪٽر ارباب صاحب موقع پرستانه ۽ سازشي لائين جو جيڪو حشر ٿيو سو ڪنهن کان ڳجهو نه آهي همراهه پشاور وڃي ڪل لڪائي ۽ هاڻي ٻولي ٻه ٻي ٿي وئي آهي. سنڌ هاري ڪاميٽي ۾ شامل ٿيل ڀار آهستي آهستي نڪرندا ويا جيئن آيا ڳڌجي وري به چور دروازي کان هڪ هڪ ٿي مختلف ٽولن ۾ هڪ ٻئي تي الزام هڻندا وڃي همراهه گهر پهتا صرف هاشم جمالي نواب شاهه ضلع ۾ ۽ غلام حسين ملوڪاڻي هالا تعلقي ۾ ڪجهه ڪم ڪيو باقي ڪوبه تنظيمي بيس ناهي نه سگهيا سواءِ مانڌل شر جي باقي سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي ڪاميٽي ميمبرن ۽ عهديدارن پنهنجو پاڻ ملهايو پنهنجي وس آهر اندرين توڙي ٻاهرين ٿيندڙ سازشن جو صبر ۽ بربادي سان مقابلو ڪيو هارين جي مسئلن تي جدوجهد ڪئي جلسا ڪرڻ جلوسن جي اڳواڻي ڪري مختلف تنظيمن سان اتحاد ۽ جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي جي تاريخي ساک بحال رکڻ لاءِ ڪوششون ڪيون مرڪزي ڪاميٽي جي ميمبرن بهترين ڪارڪردگي ڏيکاري جن ۾ ڪامريڊ غلام حسين شر. قوٽو رستماڻي، مسرور چانڊيو، اسماعيل قريشي، چاچا شاهه محمد دراني، محمد مراد چانڊيو، خادم چانڊيو، غلام قادر مرراڻي، ستار گهوٽو، خدا بخش شاهه، پوڙهومل ڀيل، حاجي سليمان لاکو. سيٺي دوستن هارين جي مسئلن لاءِ هلايل جدوجهد ۾ هارين جي بي دخلي هارين جا ڪيئي سالن کان زميدارن کان حساب ڪرايا. سرڪاري زمين هارين کي ڏيارڻ، ڍل، عشر، آبيانو جي لاءِ ۽ پڇڙين ۾ پاڻي جي لاءِ ننڍن ڪاتيدارن هارين کي پاڻي ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي وئي.

22 جون 1988ع تي سنڌ اندر سيٺي ضلعن جي هيڊ ڪوارٽرن ۾ هارين جي مطالبن جو ڏينهن ملهايو ويو پاڪستان ڪسان رابطا ڪاميٽي طرف کان هيٺين نڪتن تي زرعي جنسن جهڙوڪ ڦٽين، ڪمند جي اگهن جي مقرري ۽ ڪيمائي ڀاڻ، جيت مار دوائن جون قيمتون گهٽائڻ، ڍل، آبيانو، عشر، ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ اندر سيٺي ضلعن ۾ جلسا، جلوس ۽ مظاهرا ڪيا ويا. 21 مئي 1988ع تي باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ورسي سڄي سنڌ ۾

ملهائي ويئي.

سنڌ ۾ سامراج طرفان نسلي فسادن خلاف انين آئيني ترميم خلاف ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ۽ ڊي ايس ايف شاگرد محاذ سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان هلايل جدوجهد ۾ ڀرپور ناموني سان حصو ورتو ويو. سال 1089ع ۾ چارٽر آف ڊيمانڊ ڪسان رابطا ڪاميٽي طرفان مطالباتي چارٽر سڄي ملڪ پاڪستان جي چئني صوبن ۾ تقسيم ڪيو ويو. سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان سڄي سنڌ ۾ ورهائي وئي هيو ته سنڌ هاري ڪاميٽي مرڪزي جنرل سيڪريٽري قائدا قانون ٽوڙي پورهيت دشمنن جي چڪر ۾ اچي رڪارڊ سوڊي غائب ٿي ويو مٿي ڇاٽائي ويو آهي ته اڄ جي سياسي صورتحال ايتري قدر پيچيده آهي جيئن سياڻا چئي ويا آهن ته ڪلٽين تي ڪلٽين ڪاٺ ڏسي ڏندين آگريون اچي ويندين آهن ٻوليون هڪڙيون ته عمل ٻيا ڏسڻا وائسٽا اهڙا خوار خراب ٿيڻ جو عام ماڻهو سوچي به نٿو سگهي. پر وقت ثابت ڪندو پيو اچي. سنڌ قومي اتحاد نهڻ وقت سنڌ هاري ڪاميٽي سنڌ پاڪستان ۾ قومي نا برابري ڌارين جي يلغار، مارشل لا جنرل شاهي جا ظلم ۽ نسلي فسادن روڪڻ لاءِ پنهنجا ڪجهه بنيادي سوال پنتي ڇڏي شامل ٿياسين پوءِ ان ۾ جيڪو به وهيو واپريو سڀ ڪنهن اکين ڏٺو ان جي باري ۾ وڌيڪ وضاحت ڪرڻ جي ضرورت ناهي يار ۽ يارن جا اعمال نامه ميدان ۾ صاف آهن. 1989ع ۾ شروع ٿيڻ ڪان هارين ۾ ڪم ڪندڙ گروپن ۽ فردن جنهن ۾ قاسم پٽر، غلام رسول سهتو ، علي بخش دادا، صوبل خان، سنڌ هاري ڪاميٽي جي ڪارڪنن ڪي سڄي سنڌ ۾ چونڊ شروع ڪيو ته سنڌ ۾ هارين جي هڪڙي تنظيم هجڻ گهرجي اسان ان لاءِ تيار آهيون پر سنڌ هاري ڪاميٽي جا اڳواڻ ائين ڪرڻ لاءِ تيار ناهن جڏهن ته اهڙي قسم جو سنڌ هاري ڪاميٽي سان ڪوبه رابطو ڪونه ڪيو ويو هو. سنڌ هاري ڪاميٽي مٿي صورتحال تي غور ڪري هڪ ته رڪني ڪاميٽي جوڙي ويئي جنهن موجب هرهڪ سان انهن ڌرين سان ڳالهيون ڪري اتحاد يا انضمام جي معاملي کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ اسان انهن ڌرين سان پهرين گڏجاڻي 6 جولاءِ 1989ع تي حيدرآباد ۾ نظام لارج ۾ ٿي جنهن ۾ قاسم پٽر، عثمان لغاري، علي محمد خاصخيلي، غلام رسول سهتو، ادريس جتوئي، علي بخش دادا سنڌ هاري ڪاميٽي جي طرف کان ڦوٽو رستماڻي مان شريڪ ٿيس ۽ مبصر طور امداد چانديو کي ويهاريو ويو گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ طئه ڪيو ويو ته آئينده گڏجاڻي تائين ڌريون پنهنجي تنظيمن ۽ دوستن سان هيٺين ٽن نڪتن بابت فيصلو ڪري اچن نمبر پهريون

سنڌ ۾ هارين جي هڪڙي تنظيم هئڻ گهرجي يا مختلف تنظيمن جو اتحاد هجي پيو تہ هاري ڪاميٽي جو قومي سوال ڏانهن نقطئہ نظر کهڙو هوندو ٿيون تہ هاري ڪاميٽي هارين جي ٽريڊ يونين هوندي يا سياسي پارٽي طور ڪم ڪندي آئينده اجلاس 16 آگسٽ 1989ع تي ڳوٺ سڪندر لغاري تعلق ٽنڊو محمد خان ۾ رکيو ويو هو ۽ ٻين هاري گروپن کي بہ شامل ڪرڻ ۽ اطلاع ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. 16 آگسٽ 1989ع تي ڳوٺ سڪندر لغاري ۾ گڏيل اجلاس ۾ انضمام بابت هيٺيان بنيادي نڪتا طئہ ڪيا ويا پهريون سنڌ هاري ڪاميٽي جو نالو ۽ جهنڊو، مونوگرام ۽ آئين ساڳيا برقرار رهندا پيو تہ سنڌ هاري ڪاميٽي هارين جي ٽريڊ يونين هوندي، هارين جي معاشي مسئلن کي بنياد بنائي طبقاتي قومي ۽ جمهوري جدوجهد ڪندي، جاگيرداري، زميندار سامراج ۽ هڪ هٽي دلال سرمائيدار دشمن ڪردار ادا ڪندي مزدور اتحاد کي اوليت ڏيندي نمبر ٽيو ڪائونسل سيشن 26 آڪٽوبر 1989ع تي شهدادپور ۾ منعقد ڪرڻ لاءِ طئہ ڪيو ويو هرهڪ يونٽ جو هڪ نمائندو مرڪزي ڪائونسل جو ميمبر هوندو ۽ آئين ۽ منشور رپورٽن لاءِ هڪ ٽہ رڪني ڪاميٽي جوڙي ويئي جيڪا مواد تيار ڪري انضمام ڪاميٽي کان منظوري وٺي ڪائونسل ۾ پيش ڪندي ڪنهن بہ گروپ يا فرد طرفان سياسي پارٽين سان اڳ ڪيل اتحاد ڪائونسل سيشن تائين معطل رهندا بعد ۾ اتحادين بابت پاليسي طئہ ڪئي ويندي ڪي بہ ڌريون گروپ، فرد سنڌ هاري ڪاميٽي جي سياسي پاليسي تي بيان بازي نہ ڪندي، سواءِ هارين جي مسئلن ۽ هارين خلاف ٿيندڙ زيادتين جي. هرهڪ گروپ ۽ تنظيم مان ٻہ ٻہ نمائندا انضمام ۽ ڪائونسل سيشن هلائڻ لاءِ تياري ڪاميٽي تي کنيا ويا. ستن ڌرين جي نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ 14 رڪني تياري ڪاميٽي تشڪيل ڪئي وئي هئي. قوتو رستماڻي سنڌ هاري ڪاميٽي، مسرور چانڊيو ۽ مان سنڌ هاري ڪاميٽي، غلام رسول سهتو، سڄڻ پنو هاري ڪاميٽي سهتو گروپ. مانڊل شر، ستار گهوٽو، ڊاڪٽر عزاز گروپ، قاسم پٽر، صوفي حضور بخش نيشنل ڪانگريس گروپ، شير خان لنڊ، عثمان لغاري سنڌ نيشنل فرنٽ، علي بخش دادا صوبل خان ايڪشن ڪاميٽي، غلام حسين ملوڪاڻي، مير داد ڪلهوڙو، وطن دوست، ڪارروائي هلائڻ لاءِ ۽ ڪاغذ محفوظ ڪرڻ لاءِ سيڪريٽري غلام رسول سهتي کي مقرر ڪيو ويو هو. ضلعن جا آرگنائيزر مقرر ڪيا ويا. 1989ع تي شهدادپور ۾ رکي ويئي هئي متي ذڪر ڪيل فيصلن جي خلاف ورزي جو جائزو ورتو ويو جيئن تہ 16 آگسٽ تي انضمام جا رابطا طئہ ٿيا 20 آگسٽ تي سهتي جو بيان

جاري ٿيو هو ته زرعي اصطلاحات ۽ هارين جي حق شفا تي عمل درآماد جو اختيار وفاقي شرعي عدالت کي ڏنو وڃي جنهن ۾ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ زرعي سنڌ کي ئي غير شرعي قرار ڏيئي زمين هارين کان کسي وڏيرن کي ڏيڻ جو فيصلو صادر فرمايو. 25 آگسٽ 1989ع تي سنڌ قومي اتحاد جي جلسي عام ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي کي سنڌ قومي اتحآد جو ميمبر قرار ڏيئي ۽ پين هاري پورهيت اڳواڻن خلاف گندي زبان استعمال ڪرڻ ۽ پير پاڳاري، غلام مصطفيٰ جتوئي جهڙن پورهيت دشمنن کي سنڌ قومي اتحاد ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت ڏيڻ ۽ آجيان ڪرڻ جهڙيون پورهيت دشمن حرڪتون ڪيون ويون. ان کان پوءِ به وقت بوقت سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر يا جنرل سيڪريٽري جي نالي سان پاليسي تي اخبارن ۾ بيان بازي ڪرڻ هاري ڪاميٽي کي تنگ نظري، نسلي گروهه ڏيکارڻ ته ان کان پوءِ 8 سيپٽمبر 1989ع تي سنڌ هاري ڪاميٽي جي تياري ڪاميٽي جي گڏجاڻي شهدادپور ۾ تي جنهن ۾ عملي ڪم جو جائزو ورتو ويو ته غلام رسول سهتي تي سنڌس غلط بياني تي تنقيد ڪئي ويئي ته همراه ڪاوڙجي پيو ڪاوڙ ۾ چپ ڪري زمين ڪوٽڻ لڳو سيني دوستن معافي جا آواز بلند ڪيا ان کان پوءِ هاشم جمالي، مير داد ڪلهوڙو شڪايت ڪئي ته غلام حسين ملوڪاڻي عوام دشمن سنڌ دشمن سازش ۾ ملوث آهي خاص ڪري هي همراهه ڪراچي صوبي جو حامي آهي ڪن غلط ماڻهن جي اشاري تي هلي رهيو آهي هن کي هاري ڪاميٽي مان خارج ڪيو وڃي نه ته اسان گڏ نه هلنداسين آخر ۾ اتفاق راءِ سان فيصلو ڪيو ويو ته ڪائونسل سيشن جي عمل تائين ڪنهن کي به خارج ڪونه ڪيو ويندو ۽ توهان آئينده تياري ڪاميٽي جي گڏجاڻي ۾ واضح الزام نامون لکت ۾ ڏيو ته پوءِ ان تي عمل ڪيو ويندو اتي هاشم جمالي، مير داد ڪلهوڙو واڪ آئوٽ ڪري ويا آخر ۾ هاشم جمالي چيو ته سوچينداسون ڇڏي ڪونه وينداسون پيو ته مانڊل شر، صوفي حضور بخش، شير خان لنڊ، عثمان لغاري، سڄڻ پنو گڏجاڻي ۾ شريڪ ڪونه ٿيا. واضح رهي ته سڄڻ پنو طوڙ کان وٺي ڪنهن به گڏجاڻي ۾ شريڪ ڪونه ٿيو ۽ گڏجاڻي ۾ سهتو صاحب ماٺ ڪري ويهي رهيو هو. همراهه ڪيچي نه پڇي اصل جهڙي پت. قاسم پٽر، علي بخش دادا، صوبل خان سهتي جي غلطين کي محسوس ڪندي به ان پاران هائوس کان معافي ورتي سهتي چيو ته آئينده غلطي ڪونه ڪندس ٽيو اهو به ٿيو ته هرهڪ ميمبر پنج سئو روپيا تياري ڪاميٽي جي ايندڙ گڏجاڻي ۾ جمع ڪرائيندو.

4 آڪٽوبر تي ٻنوري ۾ گڏجاڻي رکي ويئي وري به ساڳيون غلطيون

شروع ٿي ويون. ٻروچ جي ڳالهه وانگر ته ساڳي ماني ساڳ سان ادا مان پاڻ به ٻروچ آهيان. جيئن ته 8 سيپٽمبر جي گڏجاڻي تي واعدا ڪيا ويا ته آئينده حرڪت ڪير به نه ڪري پر 12 سيپٽمبر تي هاشم جمالي جي نالي سان اخبار ۾ بيان جاري ٿيو ته سنڌ هاري ڪاميٽي مان غلام حسين ملوڪاڻي ٻين کي خارج ڪيو ويو آهي وري ان کان پوءِ 17 سيپٽمبر تي سهتي جو اخبار هلال پاڪستان ۾ سيڪريٽري جنرل سنڌ هاري ڪاميٽي جي نالي سان پاليسي ميٽر تي بيان جاري ٿيو جنهن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي کي نسلي ۽ لساني گروهه ڊيڪاريو ويو ان کان پوءِ 20 سيپٽمبر تي اخبار عوامي آواز ۾ لاڙڪاڻي کان خبر شايع ٿي ته وطن دوست هاري تنظيم جي پراڻي باڊي بحال ڪئي ويئي ان جي ست رڪني ڪاميٽي جوڙي ويئي. هنن همراهن سنڌ هاري ڪاميٽي ڇڏي نئين تنظيم جوڙڻ جو اعلان ڪيو اهڙي ريت بيان بازي شروع ڪئي ويئي. قاسم پٽر بنا اجازت جي هٿ ٺوڪيو سنڌ هاري ڪاميٽي جو منشور اخبار ۾ شايع ڪرايو ۽ 30 سيپٽمبر تي سنڌو ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جي ماضي، حال ۽ مستقبل بابت مرڪزي جنرل سيڪريٽري شبير بيدار پيٽو ۽ مرڪزي صدر سهتو جي نالي سان مضمون شايع ڪرايو ويو جنهن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جي دوستن ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي کي ترقي پسند ۽ ڪميونسٽ جي مخالف ڊيڪاريو ويو ڪامريڊ کي خالص قومپرست ڪري پيش ڪيو ويو ڪامريڊ جي نظريي ۾ گستاخي ڪري سندس روح کي عذاب ڏنو ويو. اهڙي صورتحال کان علاوه ٻين جون به سنڌ هاري ڪاميٽي سان انضمام ۽ يڪجهتي کي نقصان رسائڻ ۾ ڪسر ڪونه ڇڏي جنهن ۾ مانڌل شر ۽ غلام حسين ملوڪاڻي سرفهرست آهن.

16 آڪٽوبر 1989ع تي ڪائونسل سيشن جي تياري ڪاميٽي جي آخري گڏجاڻي شهدادپور ۾ ٿي سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي ڪاميٽي جي اڳواڻ بنگلاڻي، ڦوٽو رستماڻي، مسرور چانڊيو، غلام حسين شر، اسماعيل قريشي، خادم چانڊيو، عاجز جمالي، غلام قادر مرراڻي، احمد خان لغاري سنڌ هاري ڪاميٽي جي سيني عيوضين ڪائونسلرن جون لسٽون پيسا ڪٺي گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿياسون. سهتو گروپ مان صرف هڪڙو سهتو آيو ٻيو صالح بلو جنهن جو چوڻ هو ته آءٌ ميمبر ڪونه آهيان خالي ڪارروائي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ آيو آهيان بعد ۾ صالح بلو ۽ سهتي هڪ آواز ٿي چيو ته اسان گڏ هلي ڪونه

سگهنداسين نہ اسان وٽ لسٽون آهن ۽ نہ ئي گڏريل ڪارروائي آهي سهتي چيو تہ هن ڪان اڳ ۾ انضمام ڪرڻ لاءِ فيصلا ڪيا هئا اهي اسان جي پارٽي پاليسي جي خلاف هئا اسان سنڌ قومي اتحاد ۾ رهنداسين هي اسان جي پارٽي جو فيصلو آهي تہ اسان سنڌ هاري ڪاميٽي کي سياسي پارٽي طور هلائڻ چاهيون ٿا. ان ڪري اسان جو واڪ آئوٽ اهي. همراهہ هليا ويا. ان ڪان پوءِ قاسم پٽر، صوبل خان ڪجهہ ٻيا دوست منٿن ڪان پوءِ نهي پيا اهڙو ماحول ناهيو ويو جهڙوڪ برادرين ۾ شادي جي دعوت ۾ زور ڏيئي ميڙ منٿ ڪري تہ پٽ ڪارائٽو هجي ٻيهر اسان سنڌ هاري ڪاميٽي جي دوستن چيو تہ تنظيمون ۽ پارٽيون نظرين جي بنياد تي هلنديون آهن، ياري باشي، منٿي مائٽي جي آڌار تي ڪونہ هلنديون اجائي زور ڏيڻ غلط آهي. اتي صالح بلو چيو تہ آءُ ايمانداري سان چوان ٿو تہ في الحال گڏ هلڻ ناممڪن آهي ان ڪان پوءِ صوبل خان، قاسم پٽر، اسحاق مگريو، ملوڪاڻي چورن وارا ۽ پاڻاريداري وارو طريقو شروع ڪري ڏنو هو تہ ڪنهن وقت سهتي کي ڪڏي وجن ڪڏهن صالح بلو کي ٻاهر ڪڍي وجن سس پس جهڙوڪ چوري جو مال همراهہ ورهائي رهيا هجن وري بہ صالح بلو چيو تہ انضمام ڪونہ ٿيندو. غلام حسين ملوڪاڻي ايڏو تہ خوش ٿيو جو انضمام ۽ اتحاد کي درهم برهم ڪرائڻ لاءِ هن پارٽي وڏي ذميواري رکيل هئي جيڪا پوري ٿي ويئي سنڌ هاري ڪاميٽي جو ڪائونسل سيشن بند اجلاس 23 نومبر 1989ع تي شام جو 3 بجي پٽ شاهہ تي رکيو ويو. 24 نومبر تي منجهند جو 12 بجي لطيف جي نگري ۾ جيڪو ڪيڙي سو ڪائي هاري ڪانفرنس رکيو ويو ڪائونسل سيشن ۽ ڪانفرنس لاءِ هڪ ڪاميٽي جوڙي ويئي جنهن ۾ جنرل سيڪريٽري غلام حسين ملوڪاڻي کي سنڌ هاري ڪاميٽي جي آئين ۽ منشور جي خلاف ورزي ڪرڻ تي هٽايو ويو ۽ سندس ميمبرشپ ختم ڪئي ويئي جنهن چور دروازي ڪان آيو هليو ويو ٻيو نام نهاد گروپ ناهيو آهي. ان جي جاءِ تي مسرور چانڊيو کي مقرر ڪيو ويو جيڪو ڪائونسل سيشن تائين.

23 نومبر 1989ع تي سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي ڪنوينشن پٽ شاهہ تي رات جو 9 بجي بند اجلاس شروع ٿيو جنهن ۾ 300 ميمبرن مان 271 شرڪت ڪئي. ان ڪان پوءِ رات 2 وڳي ٻي نشست جي ڪارروائي شروع ٿي، جنهن ۾ نئين مرڪزي ورڪنگ ڪاميٽي چونڊي وئي جنهن ۾ 23 دوست

اعلان ڪيو. 13 اپريل تي ڪنڊڪوٽ ۾ ورڪر اجلاس شام جو ڪنڊڪوٽ جي پرسان پير جان باجڪاڻي جي ڳوٺ ۾ ننڍڙو جلسو رکيل هو هارين جو دوست امير بخش باجڪاڻي، اڪبر باجڪاڻي وٽ آيا.

8 مئي تي رات جو چور بندوق چوري ڪري ويا. 83 ڪان بعد ۾ وري وڏيرن شروعات ڪرائي پر سرگرمين جي ڪري پنگ تي ٽن ڏينهن اندر بندوق چورن ڪان واپس ڪرايو. 31 ڊسمبر 88 تي حيدرآباد ۾ سنڌ صوبائي ڪميونسٽ پارٽي جي ميٽنگ وحدت ڪالوني ۾ گلاب پيرزادي جي ياءُ جي جاءِ تي مير ٽيبو وجڻ ڪان بعد ۾ سنڌ جو سيڪريٽري چاچا مولا بخش خاصخيلي ٿيو هو، جنهن ۾ انچارج ڄام ساقي هو ۽ باقي رمضان ميمڻ سيد رشيد احمد شاهه. گلاب پيرزادو سيڪريٽري غير حاضر رهيا. صرف سنڌ صوبائي ڪانفرنس جي تاريخ مقرر ڪئي ۽ جڳهه 11-12-13 جنوري 1989ع تي ضلع لاڙڪاڻو تعلقه شهدادڪوٽ عرس سيلري جي ڳوٺ ۾. ميٽنگ ڪان اڳ ۾ ڄام ساقي ۽ رمضان ميمڻ مون ڪان سوال ڪيو ته توهان پروترسڪا گلاس نوسٽ بعد تشڪيل نو ڪيئن ٿا سمجهو. پهرين ته انهيءَ تي ته ڪو ڪتاب پڙهيو ويو نه ڪو لٽريچر صرف بي بي سي ۾ ٻڌندا آهيون ان ۾ ائين سمجهه ۾ اچي ٿو جيئن انڊونيشيا ۾ ڪميونسٽن جو قتل عام ٿيو هو ۽ هي پوري دنيا ۾ ڪميونسٽن جو قتل عام ٿيندو هي گورباچوف، مارڪسزم ۽ لينن ازم ڪان انحرافي ڪري رهيو آهي، انقلاب دشمن تو سمجهان ۽ ڪميونسٽ دشمني ڪري رهيو آهي نه ڪي نوان انقلاب دشمن ۽ امريڪا سامراج جو دلال تو سمجهان.

1 جنوري 1989 تي سکر شڪارپور جيڪب آباد سيني دوستن کي صوبائي ڪانفرنس جو اطلاع ڪيو ويو. پيو ته انهيءَ ڪان اڳ ۾ پي سي جي ميٽنگ ۾ جيڪو ڄام جي گهر عاقل پلازه فيز-2 فليٽ نمبر 8 ۾ ڪيو ويو ان ۾ ڄام ساقي امر لعل تي الزام هنيو هو ته امر لعل ٻن دوستن سان جنسي ۽ غير انساني حرڪت ڪئي ۽ ڄام انهن دوستن جا نالا ٻڌائيندي چيو هو انهن جا نالا ڪونه تو ڏيان جو هي سماج اهڙو آهي جاگيردارانه متان انهن دوستن جي ذاتي زندگي تي اثر پئي سچ ڪوڙ ڄام ساقي ڄاڻي تو اقليت وارا اهڙيون حرڪتون ڪونه ڪندا هئا. 11 جنوري 1989ع تي منجهند جو سپ جيڪب آباد اسٽيشن تي پهتا ته محمد بخش سومري ڪلندي چيو ته هاڻي ته ٻڌاءِ ڪٿي وٺي

ويندا تہ ڪلندي چيو دوست ڪي تہ ريل گاڏي جو ٽائير تي چڪو هو تہ دوستن ڪي چيو ويو تہ شهدادڪوٽ جون ٽڪيٽون ڪٽرائي شام جو شهدادڪوٽ سيلرن جي ڳوٺ پهتاسون. 12 جنوري صبح جو 11 بجي شروعات ٿي جنهن ۾ 77 ڊيليگيٽ ۽ 3 مبصرن شرڪت ڪئي. صدارت ڪامريڊ سيدَ رشيد احمد شاهہ ڪئي. بحث صرف اقليت وارن تي ٿيو ۽ ٻيو بحث امر لعل کي واپس ونو. ڊاڪٽر عزاز نذير علي حسن چانڊيو، مانڊل شر، رئوف پارس، عبيد عثماني انهن دوستن جو اسرار هو تہ امر لعل کي واپس ونو اهي ڳالهيون ڪرڻ تي ٻڌل آهن صرف دوستن کي خوار ڪرڻ لاءِ ڄام ساقي رمضان ميمڻ مخالف هئا ۽ ڄام جي مخالفت ڪرڻ تي واپس ڪونہ ورتو ويو.

13 جنوري تي تنقيدي بحث مباحثو هليو. ڪميونسٽ پارٽي صرف بحث مباحثن ۾ هاٿي رهجي وئي ٽوڙ ڦوڙ ۾ شام جو 7 بجي بحث ختم ٿيا رات جو سنڌ صوبائي ڪاميٽي جي اليڪشن ٿي ويئي گڙ ٻڙ ۾ ڄام ۽ رمضان پيش پيش هئا ورڪرن اهو محسوس ڪيو تہ وري بہ پارٽي ٽٽڻ طرف وڃي رهي آهي. 1- فيبروري 1989ع تي ڊي ايس ايف صوبي سنڌ جي ڪنوينشن جيڪب آباد ڊگري ڪاليج ۾ ٿي مرڪزي چيئرمين علي حسن چانڊيو بہ آيل هو ليٽر ڏنو ڪراچي ۾ پي سي ميٽنگ رکيل هئي ڪانفرنس کان بعد ۾ هي پهرين ميٽنگ رکي ويئي 2 فيبروري تي شام جو دوستن سان گڏجي ڪراچي پهتاسون صبح جو 11 بجي 3 تاريخ تي پي سي جي ميٽنگ شروع ٿي نديم احمد وٽ سهراب ڳوٺ جي نزد انچارج رمضان ميمڻ ۽ منجهند جو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ امام علي نازش بہ شريڪ ٿيو پهرين ملاقات هئي ڪامريڊ سان جاءِ جي مٿان ڪامريڊ کي ڪٺي آيو ڪامريڊ ڇڪي ساهہ کٽي رهيو هو سمجهہ ۾ ائين پئي آيو تہ ڪامريڊ جهٽ گهڙي جو مهمان آهي سڄو ڏيان ڪامريڊ ڏانهن هو رمضان ميمڻ ۽ علي حسن چانڊئي جو بحث ڇڪ ڇڪان جاري هئي انچارج جو زور انهيءَ تي هو تہ انڊيا ۽ روس يورپ جي دوري جي رپورٽ لکت ۾ ڏي. علي حسن چانڊئي تي اهو الزام هو تہ انڊيا جي وڃڻ جو پروگرام ڪونہ هو تہ ڇو ويو ۽ انڊيا جي حڪومت جي ماڻهن وٽ وڃي رهيو. علي حسن چيو تہ مان صبح جو لکت ۾ رپورٽ ڪٺي ايندس. 4 فيبروري تي صبح جو 9 بجي ميٽنگ شروع ٿي 11 بجي علي حسن آيو چوڻ لڳو تہ رات بخار هو تہ انچارج چيو تہ رپورٽ لکت ۾

سوشلسٽ پارٽي جي آفيس ۾ ٿي ڪافي دوست شريڪ هئا صدارت صوفي عبدالخالق بلوچ ڪئي آخر ۾ صوفي صاحب چيو ته سيڪريٽري شپ ڄام ساقي جي حوالي ڪئي وڃي غلام حسين ملوڪاڻي ڄام جي مخالفت ڪئي.

14 فيبروري تي لاهور مان ڪجھ دوست بلوچستان جا غلام حيدر چانگري، عبدالستار بنگلزئي، چاچا عبدالحق بلوچ، ڦوٽو رستماڻي ڪوئيٽا چلتن ايڪسپريس ۾ صبح جو اسان نل لٿاسون ڦوٽو رستماڻي هو دوست بلوچستان ويا.

16 فيبروري تي ڳوٺ ڪان ڦوٽو سان گڏجي دادو ۾ ڊويزن جي هاري ڪاميٽي جي ميٽنگ ڏٽي بخش ويگهي جي ڳوٺ رکيل هئي رات جو ميٽنگ ۾ خاص بحث مرڪزي ڪانگريس جو رهيو. 23 فيبروري تي جيڪب آباد ۾ خاص ڪري ڊاڪٽر عباس جي اغوا خلاف ڪميونسٽ پارٽي، سنڌ هاري ڪاميٽي، ڊي ايس ايف ساٿي ٻارڙا سنگت طرفان وڏو مظاهرو ڪيو ويو ۽ اتي آخرڪار علي حسن چانڊيو ۽ امر لعل کي پارٽي مان خارج ڪيو بنيادي ميمبرشپ به ختم ڪئي وئي.

(9)

1989ع تي ٽين ڪانگريس ڪرڻ لاءِ مهم شروع ٿي وئي تاريخ طئه ٿي وري پارٽي کي ٽوڙڻ لاءِ چڪ چڪا تيز ٿي ويئي اپريل 1989 تي جائزو خود تنقيدي سي سي، سي پي پي بحث لاءِ لاٿو ويو. حسن رفيق جو بني نوع انسان جي نالي سان بحث لاءِ لاٿو ويو بحث شروع ٿي ويا سکر ضلع جي ڪانفرنس گهوٽڪي ۾ ستار گهوٽو علي مراد گهوٽي جي ڳوٺ ڪچي ۾ رکيل هئي شڪارپور جو دوست شاگرد اعجاز منگي به گڏجي شام جو سج لٿي ستار گهوٽي جي ڳوٺ پهتاسون ڪافي دوست گڏ ٿيا 8 بجي ڪانفرنس شروع ٿي هئي جن ۾ حسن رفيق ۽ ڊاڪٽر عزاز نذير اپوزيشن مان اهي به ڇٽا هئا اڇي بحث شروع ٿيو بحث به دشمني وارو ڄام ۽ رمضان اگ ۾ ٽي ورڪرن کي تيار ڪيو هو گوڙ ڪرائي موقف به پيش ڪرڻ ڪونه ڏنو ويو ۽ صرف هوٽنگ ڪري رهيا هئا بعد ۾ حسن رفيق انهن جي پرسان اٿي ٻاهر نڪري تڏي تي

ليڻي پيو مانڊل شر بہ وس ڪيا ڳالهائڻ لاءِ پر ڪنهن نہ ٻڌو مان شڪارپور جي دوست سان ڪنڌ ۾ وينا هئاسون تبصرا ڪري رهيا هئاسون تہ ڇو ڳالهائڻ نٿو ڏنو وڃي دوستن کي صرف ماڻهن جي اڳيان خوار ڪرڻ نہ سياسي بحث نہ سياسي تنقيد صرف اسان آهيون. بيا سڀ غلط آهن.

حسن رفيق جي تنقيدي جائزي ۾ ڪافي اختلاف هئا ۽ ان تي ڪانگريس ۾ لکت ۾ رڪيو ويو هو ۽ ڪن نڪتن تي حمايت بہ ڪئي ويئي چوٿين نڪتي تي پارٽي جي مرڪزي خفيہ دفتر تي دوستن جي گرفتاري ظاهر ڪرڻ جي ضرورت کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ويو ۽ دفتر جو رڪارڊ جي ذريعي انٽيليجنس وارن کي سڀ ڪجهہ خفيہ شين جي باري ۾ خبر پئجي چڪي هئي. پارٽي جي ڪنهن بہ عهديدار جي ڄاڻ ڪجهہ بہ نہ ڪنهن کي ان مسئلي تي تفتيش ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي وڃي مان 1984ع ۾ سي سي فيصلو بہ ڪيو هو 86 ۾ پسندي ناپسندي ماڻهن کي پارٽي مان صاف ڪيو جڏهن تہ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي ٽين ڪانگريس 25-26-27 مئي 1989ع تي ڪراچي شرافي ڳوٺ ۾ تي ڳهٽي عرصي کان پوءِ. ڊيليگيٽ جو تعداد 127 هو مبصرن کان سواءِ ٽين ڪانگريس جي شروعات 25 مئي صبح جو ٿي جنهن ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ امام علي نازش استقباليہ تقرير سان ٿيو جنهن ڪانگريس جي ڊيليگيٽن ۽ ميمبرن کي مبارڪ ڏيندي خوش آمديد چيو.

انهيءَ کان پوءِ سياسي نظرياتي جائزو پيش ٿيو بحث مباحثو شروع ٿيو پڇائڻ لاءِ ڊاڪٽر عزاز نذير کي هڪ پڱل ڪرسي تي ويهاريو ويو ڪرسي کان هيٺ ڪريو تہ ڄام ساقي رمضان ميمڻ ڪلڻ لڳا. ڄام تقرير ڪرڻ مهل ٻانهن جي ڪپڙن کي هيٺ مٿي ڪري رهيو هو ڄڻ ڪنهن پولو پهلوان سان باڪسنگ ڪري رهيو هو صرف ايڪشن ڪرڻ پر صحيح نموني سان بحث ڪرڻ گهرجي ها هي صرف دوستن کي پڇائڻ لاءِ تقرير پيو ڪري تہ همراهہ ڪاوڙيا دوستن کي موقف پيش ڪرڻ ڪونہ ڏنو ويو حسن رفيق انور ملڪ ۽ ڊاڪٽر عزاز نذير کي ۽ امر لعل ۽ علي حسن چانڊيئي لاءِ اپيل ڪئي پر جمال نقوي ۽ ان جي ٽولي ٻڌو بہ ڪونہ ڪافي دوستن اٿي چيو تہ دوستن کي ڳالهائڻ ڏيو ۽ موقف ٻڌو دوستن جو آخرڪار دوست واڪ آئوٽ ڪري دوست هليا ويا مانڊل شر بہ انهن دوستن ساڻ هليو ويو. ڪافي دوست هليا ويا آخر

رپورٽ ڇپي ته ان ۾ نالو نه رپورٽ ڪافي دوستن جا نالا ڪونه ڏنا ويا. ڇو جو دوستن جي غلطين ۽ غلط پارٽي جي پاليسين تي تنقيد ڪرڻ هئي بعد ۾ اهي دوست انهن جي نظرن ۾ هوندا هئا ته ڪنهن نموني سان پوئتي رکيو وڃي صرف سازش ۾ پورا هوندا هئا. 89 جي ڪانگريس ڪان بعد ۾ پهرين پي سي جي ميٽنگ ۾ جام ۽ رمضان تي ڪانگريس جي حوالي سان دوستن کي پڇاڻ تي تنقيد رکي ته انهن دوستن کي اها سزا ملي.

28 آڪٽوبر 1989ع تي جيڪب آباد ڪان جام ساقي ۽ ڊي ايس ايف جا ڪارڪن ڊي ايس ايف جي مرڪزي ڪنوينشن لاءِ ڪوئيٽا صبح جو 29 آڪٽوبر تي پهتاسون ته ڪوئيٽا ريلوي اسٽيشن تي اڳ ۾ دوست بيٺا هئا ڳاڙها جهنڊا ڊي ايس ايف ۽ پارٽي جي جهنڊن ۽ نعرن سان استقبال ڪيو جڏهن اسٽيشن ڪان ٻاهر نڪتاسون ته ڏاڍي سردي هئي جلوس جي صورت ۾ روانو ٿيو ته خبر پئي ته عظيم قومپرست جمهوريت پسند بگٽي حڪومت شهر ۾ دفعه 144 لاڳو ڪيو هو بعد ۾ شاگرد دوستن کي سائنس ڪاليج مان بسن جي ذريعي بلوچستان يونيورسٽي پهچايا ويا حڪومت جو اهو رويو هو ته ڪنوينشن کي ناڪام بنايو وڃي پر دوست پرامن رهيا. پهرين اجلاس يونيورسٽي جي آڊيٽوريم شهيد عمر بلوچ هال ۾ ٿيو رات جو 11 بجي تائين جاري رهيو. 30 آڪٽوبر تي سياسي صورتحال، حڪمت عملي ۽ ٻين معاملن تي بحث جاري رهيو. منجهند ڪان بعد ۾ سيمينار ڪيو ويو هو ڊي ايس ايف جي قائم مقام چيئرمين عبدالاحد وطن يار دوستن ڪان تقريرون ڪرايون. صدارت ڪئي ان ڪان پوءِ ڊي ايس ايف جي بند اجلاس شروع ٿيو ۽ بعد ۾ اليڪشن تي جنهن ۾ چيئرمين خادم ٿهيم، سينيئر چيئرمين غلام نبي رند جونيئر وائيس چيئرمين ناظم ملڪ، سيڪريٽري جنرل عبدالاحد وطن يار سينيئر سيڪريٽري تنوير احمد برهماڻي پريس سيڪريٽري سڪندر علي خزانچي رفيق احمد اهڙي سوشل سيڪريٽري رزاق احمد. ڪنوينشن جي آخري ڏينهن 31 آڪٽوبر تي ڊگري سائنس ڪاليج ۾ ڊي ايس ايف جي طران هڪ وڏو جلسو ٿيو نئين چونڊيل چيئرمين خادم ٿهيم ۽ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان پولٽ بيورو جي ميمبر جام ساقي، جمال نقوي ۽ صوفي عبدالخالق بلوچ بزرگ ڪاميٽي جي صدر غلام حيدر چلگري سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي سنڌ صوبائي ڪاميٽي جي ميمبر مان بنگلاڻي ۽ ساٿي هارڻا

خان کي جهاز ۾ وٺي ويا اسان کي پهرين حصي ۾ جدا جدا سيٽن تي ويهاريو ويو پين دوستن کي پوئين حصي ۾ ويهاريائون 9 بجي ڪراچي کان ايرو فلور جهاز پنهنجي منزل ڏانهن اڏام ڪئي. اهو منهنجو پهريون سفر هو جهاز ۾ پيشاب به زور ڏنو هو سامهون ٻي سيٽ تي ويٺل کان پڇيم ته پيشاب لڳو آهي، جهاز تي هلڻ لاءِ سگنل ڏني ان چيو ته هڪ منٽ کان بعد ۾ سامهون تصوير واور در آهي پيشاب. ڪاڪوس جي جي پلي ايئرپورٽ ڇڏي پوءِ وجي ڪري آ اهو همراهه ڪشميري هو بعد ۾ واقفيت ڪرائي. ان ۾ ٽن ٽن جا سيٽا هئا ويهڻ جا جهاز ۾ دري جي پاسي سان هڪ پوڙهي ۽ هڪ نوجوان ڇوڪري منهنجي پاسي ۾ ويٺيون هيون هنگري وڃڻ لاءِ هنگري ماسڪو کان اڳتي هو صرف اهو سمجھ ۾ آيو ته هنگري وينديا جڏهن هنن مون کان پڇيو تون پاڪستاني آهين ڪراچي کان ماسڪو ويندا ته مان پڇيو توهان ڪلبو کان تا اڇو ڇوڪري چيو ها هنگري ويندا سين. ته جڏهن اسان ڳالهائي رهيا هئاسون ته ميز الله خان ڏسي رهيو هو ڪلاڪ ٻن کان پوءِ پرسان ويٺل ڇوڪري ننڊ ۾ مٿو منهنجي ٻاهه تي رکيو ٿوري دير کان پوءِ پوڙهي سجاڳ ڪيس ته ير واري کي تڪليف ٿي ڏين. هن مٿو مٿي ڪٽي ڇوڻ لڳي ته ساري بس ان کي به ايتري پي آئي انگريزي ۾ چيو نو پرابلم ته ان کان بعد ۾ مان ان ڪشميري کان پڇيو ته مان پوئين حصي ۾ وڃي سگهان ٿو دوستن کي ڏسڻ ته اهو به سمجهي ويو هو ته پهريون همراهه جو جهاز ۾ سفر ڪري رهيو آهي ان چيو بلڪل وڃي سگهين ٿو ڪوبه رڪاوٽ ناهي جهاز ۾ گهمي ڦري سگهين ٿو. بعد ۾ وڃي يارن سان مليس ڏسي وري واپس اچي پنهنجي سيٽ تي ويٺس بعد ۾ ميز الله وڃي يارن کي ٻاڌيو ته بنگلاٽي هڪ سهڻي ڇوڪري سان گڏ ويٺو آهي ۽ ڇوڪري سان ڪچهري ۾ لڳو پيو آهي ٻيو ڇوڪري هن جي ڪڇ ۾ مٿو رکي ننڊ تي ڪري ڇوڪري کي ڦاسايو آهي. دوستن هڪ دوست موڪليو ته وڃي سمجهائينس. مان ڪلندي دوست کي چيو ته هي مون کي هنگري وٺي وڃن ٿا چرچو ڪندي چيو يار بگڙجي ويا ته اسان کي ماسڪو مان واپس ڪرائيندو بشير ٻٽر ۽ رمضان ڇوڻ لڳا بعد ۾ مان وڃي دوستن کي دلجاءِ ڏني ته هو ويچاري ڪلبو کان ٿي اچي ٿڪل آهي ان کي ڪا خبر به ڪونه آهي ته مان ڪنهن جي ٻانهن يا جهولي ۾ مٿو رکان ٿي منهنجي ڀيڻ برابر آهي جي هو ننڊ ۾ مٿو ٿي رکي ته ڪهڙو نقصان ٿو ٿئي. پلي ننڊ ڪري مان ان جي ننڊ ڪونه

خراب ڪندس پلي ننڊ ڪري منهنجي پيٽ آهي بعد ۾ يارن چپ ڪئي. جڏهن ايئرهوسٽس ريڙهي تي ڪائڻ پيئڻ لاءِ ايندي هئي تہ هرڪو پنهنجي مرضيءَ سان جيڪو ڪائي جيڪو پيئي مان چانهہ بوتل. ڪافي پيئندو هئس دوست بيئر شراب پيئندا هئا ماني جي ٽائيم تي ڪافي شيون ڪٽي ايندي هئي جيڪو هر ماڻهو پنهنجي پسند جي ڪٽي ڪائي. 15-15 منٽن ڪان بعد ۾ ڪٽي ايندو هو بعد ۾ سيني کي چيائين تہ جڏهن بہ توهان کي ڪنهن بہ شئي جي ضرورت پئي تہ هرهڪ جي اڳيان هي بٽڻ آهي هٽندا مان اينڊيس جهاز ۾ ڪافي ماڻهو هئا پر اسان جي دوستن ايئرهوسٽس کي ٽڪائي ڇڏيو. ڏهن ڏهن منٽن ۾ چون تہ شراب ڪٽي آ بعد ۾ ڪونہ ڪٽي ايندي هئي جڏهن مون کي چاهہ بوتل يا ڪافي بٽڻ هٽي گهرائيندو هئس تہ جلدي ۾ ڪٽي ايندي هئي بعد ۾ مان کي دوستن تنگ ڪيو تہ تون بٽڻ هٽي اسان کي شراب گهرائي ڏي جو جڏهن بہ تون بٽڻ هٽين ٿو تہ انهيءَ مهل اچي ٿي ۽ تنهنجي لاءِ ڪٽي ٿي اچي اسان بٽڻ هٽي بيٺا آهيون ڪونہ ٿي اچي مان چيو تہ منهنجي بابا جي ڏيءَ ٿوروئي آهي توهان ان کي بزار ڪيو آهي گهرائي شراب بيئر مٺائي پيسس ٿي چار پيرا توهان جي خواهش پوري ڪئي منهنجو تہ سادو عام شيون گهرائيندو آهيان جڏهن ضرورت محسوس ڪندو آهيان ننڊ ڦٽائڻ خاطر چانهہ يا ڪافي جڏهن اڄ لڳندي آهي تہ بوتل گهرائيندو آهيان مان توهان جي لاءِ ڪونہ گهرائيندس توهان پاڻ گهرايو.

پاڪستاني وقت مطابق 2 لڳي 15 منٽن تي روسي زبان ۾ اعلان ڪيو ويو تہ مسافر تيار ٿيو ماسڪو اچي ويو آهي جڏهن جهاز هيٺ لٿو تہ مان جهاز مان لهي دوستن سان بيٺس تہ گڏجي ٻاهر نڪرو تہ سڀ دوست قطار ۾ بيهجي ويا اهو قطار اڳتي وڃڻ وارن جو هو يار اتي وڃي بيهي رهيا مان ڪامريڊ نازش جي چوڻ مطابق سڌو ڏاڪڻ مان لهي هيٺ وڃي ايميگريشن وارن جي آفيس وڃي پاسپورٽ ٽڪيٽ ويزا چيڪ ڪرائي ٻاهر نڪتس تہ اسان جو سامان گول چڪر ۾ چڪر لڳائي رهيو آهي سامان لاهي ٿيلها بيٺو هئس تہ هڪ عورت آئي اچي صرف اهو چيو تہ پاڪستاني ڪامريڊ تہ مان چيو تہ يس معنيٰ ها. وري چيائين تہ ون ڪامريڊ معنيٰ توهان هڪ آهيو تہ مان چيو تہ نو سڪس يعني ڇهہ آهيون تہ اتي اردو ڳالهائڻ لڳي تہ ٻيا مان چيو تہ سامهون هاٽي اچي ايميگريشن وارن وٽ بيٺا آهن تہ بعد ۾ وڃي انهن کي جلدي يارن

کي ايميگريشن وارن کان جلدي وٺي آيو بعد ۾ ڪلندا آيا چيائون تہ تون ڪامريڊ صحيح هئين اهي ماڻهو ٻاهرين ملڪن جا هئا وري چيڪ ڪرائي وري اڳتي ويندا.

بعد ۾ 3 لڳي 15 منٽن تي اسان کي نرچان لودا، داچا هاسٽل تي وٺي وئي هرهڪ کي 25-25 روبل ڏنائين انهيءَ مهل 5 تي رهيا هئا. پنجين وڳي سمهي پياسون ۽ صبح جو سوير سان ترجمان وديم نوجوان آيو. اڄ ٽيسٽ ورتائون ليڊيز ڊاڪٽرياڻي هئي. هڪ هڪ ڪري بعد ۾ ترجمان هڪ فارم ڀريو سڀ ڪاغذ، ويزا، پاسپورٽ پنهنجي حوالي ڪيائين توهان کي صرف ايڊنٽي ڪارڊ ڏيندا هرسون هر دوست پنهنجي پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو هين کي ناسمجهہ سمجهڻ صرف پاڻ کي سڀ ڪجهہ سمجهڻ خاص ڪري رمضان ميمڻ 17 اپريل تي رات جو 8 بجي داچا هاسٽل ۾ ميٽنگ ڪئي ويئي جنهن ۾ پروٽرسڪا گلاسنوسٽ ۽ سوويت ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪاميٽي جي عبوري 1990ع ۾ پليني اجلاس ۾ منظور ڪيل مسعودو جنهن جو ترجمو عاصم جو ٿيل هو، ان تي بحث ڪيو رمضان اتي سيني کي هڪ هڪ ڪاپي ڏنائين. 18 اپريل تي منجهند جو 3 بجي ترجمان آيو چيائين تہ تيار ٿيو اصلي جاءِ پڙهائي واري جاءِ انٽرنيشنل انسٽيٽيوٽ بس مان کي صرف سامان ڪٽڻ جي دير هئي اڳ ۾ تيار ٿيو ويٺو هئس صرف ٿيلهو ڪٽي وين ۾ رکيم تہ بعد ۾ دوست بہ آيا ترجمان لودا هئي جيڪو پهرين ڏينهن ايئرپورٽ تان وٺي آئي هئي. ليڊز هئي داچا هاسٽل کان روانا ٿياسون تہ هڪ درياهہ ڪراس ڪيوسون تہ پڇا ڪرڻ تي ترجمان لودا ٻڌايو تہ هي ماسڪو درياهہ وچو وچ مان وڃي ٿو ماسڪو شهر مان روڊ وڏا ويڪرا ٻنهي پاسن کان فليٽ ٻنهي پاسن کان وڻڪاري هئي ۽ روڊ صاف چلڪن پيا جڏهن اسان انسٽيٽيوٽ پهتاسون تہ اڳ ۾ گيٽ تي استقبال لاءِ انڊيا ۽ بنگلاديش جا دوست بيٺا هئا پيار ۽ محبت سان مليا جڻ تہ هڪڙي گهر جا هجن جڻ گهڻو عرصي کان گهر کان ٻاهر هئاسون ان کان بعد ۾ انسٽيٽيوٽ جي انچارج جي آفيس وٺي وئي اتي انچارج هڪ عورت سلطانہ وٽ پهتاسون ان بريفنگ ڏني ان چيو تہ جيڪو توهان مان اصلي نالا لڪائي يا فرضي نالا اهو توهان تي ڇڏيل آهي.

پهرين ليڊر رمضان ميمڻ شروعات ڪئي پنهنجو فرضي نالو لکرايو.

ذيشان، بعد ۾ بشير ٻٽ، فرزي نالو نظير، بعد ۾ سليم راز جو فرضي نالو وسيم، ميز الله خان، فرضي نالو افتخار عالم، عبدالحق بلوچ، فرضي نالو ناصر، جڏهن منهنجو وارو آيو مان پنهنجو نالو ساڳيو اصلي لکرايو ته رمضان، بشير ٻٽ، عبدالحق بلوچ ناراض ٿيا ته اسان به فرضي نالا ڏنا ته تون به فرضي نالو لکرائين ها ته انچارج ۽ ترجمان ٻڌي رهيا هئا ته مان انچارج سان مخاطب ٿيندي ان کي چيو ته مان پاڪستان ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي سنڌ صوبائي ڪاميٽي جو ميمبر آهيان مان اتي به پارٽي جو ڪم اوپن ڪندو آهيان ۽ مان بنيادي طرح سان هاري آهيان. سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي ڪاميٽي جو عهديدار آهيان مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري آهيان هي دوست الاءِ ڇو ٿا ڊڄن ته جڏهن ته پاسپورٽ شناختي ڪارڊ ۽ ويزا تي اصلي نالا آهن سچو پتو اصلي آهي ته پوءِ هي دوست ڇو ڊڄن ٿا جڏهن ته حڪومت وٽ سڀ ثبوت آهن ۽ ظاهري ايا آهيون نه ڪي چوري ته پوءِ ڇو نالا هتي بدلايون جڏهن سڀني ڪاغذن ۾ اصلي نالا ايڊريسون آهن. منهنجي لاءِ ڪا ڳالهه ناهي جڏهن ته اخبارن ۾ به مان اوپن آهيان. داچا ۾ اڳ ۾ به فارم ۾ مان پنهنجواصلي نالو لکيو آهي اتي رمضان صاحب جو رنگ ڪاوڙ مان ٻيو ٿي ويو ڇو جو اتي ان شو ڪيو هو ته مان ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي مرڪزي ڪاميٽي جو پوليٽيڪل بيورو جو ميمبر آهيان ۽ اتي سڏايو هو چورن وارا ڪم بزدل... انچارج سلطانه ۽ ترجمان سڀ سچي قصي کي سمجهي ويا. انچارج چيو ته توهان کي ٻن ٻين کي ڪمرا گڏ ملندا بعد ۾ ترجمان لودا اسان کي هاسٽل ۾ ڪمرن ۾ وٺي وئي مان سان گڏ عبدالحق بلوچ کي رکيو ويو ٻاهريون ٽالو هڪڙو هو اندر به ڪمرا جدا جدا تالا به جدا جدا سامان رکيوسون پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ ان کان بعد ۾ ڪينٽين تي وڃي چانهه پيتي سون ان کان پوءِ جتي ڪلاس هلندا هئا اتي وڃي ڏنو سون آخر ۾ شعباءِ تعليمات جي وائيس چيئرمين سان ملايائين بعد ۾ لودا چيو ته صبح 10 بجي هتي توهان سان اچي وديم ملندو توهان اچي هتي ويهندا پيو ته توهان کي مهيني ۾ به دفعا اسڪالرشپ ملندي بعد ۾ اسان هرڪو پنهنجي پنهنجي رومن ۾ وياسون. شام جو ڪينٽين تي ماني کائڻ وياسون. اتي ٽائيم مقرر هوندو هو. 19 اپريل تي صبح جو تيار ٿي اتي وڃي ويناسون ته انچارج سلطانه به آئي ۽ ترجمان وديم به آيو 10 بجي ليڪچر روم ۾ وٺي ويا پروفيسر به ڪلاڪ ليڪچر ڏنو هدايت

ڪٺي ته نه ڪنهن سان فوٽو ڪڍايو نه ڪنهن سان تعارف ڪرايو ان کان پوءِ ترجمان لائبريري وٺي ويو مان ڪجھ ڪتاب پڙهڻ لاءِ بعد ۾ 2 بجي پاس مليو ان کان پوءِ جتي اسڪالر ملندو اهو جڳهه ڏيکاريو ويو ۽ ٻيو ته 21 اپريل تي ڪلاس شروع ٿيندا. بعد ۾ انڊيا جا دوست آيا وٺي ويا انڊيا جي دوستن صاف صاف چيو ته ڪچهري ۾ ته هاڻي اهو اڳيون سلسلو ڪونه رهيو آهي اسان پارٽي کي ٻين جي اچڻ جي منع ڪئي آهي هتي هاڻي مارڪسزم ۽ لينن ازم جي خلاف ليڪچر ڏيئي رهيا آهن هتي هاڻي انقلاب دشمني تي لهي آيا آهن اسان ٻه بيزار ٿيا آهيون جو وقت پورو ٿئي ته ٽپڙ ٻڌون نه بحث آهي. نه پڙهائي آهي صرف مارڪسزم ۽ اسٽالن خلاف ليڪچر ڏيندا آهن.ان کان بعد ۾ پنهنجي ڪمرن ۾ موٽي آياسون. 20 اپريل تي ميٽرو ۾ جيڪو انڊرگرائونڊ ٽيٽنو هلنديون آهن ريڊ اسڪوائر لينن جتي رکيل هو اهو ڏسي گهمي ڦري 2 بجي موٽي اچي ڪينٽين تي منجهند جي ماني کائي ڪتاب پڙهيم. 21 اپريل تي اچ ڪلاس شروع ٿيو 9 بجي روم نمبر 525 ۾ پروفيسر رستم ملگوگا جيڪو تاجڪستان جو هو صرف اخبار پراوِدا پڙهي ڪري ليڪچر ڏنو ان تي ڳالهايو بعد ۾ 22 اپريل تي پيورفيسر ليوونيٽ به اخبار پڙهي ليڪچر ڏنو سياسي معاشيات تي.

23 اپريل تي پروفيسر گنادي بورين ۽ ٻين پيورفيسرن صرف اخبار پڙهي ڳالهائيندا هئا ڇهه پروفيسر هوندا هئا هرهڪ جو پنهنجو جدا جدا سبجيڪٽ هوندو هو هرهڪ پنهنجي ڏينهن تي ايندا هئا. اخبار پڙهي هر ليڪچر ڏيندا هئا. گورباچوف جو حامي هوندو ته گورباچوف جو مضمون پڙهي ان تي ڳالهائيندو هو جيڪو پروفيسر ييلسن جو حامي هوندو هو ته ان جو مضمون پڙهي ان تي ڳالهائيندو هو. هڪڙي پروفيسر ٻڌايو هو ته چار سئو ويهه ارب پتي آهن جيڪو هن وقت حڪومتي پارٽي جي وزيرن، اعليٰ عهديدارن وٽ اها رقم آهي ٻيو روس ۾ ٽيهه هزار ڪروڙ پتي آهن آخر اهي ڪٿان آيا هن وقت ماڻهن کي بيوقوف بنائي رهيا آهن نه مارڪسزم جو قصور آهي نه لينن جي سوشلزم جي اچ هتي سوشلزم ناهي هن وقت سوشلزم جو نالو بچيو آهي سوشلزم جي خلاف هتي ڪات ڪهاڙا ڪنيو بيٺا آهن، ختم ڪرڻ لاءِ اهو پروفيسر وري اڪين سان ڪونه ڏٺو ويو جن اهي انگ اکر ٻڌايا ۽ سچ چيو هو باقي پروفيسر شروع کان وٺي آخر تائين هئا اهو صرف ڦرين ڏينهن ڦرين

ليڪچر تي اهو هڪڙو پروفيسر هيو جنهن سچ چيو هو. هڪڙي پروفيسر اخبار پراودا پڙهي ڪري ليڪچر شروع ڪيو تشڪيل نو تي ته آخر ۾ مان سوالن جي وقفي ۾ سوال ڪيو ته جڏهن توهان وڏن نندن ڪارخانن کي نجي ملڪيت ۾ ڏيندا ته ڇا توهان چيو هو ته پروتو گلاسنوسٽ لينن ڏي واپسي آهي پيو چئي رهيا آهيو ته ذاتي ملڪيت نجڪاري پيو ته چار سئو ويهن ارب پتي آهن جيڪو پارٽي جي وڏن عهدن تي ويٺا آهن پهريون ته توهان پارٽي جي مرڪز کان شروع ڪيو تشڪيلي نو انهن جون ملڪيتون ضبط ڪريو جن وٽ ارب پيا آهن جن وٽ ڪروڙ آهن ڪروڙ پتي آهن اڳواڻ. هڪ هوٽل نجي ملڪيت ۾ ڏيندا ته ان ۾ ٽي چار مزدور ڪم ڪندا انهن جي هوٽل مالڪ انهن جي مزدورن جو استحصال ڪيندو يا نه ٻڌاءِ انهن سوالن جا جواب ڪونه ڏنا هئا ۾ چپ ڪري ويٺو هو جواب ڪونه ڏنائين چيائين ته مان اهي جواب ڪونه ڏئي سگهندس ڪونه ڏنائين.

اتي رمضان ميمڻ ڪاوڙ ڪئي چيو ته سوال جو ٿو ڪرين اهو اڄوڪو ليڪچر منهنجي حصي جو آهي تون جو ٿو سوال ڪرين مان سوال ڪيان يا نه ڪيان. اتي پروفيسر ترجمان کان پڇيو ته هي ڇا ٿا چون ته ترجمان روسي ۾ ٻڌايو وحيد کي چئي رهيو آهي ته تون سوال نه ڪر اهو منهنجو ليڪچر آهي ته پروفيسر چيو ته اهو غلط آهي ته توهان نٿا ڪيو سوال توهان جي مرضي پر سوال ڪرڻ هرهڪ جو حق آهي ته سوال ڪري ته اسان کي به خبر پئي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ صرف اسان ليڪچر نه پر سمجهڻ به توهان کان چاهيون ٿا هميشه وحيد سوال ڪندو آهي اسان کي اهو ماڻهو پسند آهي جيڪو بحث مباحثو ڪري ۽ سوال اٿاري.

رمضان صاحب وارا چپ ٿي ويا. سڄي انسٽيٽيوٽ ۾ اڪثريت بيلسن جو هيو بعد ۾ ٻئي نمبر تي گورباچوف جي ڪامريڊ ليگاچوف جي باري ۾ چوندا هئا بنيادپرست آهي جو اڃا تائين مارڪسزم ۽ اسٽالين جو حامي آهي تشڪيلي نو جي مخالف آهي سڄي پروپيگنڊا ڪندا هئا سوشلزم جي. هڪڙي پيري گهمڻ وياسون ته هڪڙي هنڌ تي رش لڳي پئي هئي. ماڻهو قطار ۾ بيٺل هئا رستي ۾ هڪڙي کان پڇا ڪئي وئي ته ان چيو اها قطار ۽ رش راشن جي ونڻ لاءِ آهي اهو به چيائين جيڪو جنهن جو حامي آهي پهرين ان کي ملندو آهي ٽائيم ختم ٿيڻ کان بعد ۾ اسٽور بند ڪيو ويندو آهي ۾ به ٽي ٽي ڏينهن

ڪن جا پار بڪ ۾ هوندا آهن صرف پنهنجي حامين کي ڏيندا آهن اهو به ضمانت ناهي ته صبح جو جن کي نه مليو انهن کي ملندو. اهو سوال به مان هڪڙي پيورفيسر کان سوال ڪيو ته هي ڇا آهي چيو ته جيڪو مان متي لکيو سوال ڪيو ته اهو آهي توهان جو پروترسڪاگلا سنوسٽ جو هاٽي ماٿهو بک مرن تا پر جنهن انسٽيٽيوٽ ۾ رهو پيا ان ۾ 83 ملڪن جا ڪامريڊ هئا ته ان انسٽيٽيوٽ ۾ به چار چار ڏينهن روز مره جون شيون غائب هونديون هيون ماچيس جهڙي شئي به ڪونه ملندي هئي نه ڪنڊ اسان جهڙي ملڪ ۾ جهنگ ۾ به دڪانن تي هر شئي ملندي آهي ماسڪو جهڙي شهر ۾ نه ماچيس نه سگريٽ نه ڪنڊ نه صابڻ سڀ غائب هوندا هئا. سوال ڪيو ويندو هو ته ڦڪائي محسوس ڪري چپ ڪندا هئا مان اهو به سوال ڪيو ته اڳ ۾ به اهڙي ڪوٺ تي آهي اڳ ۾ سوويت يونين پوري دنيا جي مدد ڪندي هئي اڄ هتي بحران آهي بقول توهان جي ته ترقي جي راهه بند تي وئي آهي. جڏهن ته 1917ع آڪٽوبر کان وٺي 70 سال ٿيا آهن 17 جو انقلاب ۽ ٻئي آزادي جنگ ۾ جيڪو نقصان ٿيو پوءِ به ٿوري عرصي ۾ سوويت يونين سپر پاور بڻجي وئي ۽ ترقي ڪئي جي سرمائيدار ملڪن آمريڪا به ڪونه ڪيو جي هڪ سوشلسٽ ملڪ پهرين جهاز چنڊ تي پهچايو ويو هو پوري دنيا جي دوست ملڪن جي مدد ڪندو رهندو هو اڄ ان ملڪ جي توهان وٽ اها حالت آهي جي ننڍڙي مان ننڍڙي شئي جي ڪوٺ آهي هن جي معنيٰ اها آهي ته هتي به هاٽي سرمائيدارانه سوچ اڳتي اچي چڪي آهي. تڏهن اهو بحران پيدا ٿيو آهي، سوشلزم جي دشمني ۾ اصل ۾ ذميوار موجوده حڪومت آهي پيورفيسر کي چيو انهن سوالن جا جواب ڏي پيورفيسر چيو ته مان ڇا جواب ڏيان توهان پاڻ جواب به ڏنا آهن مان ڇا ڏيان. يار اڄ وري ڪاوڙيو ته تون غير ضروري سوال ڪري رهيو آهين اسان کي اهي سوال نه ڪرڻ گهرجن پروفيسر ۽ ترجمان روڪيو يار کي ته ڇو تو روڪي وحيد کي هرهڪ کي حق آهي صرف اسان ته ڪل عقل ته ناهيون يار تمام ناراض ٿيو جو ان جي موقف جي خلاف سوال ڪري رهيو هئس يار اهو به چيو هو ته مان توهان جو انچارج به آهيان مرڪزي ڪاميٽي جو ميمبر ۽ پولٽ بيورو جو ڪينڊيٽ ميمبر به آهيان تون ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهين يار کي چيو ويو ته هتي سڀ برابر آهيون هرڪنهن کي حق آهي سوال ڪرڻ ڳالهائڻ جو سمجهڻ لاءِ سوال جواب ڪندس تون هن وقت پاڪستان کان ٻاهر آهين انچارج اتي

آهين بئي ڏينهن تي ڪلاس ۾ وري بحث شروع ٿيو ته ترجمان ۽ پروفيسر کي بڌايم ته رمضان جو رويو جيڪو مان متي لکي آيس ته يار تي تنقيد ڪيائون ته تون انچارج اتي آهين هتي سڀ برابر آهيو ته يارن جو منهن لهي ويو.

رمضان ۽ بشير بٽ جي ڪمري ۾ دعوت ڪري بنگلاديش جي دوستن کي وٺي آيا. شراب پيئڻ کان بعد ۾ بحث جي دوران بنگلاديش جي دوستن سان وڙهيا، چمبا، گاريون ڏيئي ڪمري کان ٻاهر ڪڍيا ويا ٻاهر جيڪي هنن جي پرسان هئا انهن اهو تماشو ڏٺو. مان نه شراب پيئندو هئس نه بيئر پيئندو هئس. مان پنهنجي ڪمري ۾ بيمار هئس پنهنجي ڪمري ۾ هئس ته عبدالحق بلوچ اچي ٻڌايو بعد ۾ مان دوستن کي چيو ته توهان نيڪ ڪونه ڪيو آهي، توهان پارٽي جي ساک کي نقصان پيا ڏيو شراب دوا ته ناهي جو توهان پيئڻ کان سواءِ بيمار رهندا سيئي دوست موجود هئا رمضان ڪٽ تي ٽيڪ ڏيئي ستو پيو هو نشي ۾ ٽن لڳو پيو هو. بشير بٽ ڪاوڙ مان چيو ته پيهر اسان جي ڪمري ۾ نه ايندو ڪر ڪنهن به دوست ڪونه چيو ته چو نه اچي بعد ۾ مان پنهنجي ڪمري ۾ ويس.

30 اپريل تي ماسڪو سينٽرل هاسپيٽل کان ڊاڪٽرن اچي چيڪ ڪري آپريشن لاءِ ڪٺي ويا. انسٽيٽيوٽ مان دوست سامان به ڪٺي آئي ڪونه ڏنو صرف پيسٽ برش هڪ پاڪيٽ سگريٽ پيو ڪوبه نه رات جو 8 بجي تائين سڀ ٽيسٽ مڪمل پهرين مئي تي شام جو ڇهين بجي آپريشن ٿيٽر ۾ ڪٺي ويا، سيون هنيائون. ٽيلهي چاڙهيائون بعد ۾ ڪا خبر ڪانه هئي جڏهن صبح جو توري روشني شروع ٿي ته ڏٺم ته تورو هوش ۾ آيس ته ڊاڪٽر سرجن ۽ چار ليڊيز ڊاڪٽرياڻيون مٿان بينا هئا انهن کي اشارو ڪيم ته پيشاب لڳو آهي ته يڪدم اتي پيشاب وارو دٻو ڪٺي آئي پيشاب ڪرائڻ لاءِ ته مان انهيءَ ۾ تورو ڪيو زوري ان چيو ته مان ڪرايان تو پيشاب ستي پيشاب ڪونه آيو پروفيسر چيو ته اتي بيهي ڪر پوءِ اتي پيشاب ڪيم بعد ۾ صبح جو ناشتو ڪٺي اتي آيا سرجري ۾ ناشتو ڪري بعد ۾ سامهون ڪمري ۾ وٺي ويا پهرين مان تمام مٿي ستين منزل تي هئس هاٽي هيٺ بي فلور تي ڪمرو ڏنائون بئي ڏينهن تي مٿان منهنجو سامان ڪٺي هيٺ آئي ڏنائون جنهن ۾ 10 روبل پيل هئا. اها ڪيسي مان ڪڍي ويا هاٽي اسان جي ملڪ وانگر اتي به چوريون شروع ٿيون هيون بعد ۾ منهنجا ڪپڙا ڪٺي ويا بئي جا ڪپڙا سامان منهنجي ٽيبل ۽ بئنچ

جي هيئان رکي ويا. جڏهن تہ ستن ڏينهن کان پوءِ موڪل ڏنائون تہ مان چيو تہ هي ڪپڙا منهنجا ناهن هڪ پوڙهي عورت منهنجا ڪپڙا ڪٽي آئي ۽ اهي ڪپڙا سامان ڪٽي ويئي بعد ۾ ڏسان تہ منهنجي بئنچ جي هيٺان ٻہ سئو روبل پيل آهن مان اتي سيني کي چيو تہ روبل مان ڏنا الاءِ ڪنهن جا آهن نہ منهنجي ڳالهہ سمجهن نہ مان سمجهان منهنجو چوڻ ۽ ڳالهہ ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ آئي انهيءَ ڏينهن مون کي ڪٽي ويا ڪاري وڏي ڪار تي انسٽيٽيوٽ وٺي ويا. شام جو ٻہ سئو روبل دوستن کي ڏنم دوستن کي قصو سچو ٻڌاير مالڪي ڪنهن نہ ڪئي نہ انهن کي سمجهہ ۾ آيو تہ مان کي بعد ۾ دوستن چيو تہ توهان پنهنجو حصو ڪٽو مان چيو تہ مان چا ڪندس مان اسپتال جو ڪاڏو ڪائيندو آهيان اتي منهنجو ڪوبہ خرچ ڪونہ آهي بس توهان ورهائي ڪٽو پنج حصا ڪري ڪنيائون.

10 جون تي آچر تي ڊاڪٽر شاهد ۽ شاگرد دوست ناصر ۽ سريش ڪمار ڏسڻ آيا حال احوال ٿيا ڊاڪٽر شاهد فون نمبر بہ ڏنو جتي رهندو هو اڄ دوست تاتارستان ويا سواءِ عبدالحق بلوچ ۽ مون کان عبدالحق کي بہ هاسپيٽل ۾ داخل ڪيو ويو هو منهنجو هي ٽيون آپريشن ٿيندو جو سوچ ۽ سور نہ ويو. 11 جون تي عبدالحق بلوچ کي وٺي ويا اسپتال جتي مان رهيل آهيان مان کي صرف هڪ ڏينهن لاءِ آندو ويو هو ان کان بعد ۾ ٽيون پيرو وٺي ويا پنج بجي. 12 جون تي 11 بجي آپريشن لاءِ وٺي ويا اتي مان ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو هئس سور بہ اڳئين کان گهٽو هو شام جو مان ڊاڪٽر شاهد کي فون تي ٻڌايو هو تہ صبح جو منهنجو ٽيون آپريشن ڪندا چيائين تہ مان بہ ايندس اسپتال ۾. مان پنهنجي بک تي وصيعت بہ لکي ٽين آپريشن ڏکي هئي. 21 جون تي ترجمان وديم آيو اسپتال ڏسڻ چيائين تہ هاٽي دلجاءِ ڪر تنهنجو هي آخري آپريشن هو جو بيماري اهڙي هئي جو هاٽي ان جو جڙ ڪٽيو ويو جو توهان کي ڪينسر جو فرسٽ اسٽيج جو هاٽي ان جو جڙ ڪاٽيو ويو آهي هاٽي زخم ٺيڪ ٿيندو تہ موڪل ڏيندا مان توهان کي دلجاءِ ڏيڻ آيس ۽ مبارڪباد بہ. 23 جون تي عبدالحق بلوچ ڏسڻ آيو چيائين اڳ ۾ اسان کي احساس ڪونہ ٿيندو هو جڏهن مان آيس اسپتال ۾ تہ احساس ٿيو تہ اسان غلط هئاسون جي دوست توهان جي ڏسڻ دير سان ايندا هئا اهو بہ هڪ دفعو معاف ڪندا. دوست اهو بہ پنهنجي وارڊ مان آيو هو جڏهن پاڻ داخل ٿيو هو. 29 جون تي ڊاڪٽرن موڪل ڏني جو

زخم به نيڪ ڪونه هو جو دوستن ۽ اسان جو ٽائيم پورو ٿيو هو. 15 ڏينهن اڳ ۾ پاڪستان موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ته مان به ڊاڪٽرن کان موڪل ورتي ته زخم ٿورو آهي اتي وڃي نيڪ ٿيندو ڊاڪٽرن ملم پٽي ڏيئي ڇڏيو هو شام جو انسٽيٽيوٽ پهتس ته ترجمان لودا سنگت اڳ ۾ گيٽ تي بيٺا هئا ۽ اسان جي انچارج سلطانه ان چيو ته توهان ڪنهن سان ملندا مرڪزي ليڊرن سان ته رمضان اڳ ۾ چيو ته گورباچوف سان ته ڪن چيو ته بيلسن سان ته مان کي چيو ويو ته انچارج ته توهان ڪنهن سان ملندا مان نالو ڪامريڊ ليگاچوف جو ورتو. ان سان ملندس ته اتي يار آپي کان ٻاهر نڪري ويا صرف تنهنجي ڪري اسان کي به ملڻ ڪونه ٿا ڏين اتي انچارج سلطانه چيو يارن کي ته اهو غلط چئي رهيا آهيو ته توهان وحيد جي ڪري ڪونه ٿو ملايو وڃي ٽائيم مليو ته توهان کي ڪنهن هڪ سان ملايو ويندو بيو ته اڳ ۾ به شروع وارن ڏينهن ۾ به چيو ويو هو منهنجو موقف ساڳيو ئي هو ته مان ليگاچوف سان ملندس.

شام جو سيني پروفيسرن کي آخري موڪلاڻي پارٽي ڏني پئسا منهنجا هئا ڪيفي ۾ روسٽ مرغيون، شراب، بيئر پيئو.

ان کان بعد ۾ سلطانه اتي ئي ڪيفي ۾ يارن کي چيو ته توهان کي هرهڪ کي پاڪستاني هڪ سئو روپيه ملندا يارن کي رات جو ننڊ به ڪونه آئي. 30 جون تي صبح جو اچي منهنجو در کڙڪايو چيائون ته هل ته پئسا وٺون اڳواڻي رمضان ڪري رهيو هو مان دوستن کي چيو ته ڇڏيو پئسن جي جند ڏنائون ته نيڪ نه ته وڃن پئسا جهنم جي تري ۾ پون پوءِ ته يار ناراض ٿيڻ لڳا نيٺ وياسون ته سلطانه گيٽ وٽ بيٺي هئي يارن گهڻو جهيڙو ڪيو هل بکيڙ ڪيا آخر ۾ سلطانه يارن کي پاڪستاني سئو رپين کان به جواب ڏنو مان پري پاسي سان چپ ڪيو بيٺو هئس. سليم راز به مان سان گڏ چپ ڪيو بيٺو هو. يارن سلطانه کي چيو ته جيسين پئسا ڪونه ملندا اسان ڪونه ويندا سون پاڪستان خلق گڏ ڪيائون اتي سلطانه چيو ته وڃي پئسا پروفيسر بيداڪوف کان وٺو ۽ ان سان ڳالهايو بعد ۾ مان هليو ويس پنهنجي روم ۾ شام جو مان سليم راز جي روم ۾ ويس ته اتي به رمضان يارن سان پئسا پئسا لڳو پيو هو ته مان دوستن کي چيو ته توهان جو قرض ته ناهي جو پئسا ڪونه ملندا ڪونه ويندا سون ڪجهه سياڻا ٿيو. اتي هڪ دوست انديا جو آيو چيائين ته توهان جو دوست گيٽ تي بيٺو آهي مان سان گڏ رمضان هليو گڏجي گيٽ وٽ وياسون ته

شاگرد دوست سريش ڪمار بينو هو حال احوال ڪيوسين دوست چيو تہ رات 8 بجي مان ماني ڪرائي آهي، توهان سڀ دوست اچو مان دوست ڪان معافي ورتي تہ منهنجو اجا زخم بہ نيڪ ناهي. شاگرد سريش ڪمار منهنجي ضلعي سان واسطو رکندو هو.

رات جو دوست دعوت ڪائي موٽي آيا تہ سڏو منهنجي روم تي وري بہ پئسن جي ڳالهہ مان چيو تہ يار مون کي اهڙا پئسا خواري جا نہ گهرجن جنهن جي ڪري گيٽ تي خلق ڪلايو ويو ۽ سلطانہ چيو هو يارن کي نہ ويندا تہ ٽڪيٽ مان ڪينسل ڪرائينديس.

آخرڪار يارن کي روبل ڪونہ مليا. صبح جو مان وچياڪيلو مليس انسٽيٽيوٽ جي انچارج سلطانہ سان چيائين تہ هي ڪهڙا ماڻهو آهن اسان جي هٿ ۾ تہ ڪونہ آهي جو مان انهن کي روبل ڏيان بس تون آيو آهين تہ ٽڪيٽ ڪينسل ڪونہ ڪرائينديس جي هو نہ ويا تہ تون تياري ڪر بلي رهن اهي پنهنجي خرچ تي نہ تہ تياري ڪن. اڄ پهرين جولاءِ تي واپس جون شروع ٿيو سواءِ عبدالحق بلوچ جي جو ان جو علاج هاڻي شروع ٿيو هو صبح جو دوست آيا چيائون تہ جنهن بہ دوست کي سامان وڌو آهي هلن شهر مان تہ هلڻ جهڙو ڪونہ هئس ۽ ڊاڪٽرن جو بہ منهن هو تہ ايترو گهمڻ ڦرڻ تي بندش هو پيو تہ يارن وٽ روبل ايترا ڪونہ هئا. مان ڏي ڏسڻ لڳا مان وٽ ٽي چار سئو روبل هئا انهيءَ ڪري تہ مان گهڻو عرصو اسپتال ۾ رهيس پيو تہ مان شراب ڪونہ پيئندو هئس مان رمضان کي روبل ڏنا تہ منهنجي لاءِ سٺو بيگ چمڙي وارو وٺي هڪ استري پارٽي لاءِ وٺي ايندا، بيا روبل يارن کي ڏنا. 25-25 ڏنا ويا دوستن کي شهر مان منجهند جو موٽي آيا خريداري منهنجو بيگ چمڙي واري رمضان پاڻ جهليو ۽ مون کي ڪپڙي واري ڳوٿري ڏنائين تہ تنهنجي لاءِ هي آندو آهي مان چيو رمضان کي تہ پئسا بہ منهنجا منهنجي لاءِ ڳوٿري تون پنهنجي لاءِ چمڙي جي بيگ اهو چو سڀ يار بيٺا هئا زرقا لاءِ ڪوڙيون واليون وٺي آيو بعد ۾ بچت 35 روبل واپس ڪيائين نہ ڪو حساب نہ چا تہ پرسان عبدالحق بلوچ بيٺو هو مان اهي 35 روبل ان کي ڏنا جو اهو اڪيلو هو جو متان ڪا تڪليف ٿئي.

جڏهن شام جو وڃڻ جي وقت ڪان اڳ ۾ مان انڊيا ۽ بنگلاديش جي دوستن ڪان موڪلائڻ ويس تہ انڊيا جا دوست مان سان گڏجي آيا روم تي وڃڻ

جي وقت منهنجو سامان انڊيا جي دوستن ٻاهر گيٽ تي وين ۾ رکي ڏنو جڏهن وين رواني ٿي تہ ماسڪو ايئرپورٽ ڏانهن تہ مان انڊيا ۽ بنگلاديش جي دوستن هڪٻئي کي هٿ لوڏيندا رهياسون. جڏهن ايئرپورٽ تي پهتاسون تہ مان کي پاڪستاني ڪپڙا ڏسي ڪافي ماڻهو ڦري آيا تہ اسان کي اڄ ست ڏينهن ٿي ويا آهن اڄ نہ اسان جي مدد ڪر هاڻي مان ڪهڙي مدد ڪندس جو ڪراچي پاڪستان وڃڻ لاءِ جهاز تيار آهي پنجن ڏهن منٽن ۾ بعد ۾ جنهن پروفيسر اسان سان گڏ آيو هو ان وڃي اسان کي جهاز ۾ ويهاريو اتان جي 12 بجي 2 جولاءِ تي صبح جو 9 بجي ڪراچي ايئرپورٽ تي جهاز لاٿو تہ جڏهن پهتاسون تہ سيني کي ويهاريو ويو پورو ڪلاڪ بعد ۾ موڪل ڏنائون جڏهن ٻاهر آياسون تہ ڊاڪٽر شاهد بيٺو هو هڪڙي ڪار ۾ جاءِ ڪانہ تي تہ هڪ ٽيڪسي ڪئي دوستن منهنجو سامان ڊاڪٽر جي گاڏي ۾ رکيو جڏهن ڊاڪٽر جي جاءِ تي پهتاسون تہ ڪامريڊ امام علي نازش ويٺو هو ان سان مٿاڇرو حال احوال ٿيو. ڪامريڊ نازش چيو ڊاڪٽر کي تہ منهنجي لاءِ تہ ٽڪيٽ بڪ ڪرائي اڄ جو ڪامريڊ جو آپريشن ٿيل آهي ۽ اڃا زخم بہ ڪونہ ڇٽو آهي تڪليف ٿيندس ڊاڪٽر شاهد فون ڪيو برٿ ڪونہ ملي صرف ويهڻ واري سيٽ بڪ ڪرائي جي ٻئي ڏينهن تي عيد هئي ان ڪري ٽرين ۾ رش جي ڪري برٿ ڪانہ ملي شام جو ڪار تي ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي ڇڏي ويو بڪنگ واري سيٽ تي سامان رکي موڪلائي ڊاڪٽر شاهد هليو ويو تہ مان اڃا بيٺو هئس تہ هڪ دوست ڊاڪٽر شاهه محمد نوناري جي نظر پئي مان تي تہ اتي اچي هٿ ملايائين چيائين تہ ڪامريڊ ڏاڍو ڪمزور پيو لڳين تہ مان دوست کي ٻڌايو تہ مان بيمار هئس ماسڪو ۾ ٽي آپريشنون ٿيون آهن اڃا بہ زخم آهن تہ دوست چيو تہ تون ڪرسي تي ويهي ڪونہ سگهندين مٿي برٿ تي سمهي پئُو برٿ اسان جي پڪ ٿيل آهي ڊاڪٽر شاهه محمد نوناري منهنجو سامان کڻي مٿي رکيو برٿ تي مان مٿي وينس. صبح جو 10 بجي جيڪب آباد جي اسٽيشن تي ٽرين بيٺي تہ دوست نل جو مسعود نوناري مليو ساڻي ٻارڙا سنگت جو ان چيو تہ ڪامريڊ توهان جي ڳوٺ ۾ ڪير بہ ڪونہ آهي جهيڙو ٿيو آهي مڙس ماريائون توهان جو ياءُ ڪشمور لڏي ويو آهي. هتان ٽپڙ کڻي ويو ڪنهن ماريو ڪنهن کي ماريائون اهو خبر ناهي باقي هتان ويا آهن امڙ جي بہ خبر ناهي تہ اتي آهي يا انهن سان وئي مان دوست کي چيو تہ سامان لاهي اچ. سامان لاهي

ٽانگو ڪري دوست شمس سولنگي جي جاءِ تي ويس شمس شهر ويل هو بعد ۾ مان ان دوست کي ڪرايو ڏيئي ڳوٺ ڪان جاچ ڪري اچ ڪير اتي آهي ڪير ويو مون کي اها پڪ هئي ته امڙ گهر ڇڏي ڪانه ويندي انهن سان ٿوري دير ڪان بعد ۾ شمس به ستت گهر موٽي آيو سچو قصو ٻڌايو ته مان ويو هئس تنهنجي گهر امڙ وٽ امڙ اتي آهي باقي بشير وارا ڪشمور ويچي ويٺا آهن پوليس جي ڪري قتل پين ڪيو هو. ان ڪان بعد ۾ ڊاڪٽر ڪان پٽي ڪرائي دوا وٺي سيون هٽائي ٻن ڏينهن جي دوا ڏني صبح جو عيد هئي ٻئي ڏينهن جو موٽي اچ بعد ۾ دوست شمس سولنگي ٽيڪسي ڪار ڪري شام جو گهر پهچايو ۽ انهيءَ مهل منهنجي ڳوٺ ڪان جيڪب آباد واپس ويو. جيڪو دوست مان جيڪب آباد ڪان گهر موڪليو هو مسعود نوناري کي ان اچي امڙ ڪان جاچ ڪئي ۽ منهنجو ٻڌايو ته امڙ ننڍڙي زرقا کي ڪڇي ٿل آئي هئي ڳوليندي رهي اوسي پاسي جا مٽ مائيٽ ڏسڻ آيا. پيٽڙيو ٿوري دير ڪان پوءِ امڙ به اچي ويئي ننڍڙي سان زرقا اچڻ سان ئي سيني ۾ چمبڙي ويئي امڙ به مون کي ڏسي اکين مان پاڻي آيس خبر پيس ته ڪينسر هئس. ٿوري دير ڪان پوءِ سيني چيو ته هل اسان سان جهيڙو آهي بيمار آهين مان جواب ڏنو ته مليريا جو بخار ناهي جو سوئين سان ڇڏي ويندو هڪڙي ڏينهن ۾ هڪڙو ڏينهن ناهي جو مان پنهنجو گهر ڇڏي هلان بعد ۾ سڀ هليا ويا سواءِ پينرن جي هڪڙي سئوٽ جي پٽ کي صبح جو عيد واري ڏانهن ياءُ ۽ يائٽين ڏي موڪليو نماز تي ته مان ڪونه ويس شام جو سج لٿي مهل ياءُ ۽ يائيٽو بشير آيا رات جو گهر هئاسون ٻئي ڏينهن تي جيڪب آباد ويس علاج لاءِ ٽن چئن ڏينهن ڪان پوءِ زخم ٺيڪ ٿي ويا ڊاڪٽر موڪل ڏني بعد ۾ جيڪب آباد ڪان ٿل ڳوٺ آيس اتي مٽ مائٽ دوست ڏسڻ ايندا ويندا رهيا.

مان ماسڪو وڃڻ جي سڄي رپورٽ لکت ۾ پي سي ۾ ڏنم ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ امام علي نازش کي تفصيل سان لکت ۾ ڏني جڏهن اتي هئاسون واپسي تي جهاز ۾ مان رمضان گڏ ويٺا هئاسون ته چوڻ لڳو ته تون لکت ۾ ڪابه رپورٽ نه ڏجانءِ مان پاڻ ڏيندس. ٻيو ته روزنامچو ڊائريون ڪٺڻ ڪونه ڏنيون هيون. رمضان سڀ ڦاڙي ڦٽيون ڪيون. هاڻي سيني جون ڊائريون متان پاڪستان ۾ ايئرپورٽ تي ڏسي گڙٻڙ نه ڪن ان ڪري جو ڪجهه مان لکيو اهو مان ڪجهه لڪ ڇپ ۾ هڪ ڊائري ڪٺي آيو هئس رمضان

CS CamScanner

ڪونہ ڏني هئي. جيڪو مختصر ڏنو ويو آهي:

جولاءِ جي آخر ۾ پي سي جي ميٽنگ حيدرآباد نسيم نگر ڄام ساقي جي جاءِ تي ٿي جنهن ۾ اتي ظفر عباس چيو تہ تنهنجي ماسڪو وڃڻ تي پروفيسر جمال نقوي ناراض هو تہ ناحق موڪليو ويو هو. بعد ۾ پي سي جي سيڪريٽري امداد قاضي ميٽنگ جي ڪارروائي شروع ڪئي ۽ مرڪزي ڪاميٽي مان ڄام ساقي انچارج رمضان شريڪ ٿيا مرڪزي فيصلا پڙهي ٻڌايائون ۽ چوٿين ڪانگريس جي رٿابندي ڪئي ويئي ضلعن جون ڪانفرنسون ۽ پي سي ڪانفرنس تاريخون مقرر ڪيون ويون ڪانگريس لاءِ تجويز ٿيل دستاويز ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان 1990ع، 9 سيپٽمبر جي. هيٺ بحث لاءِ جمال نقوي جو ان تي بحث ۽ رايا، تجويزون چوٿين ڪانگريس جي شروعات ضلعن جي ڪانفرنسن ڪان ٿي جنهن ۾ ڪافي ضلعن جي ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيس 5 ڊسمبر تي ضلع جيڪب آباد جي ڪانفرنس ڪنڊڪوٽ ۾ ٿي جنهن ۾ پي سي ميمبر عاجز جمالي شريڪ ٿيو صوبائي ڪانفرنس لاءِ چونڊ ٿي ڊيليگيٽ 10 دوست خفيہ بيلٽ پيپر ذريعي چونڊ ٿي. 6 ڊسمبر 1990ع ضلعي خيرپور جي ڪانفرنس منڙي نظير رڏ جي ڳوٺ اسڪول ۾ ٿي ان ۾ رمضان بہ شريڪ هو سڄي رات تجويز ٿيل دستاويز تي بحث هليو جو پروترسڪا حاڪمانہ سوشلزم جو زوال تي بحث هليو يورپ ۾ تبديلين جي ڪري هتي پاڪستان ۾ يورپ جي تبديلين فرق ڪرڻ گهرجي اوير يورپ سوويت يونين ۾ 73 سال ڪميونسٽن جي حڪومت هئي پر اسان وٽ اڃا جاگيرداري جي نظام ۾ جڪڙيل آهيون اسان وٽ اڃا ڪميونسٽ ٽيڻ ۾ بہ وقت لڳي جو يار هتي ڪهڙو پروترسڪا ۽ تشڪيلي نو ڪندا. اسان جي دانشورن ڪي اڇي تبديلين جي لڳي آهي اسان جي پارٽي بہ خارجہ پاليسين سان جڙيل آهي پر هر ملڪ پنهنجي پنهنجي حالتن تحت پاليسي جوڙيندو آهي.

پر اسان جي دانشورن جڏهن بہ بين جو طريقہ ڪار اپنايو آهي، هاڻي گورباچوف جي تشڪيلي نو تي لبيڪ چئي رهيا آهن رمضان اهو بہ چيو آهي تہ پروترسڪا گلا سنوسٽ بي لغام گهوڙي تي ويٺل آهي ڪٿي ٿو اڇلي رمضان اهو بہ وڪالت ٿو ڪري تہ هي ديڳڙي باهہ تي چڙهي پئي آهي پريشر ايترو وڌي ويو آهي گورباچوف انهيءَ ديڳڙي جو ڍڪڻ لاهيندو. لاهڻ سان

سڙي ويندو يا ڪامياب ٿيندو. جڏهن ته پاڻ کي به خبر ناهي ته بي لغام گهوڙو ڪٿي ٿو اڇلي يا يا ڏيڱڙي ساڙي يا بچائي ٿو. هي ڏيڱڙي ۽ بي لغام گهوڙو دنيا کي پيچي پورا ڪندو ۽ ڏيڱڙي ساڙي دنيا تباھ ڪندو.

7 ڊسمبر تي لاڙڪاڻي ضلع جي ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ ساڳيو بحث هليو. دستاويز ۾ لکيو ويو هو ته ايٽمي هٿيارن جا ذخيرا چوٽ چڙهي چڪا آهن. بلڪل سهي پر سامراجي ملڪ ۽ سوشلسٽ ملڪن ٻنهي طاقتن لاءِ پوري دنيا لاءِ نقصانڪار آهي پر امن بقاءِ باهمي لينن جي دور ڪان وسيع زياده آهي. پر اهو چئي ته لينن جي نظريي سان زيادتي ٿيندي. لينن جي بريسٽ معاهدو امن. مارچ 1918ع جو اقتدامات لينن جو ڪتاب انقلابي لفاظي پڙهڻ گهرجي جو سوشلسٽ رياست ۽ سرمائيدار ملڪن درميان اهڙي سياسي سمجهوتي جي حيثيت ڏني ويئي هئي جو امن جي مفاد ۽ سوشلزم جي فتح برقرار رکڻ جي حق ۾ جو بريسٽ معاهدو ڪيو ويو هو ٻيو ته لينن جو ڪتاب پرامن بقاءِ باهمي پڙهڻ گهرجي هي سچ آهي ته مارچ 1919ع ۾ آمريڪي سياستدان وليم بيلٽ ماسڪو ويو هو چيو هو ته صدر ولسن جي هدايت تي روس جي حڪومت سان امن جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي هئي.

ٻيو ته لينن 20 نومبر 1919ع ۾ چيو هو ته اسان هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿيا آهيون جنهن ۾ اسان ۽ سرمائيدار رياستن جي چار ۾ درميان پنهنجو بين الاقوامي حيثيت حاصل ڪئي آهي صرف اهو چئي ته لينن جي دور ڪان پرامن بقائي باهم وڌيڪ زياده آهي صرف پنهنجي دانشوري ظاهر ڪرڻ پر اڄ آمريڪا سامراج لاءِ جو سرمائيدار ملڪن جپان، انگليند، فرانس، سوئيزرلينڊ جي جنگي هٿيارن جي ڪري انهن جو مال اسٽاڪ ٿيو پيو آهي صرف سرمائيدارن جي مجبوري ۽ سوويت يونين جي به مجبوري آهي جو اڄ معاشي اقتصادي گهوٽالي ۾ آهي اهو مان متي چئي چڪو آهيان جو امن جي نالي ۾ آمريڪي سامراج هن وقت به پنهنجي دهشتگردي کي برقرار رکيو اچي ٿو چند سال سامهون رکندس ته آمريڪا سامراج پناناما تي فوجي چڙهائي ۽ فلسطين ۾ قتل عام ۽ تازو خليج ۾ فوجون لاهڻ ۽ افغانستان ۾ سرگرمي عمل شامل آهن پر سوشلسٽ ملڪن کي به منتشر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي اوڀر يورپ ۾ ڪميونسٽ حڪومتون ختم ڪرڻ ۾ آمريڪا سامراج سرمائيدار ملڪ ڪامياب ويا اهو آهي پروترسڪا جو ڪمال جو 73 سالن ڪان پوءِ اوڀر يورپ

۾ سوشلزم جو زوال ٿيو آهي. سڄي اوير يورپ ۾ دوستو جڏهن اسان ماسڪو ۾ هئاسون تہ رمضان کيخبر آهي هڪڙي پروفيسر لرڪچر ۾ ٻڌايو هو 420 مرڪزي اڳواڻ ارب پتي آهن 30 هزار اڳواڻ ڪروڙ پتي آهن روس ۾ اهي بہ وڏن عهدن تي آهن. هاڻي تہ سوويت يونين ۾ سوشلزم تہ ختم ٿي ويئي آهي جو هن دستاويز ۾ هر نڪتي تي لکيو ويو آهي تحڪمانہ سوشلزم هاڻي جمهوري سوشلزم ڇا پيو ڪري دنيا کي اجاڙي ڇڏيائون اڄ لاڙڪاڻي جا دوست فيصلو ڪن ڪانفرنس ۾ چيو تہ جمال نقوي ۽ ٽولي جي ڏيڱڙي ساڙڻ طرف وڃي رهي آهي. يار ڪاوڙجي ويو پر هن وقت جپان ۽ فرانس جي سرمائيدارن ملڪن کي روس ۾ سرمائي هڻڻ جي اجازت ڏني وئي آهي ڇا هي مزدور طبقي جي استحصال ڪونہ ٿيندي صرف دانشورن ۽ ليڊرن کي ڪميونسٽ نظريي خلاف سواءِ بيو ڪجھ بہ ڪرڻو آهي ڇا 17 اڪٽوبر انقلاب کان پوءِ جيڪو ترقي ٿي هئي ان کي پاڻي ڦيرڻ ۽ وساري ڇڏڻ اهو ڏاهپ ناهي. ساٿيو حاڪمانہ سوشلزم جي زوال سوشلسٽ ڪئمپ جي منتشر ٿيڻ سان آمريڪا سامراج پنهنجي غنڊاگردي اتحادين سان گڏجي خليج ۾ فوجون لاٿيون آهن اهو بہ مٽي ڇاڻايو ويو هو دهرائڻ انهيءَ جي تہ هنن يارن هر پيٽرا تي سرمائيدارن جي حمايت ۾ لکيو آهي. 14-15 ڊسمبر 1990ع تي سنڌ صوبائي ڪانفرنس ضلع لاڙڪاڻي ڏوڪري ۾ ڪئي ويئي جنهن ۾ 106 ڊيليگيٽ شريڪ ٿيا.

ڄام ساقي رمضان وڏي ڪوشش ڪئي جمال نقوي جي دستاويز مڃائڻ لاءِ پر مڃائي ڪونہ سگهيا بعد ۾ اليڪشن تي سنڌ صوبائي ڪاميٽي جي ان کان بعد ۾ مرڪزي ڪانگريس لاءِ ڊيليگيٽ چونڊ ٿي.

25-26-27 ڊسمبر 1990ع تي ڪراچي ۾ مرڪزي ڪانگريس جي شروعات شام جو ٿي جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ڳالهائڻ لاءِ ٽائيم مقرر ٿيو. هرهڪ لاءِ 10 منٽ. مرڪزي ڪاميٽي ۾ چند ساٿين جو متبادل راءِ پيش ڪئي. جمال نقوي ٽولي جي دستاويز جي چوٿين ڪانگريس جو دستاويز مرڪزي ڪاميٽي ۾ متبادل راءِ چند ڪارڪنن جي اڪثريت سان پاس ٿي جمال نقوي ٽولو شڪست ڏسي جمال نقوي پهرين ڏينهن شام جو هليو ويو بعد ۾ دوستن ڄام ساقي کي زوري مرڪزي ڪاميٽي ۾ ٻيهاريو ويو هو ۽ رمضان ميمڻ بہ مرڪزي ڪاميٽي ۾ هار ڏسي فارم بہ ڪونہ ڀريو. مرڪزي ڪاميٽي

لاءِ بعد ۾ امداد قاضي ٻه انڪار ڪيو. مرڪزي ڪاميٽي ۾ اچڻ جو بعد ۾ امداد قاضي جو آندل وطن دوست انقلابي پارٽي مان آيل ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي مرڪزي ڪاميٽي جو بنا مقابلي چونڊجي ويو اهو صرف ضلع ڪانگريس دوران پارٽي ميمبر ڪيو. امداد قاضي لاڙڪاڻي مان ٽن چئن مهينن ۾ ضلع ڪاميٽي ۾ چونڊجي آيو ۽ صوبائي ڪانفرنس ۾ صوبائي ڪاميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو. انهيءَ دوران همراهه مرڪزي ڪاميٽي ۾ پهچي ويو ان جي مان مخالفت ڪئي هئي پر ڪورم پورو نه هئڻ سبب مرڪز ۾ آيو ۽ جام ساقي ڪي مرڪزي ڪاميٽي ۾ جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. دوستن چيو ته اهو سڀ پارٽي جي مفاد خاطر جام ڪي چونڊيو ويو. ٽوڙ ڦوڙ کان بچائڻ خاطر پر پارٽي پهرين ڏينهن جي شام جو جمال نقوي جو وڃڻ پارٽي ته ان ڏينهن ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿي وئي جام ۽ رمضان ان جا چيلا آهن ٽن ڏينهن واري ڪانگريس ٽوڙ ڦوڙ سان پڄاڻي تي پهتي.

بعد ۾ جام ساقي مختلف وقتن ۽ مختلف اخبارن جلسن ۾ پارٽي جي چئن سالن جو دستاويز رٿابندي ۽ آئين جي خلاف ورزي ڪندو رهيو آخرڪار 16 آڪٽوبر 1991ع تي استعيفيٰ ڏيئي اخبارن ۾ بعد ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪاميٽي ۾ استعيفيٰ ڏني رات جو دير سان صبح جو اخبارن ۾ ٻه پڙهيو ويو ته يار استعيفيٰ اڳ ۾ اخبارن ۾ ڏيئي پوءِ مرڪزي ڪاميٽي جي ميٽنگ ۾ آيو هو. مان سردار خان پنگوار وٽ رهيل هئس نسيم نگر ۾ اخبارن ۾ پڙهيم ان جو جواب لکي سيني اخبارن ۾ ڏنو ويو پنهنجي لاءِ صبح جو سيني اخبارن ۾ آيو بيان پڙهي جام ساقيءَ کي ڪاوڙ آئي امداد قاضي چيو ته جام فون ڪيو ته اهو اخبارن ۾ بيان تو لکي ڏنو قاضي ٻڌا ٻڌا قسم کنيا ته مان اکين سان ٻه ڪونه ڏنو اجا تائين بنگلاڻي مان ته ڪراچي ۾ ميٽنگ کان هاڻي گهر پهتس. انهيءَ کان بعد مان امداد قاضي وٽ ويس ته قاضي وات ڦاڙي چوڻ لڳو ته جام فون ڪيو ۽ ڌمڪيون ڏنيون ته بيان اخبارن ۾ تو لکي ڏنو قاضي کي چيو ته انهيءَ ۾ ڊڄڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، هنن پارٽي تي الزام هنيا آهن، غدارن جي مذمت ڪرڻ گهرجي. هنن جي خلاف جدوجهد جاري رهندي مان خود وڃي ملان تو جام سان جڏهن جام جي گهر ويس ته اتي ڪجهه دوست ويٺا هئا معشوق ملاح، اقبال ملاح، ڦوٽو رستماڻي، جام چيو ته بيان تو ڪڍيو يا قاضي مون چيو ته بيان جڏهن توهان جي استعيفيٰ ڪالهه

اخبارن مان پڙهي مان جاري ڪيو نه قاضي ته قاضي ته ڪراچي هو اڄ آيو آهي ڪراچي ڪان ڄام کي پهرين ته اهو غلط ٿيو ته واپس آيو مان وٽ چپ ڪري ڄام جي پرسان ويٺو هئس سمجهي ويو هئس ته هنن جو پاڻ ۾ ڪا ميٽنگ رکيل آهي آخر ۾ ڄام کي چيو ته جنهن جي لاءِ مئاسين سي ڪلهي ڪانڊي نه ٿيا. اهو ڇٽي وڏيڪ بحث ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ فضول هو. موڪلائي هليو آيس. ڄام ساقي جي استعيفيٰ ۾ آخر ۾ لکيل آهي ته اپيل ڪيو ڪارڪنن کي ته اچو وسيع جمهوري عوامي سياست ۾ شامل ٿيون. بين الاقوامي ڪميونسٽ ملائن جي نظر ۾ بورزوا سياست آهي. صاف ظاهر آهي ته پارٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ يارن ٽاڪس مليل هو ان کي يارن قسطن ۾ پورو ڪيو جمال نقوي ايد ڪمپني جيڪو پارٽي کي نقصان ڏنو ڪارڪنن ۾ مايوسي ڦهلائي. پارٽي مان نڪرڻ سان سنڌ ۾ وڏا ڊراما ڪرڻ شروع ڪيائون. لانگ مارچ ۾ قرآن، شاهه جو رسالو ڪٽي نڪتا هئا.

(10)

ڪڏهن تبليغي جماعت ۾ ته ڪڏهن صوفي جانڻ چن جي مريد بنجڻ درگاهه ۾ چير بڌڻ گيڙو هيدا ڪپڙا پائڻ جيڪو سامراج ۽ جنرلن سان واعدو ڪري جيلن مان نڪري آيا هئا. جمال نقوي ڄام ساقي پنهنجن چيلن سان هرهنڌ مارڪسزم ۽ لينن ازم جي ۽ ڪميونسٽ تحريڪ ۽ پوري دنيا جي پورهيت طبقي خلاف سرمائيدار جي حمايت ۾ ڪسر ڪانه ڇڏي جيل مان نڪرڻ سان جمال نقوي کي جيڪو عرصو جيل ۾ رهيو جنرل ضياءَ انهيءَ جي نوڪري بحال ڪئي ۽ پروموشن مليو ۽ سڀ پگهارون مليون ۽ شهيد حسن ناصر ۽ شهيد نذير عباسي جي خون ۽ تحريڪ سان غداري ڪري سامراج جي دلالي ڪرڻ ۽ پي پي ۾ شامل ٿيا. انقلاب پورو ٿيو. مدي خارج جاگيردارن وڏيرن جي پارٽي ۾ شامل ٿيا. آمريڪي سامراج جنرلن کي خوش ڪرڻ لاءِ خبر پئي هئي سکر سينٽرل جيل ۾ 84 ۾ ڄام ساقي هڪ ڪيسٽ پري هئي قومي سوال تي ان وقت محسوس ٿيو هو ته يار نالي ماتر ڪميونسٽ آهي ان ڪيسٽ ۾ آخر ۾ نوجوانن کي اپيل آهي ته پ پ جا جمهوريت لاءِ هٿ مضبوط ڪندا.

ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جا ٻه شهيد آهن ۽ غدارن جي قطار لڳي وئي. ان ۾ اقليت وارن يارن پارٽي مان نڪرڻ سان وڏا مها انقلابي سڏائڻ لڳا. قومي انقلابي پارٽي پاڪستان بعد ۾ سامراج جي اشاري تي مسلم ليگ (ن) ۽ مختلف فورمن ۾ هليا ويا ڪي انساني حقن جا علمبرار ٿي ويا پنهنجي آقائن کي خوش ڪرڻ لاءِ ۽ ٻئي ڌڙي جا اڳواڻ ڊاڪٽر عزاز نذير حسن رفيق انور ملڪ اهي ٻه ساٿي ڪڙي جا هئا. صرف پارٽي دشمني جي پورهيت دشمني پارٽي ٽوڙڻ سيني پنهنجو ٽاڪس پورو ڪيو قسطن ۾.

1987ع ۾ اقليت اڪثريت جي ڪري پارٽي ٽوڙي وئي. 1989ع ۾ جائزو ۽ خود تنقيد ۽ پارٽي ۾ نظرياتي ڪشمڪش جي نالي تي پارٽي ٽوڙي وئي ان بنياد تي. ڪانگريس ٿي هئي 1990ع ۾ چوٿين ڪانگريس ۾. 1991ع ۾ پارٽي ٽوڙي ويئي.

جولاءِ 1992ع ۾ سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ امام علي نازش جو جيڪب آباد ۾ ورڪر اجلاس ۾ ليڪچر ڪرايو ويو هو سخت گرمي ۾ بيمار رهيو هو. جيڪب آباد جي پروگرام جو ڪن دوستن مخالفت ڪئي هئي ته ڪامريڊ نازش چيو هو ته مان پروگرام ڏنو آهي دوستن کي ضرور ويندس. پلي اتان لاش جو نه نڪري. ڪامريڊ کي بخار به هو رات جو 8 بجي روهڙي ويو اتان ڪامريڊ ڪراچي روانو ٿي ويو.

9 آگسٽ 1993ع تي شهيد نذير عباسي جي ورسي ڪراچي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ويئي بعد ۾ هڪ ننڍڙو جلسو. شير نواب جي جاءِ ۾ ٿي جنهن ۾ تقريرون ٿيون. 10 آگسٽ تي ڪامريڊ امام علي نازش کي ڏسڻ ويس. امداد قاضي به ساڻ هليو هو. ڪامريڊ جو ايڪسيڊنٽ ٿيو هو ۽ ٻيو هميشه بيمار رهندو هو. جڏهن ڪامريڊ نازش چيو امداد قاضي کي ته دوائون به ختم ٿيون آهن ته خرچ لاءِ ڪجهه آهي ٻيو ته توهان دير سان اچو ٿا گهٽ ۾ گهٽ مقرر پئسا ته ڏيو. قاضي منهن خراب ڪري ڪاوڙ مان چيو ته مان وٽ پئسا ڪونهن آهن مان ڪٿان توکي ڏيان. ڪامريڊ کي پئسا ته ڪونه ڏنا ۾ رهندو چوڻ لڳو ته اسان ڦاسي ويا آهيون اجا مرن به ڪونه ٿا جان ڇڏين مرن ته جند ڇٽي پوي. جڏهن قاضي کي چيو ته انهيءَ حالت ۾ ڪامريڊ نازش کي توهان پئسا به ڪونه ڏنا ڪهڙا ڪامريڊ آهيو جو ان جي حالت خراب آهي تنهنجو ۽ منصور سعيد جو رويو ڪامريڊ سان دشمنن وارو جو توهان جارحانه

آمرانہ رويو اختيار ڪيو آهي پارٽي جي جنرل سيڪريٽري سان تہ توهان جو ورڪرن سان ڪهڙو رويو اختيار ڪندا اهو بہ ڪامريڊ جي ڪري ٽورو رهيو ڪهيو بچيو آهي هاڻي وري توهان بين وانگر شروعات ڪئي آهي قاضي منهن خراب ڪري چپ ڪري ويٺو جواب ڪونہ ڏنائين رهندو مون تي بہ ڪاوڙيو.

2 سيپٽمبر 1993ع تي پي سي جي ميٽنگ ضلع شڪارپور. مدئجي ۾ عرض منگي جي جاءِ تي ٿي جنهن ۾ سياسي صورتحال ۽ اليڪشن تي بحث ٿيو چاچا مولا بخش، امداد قاضي چيو تہ پارٽي اليڪشن ۾ حصو وٺي بہ ٿو نہ بہ وٺي اتي گرما گرمي تي سوال ڪيو تہ اهو ڪهڙي ٻٽي پاليسي اختيار ڪئي ويئي آهي وضاحت ڪرڻ گهرجي پارٽي حصو وٺي ٿي تہ جمهوري عمل ۾ تہ شير سولنگي ۽ اسماعيل قريشي جي انهن جي مدد ڪرڻ گهرجي ۽ پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ گهرجي اتي شير سولنگي ۽ امداد قاضي جي وچ ۾ تيزي اچي ويئي ۽ قاضي ڪارروائي جا ڪاغذ اڇلي ڇوڙ لڳو تہ وٺ قلم مان استعيفيٰ لکي ٿو ڏيان. چاچا مولا بخش قاضي کي راضي ڪيو بيهر ميٽنگ جي ڪارروائي شروع ٿي. جيڪي مرڪز جا فيصلا ڇيائون تہ وساري آياسون صرف زباني فيصلا قاضي صاحب ٻڌائيندو رهيو لکت ۾ ڪونہ ڪٽي آيا صرف جذباتي ٿي وڃڻ. چاچا مولا بخش ڪاوڙجي ڇوڙ لڳ وتہ پارٽي اليڪشن ۾ حصو ڪونہ ٿي وٺي جيڪو انفرادي پارٽي دوست بيهندا تہ پلي پارٽي وٽ مالي وسائل ڪونہ آهن. سوال ڪيو ويو تہ جڏهن تہ پارٽي خود حصو ڪونہ ٿي وٺي تہ پوءِ ڪنهن جي مدد ڪرڻ گهرجي.

اتي امداد قاضي چيو تہ منهنجي پنهنجي ذاتي راءِ آهي تہ پي پي جي حق ۾ آهي چاچا مولا بخش بہ پي پي جي حق ۾ چيو تہ اسان اشوز جي بنيادن تي حمايت ڪنداسون سيني پارٽين جا منشور اچي چڪا آهن جيڪو اسان جي ويجهو هوندو ان جي حمايت ڪنداسون سوال ڪيو ويو تہ پي سي جي ميٽنگ ۾ نہ مرڪزي قرارداد آهي نہ فيصلا هتي اسان سنڌ صوبائي ڪاميٽي سنڌ جي عوام ۽ ڪارڪنن لاءِ هتي ڪهڙا فصلا ڪيون. آخر ۾ قاضي چيو تہ پروگرام پي پي جو ريڊيڪل آهي ان جي حمايت ڪنداسون. سوال ڪيو تہ اسان هميشہ جاگيردارن، وڏيرن جي حمايت ڪئي آهي ۽ پارٽي جي ٽوڙ ڦوڙ ۾ وڏو انگ پي پي ڪٽي وئي. پي پي جاگيردارن جي نمائنده پارٽي آهي. سرمائيدارن جي نمائنده پارٽي آهي. نواز شريف (ن) آهي تہ ڪميونسٽن جو فرض ڪهڙو بڻجي

تو جنهن ڪارل مارڪس ۽ لينن ازم جي اصول تحت انهن جيڪو فرق ڪيو ويو هو جاگيرداري کي مدي خارج قرار ڏنو هو ۽ سرمائيداري جي وچ ۾ جيڪو چٽو صاف چيو هو.

اڄ پاڪستان ۾ پهريون پيرو مدمقابل ٿيا آهن جاگيردار ۽ سرمائيدار مدي خارج جاگيردارن جي حمايت ڪيون يا سرمائيداري جي پوءِ به جاگيرداري جي پيٺ ۾ اڳتي قدم آهي انقلاب لاءِ سرمائيدار جي ڪک مان انقلاب جنم وٺندو آهي چام ساقي پي پي ۾ ويو آهي توهان به پي پي ۾ وڃي انقلاب آڻيو. عام ورڪرن کي خوار نه ڪريو. هاڻي وري توهان پارٽي جا پير ڏاهڻ لاءِ ڪوشش ۾ لڳيا پيا آهيو صوبائي ڪاميٽي جو ميمبر ۽ ڪراچي ڪاميٽي جي آرگنائيزر زبير رحمان خط لکيو هو ته سيڪريٽري جنرل ۽ صوبائي ڪاميٽي ڏانهن ته امداد قاضي ۽ منصور سعيد ڪم ۾ مداخلت ڪري رهيا آهن بغير اطلاع جي هنن سيل قائم ڪيو آهي انهيءَ ڪري ڪراچي مان ڪافي دوست مايوس ٿي ويا ويهي رهيا.

5 مئي 1994ع تي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ورسي اسماعيل قريشي ڳوٺ ۾ ٿي جنهن ۾ اڳ ۾ چونڊ ڪئي وئي جڏهن پيو ماڻهو ڪونه مليو ته تڏهن خزانچي رکيو ويو. 7 جولاءِ تي پي سي جي ميٽنگ 7 بجي شام جو روهڙي ۾ چاچا مولا بخش وٽ رکيل هئي ان جي ميٽنگ رات جو اڳ ۾ ڪري ڇڏي جڏهن ته مان 5 بجي پهتس ته در وٽ ته امداد قاضي چاچا مولا بخش چيو ته دير ڪري آيو آهين ميٽنگ ته رات هئي جيڪي دوست دير سان آيا انهن کي فيصلا ٻڌايا ويا جڏهن ته ميٽنگ اڄ شام جو رکيل هئي 7 بجي مان 5 بجي پهتس ته توهان بغير اطلاع جي اڳ ۾ ميٽنگ ڪئي آهي صرف ٻئي دوست وينا هئا اڃا پيا دوست ڪونه پهتا آهن صرف توهان ٻنهي رات جو ميٽنگ ڪئي. بعد ۾ چيائون ته 7 بجي ورڪر اجلاس رکيل آهي قمر غفار ۽ اسرار خان جي جاءِ تي جنهن ۾ مزدور ڪسان پارٽي جو دوست اعجاز غني کي به وٺي آيا هئا ورڪر اجلاس ۾ مان اڳ ۾ به مخالفت ڪئي هئي انضمام جي بعد ۾ ڪارروائي اجلاس جي ڪارروائي شروع ٿي ايجنڊا هئي انضمام تي جنهن ۾ امداد قاضي، چاچا مولا بخش ڳالهايو انضام جي حق ۾ اهو ٺهه ڪري آيا هئا جڏهن ته مان انضمام جي مخالفت ڪئي. اشوز جي بنيادن تي اتحاد ٿي سگهي ٿو ڪنهن سان به پر انهيءَ انضمام جي مان حق ۾ ناهيان.

ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو جهنڊو ۽ نالو مٿائي پنهنجي وجود کان انڪاري آهي اقليت وارن به پارٽي کي بندريا جي مرده ٻچي جو قرار ڏنو هو ۽ چوٿين ڪانگريس جي دستاويز آخر ۾ لکيل آهي ته اتحاد جي صرف ڳالهه ٿيل آهي نه ڪي پارٽي جو نالو نه ڪي جهنڊو بدلائڻ جو.

امداد قاضي چڙي ڪري چيو ته بندريا مرده ٻچي جي پيٽ ڊاڪٽر عزاز نذير حسن رفيق وارن جي دستاويز ۾ لکيل هو نه ڪي اقلقيت وارن پيٽ ڏنو هو پارٽي جو. ته چوٿين ڪانگريس جي دستاويز ۾ لکيل آهي ته ضرورت پوڻ تي پارٽي جو نالو ۽ جهنڊو بدلائي سگهجي ٿو. انهيءَ تي قاضي، چاچا مولا بخش ٻئي ضد تي ته پارٽي کي بندريا جو لقب ڊاڪٽر عزاز نذير ۽ حسن رفيق ۽ چوٿين ڪانگريس جي دستاويز ۾ اهو لکيل آهي. اتي مان چيو ته جي ليڊر ڪوڙ ڳالهائين ته سچ آهي جي ورڪر سچ ۽ پروف ڏي ته ڪوڙ آهي ليڊر ڪنهن به شئي کي پڙهن ڪونه صرف ڪوڙ تي گذارو. قصور ورڪرن جو آهي جيڪو سهي چوي. مان چيو ته نوٽ لکو ته مان هن انضمام جو مخالف اهيان ۽ پارٽي جو نالو ۽ جهنڊو چوٿين ڪانگريس جي دستاويز ۾ اهو لکيل آهي ته نالو ۽ جهنڊو مقدس شئي ناهي. بعد ۾ اهو فيصلو ٿيو ته ٻئي دستاويز چوٿين ڪانگريس جي ۽ ٻيو اقليت وارن جي ٻئي ڪامريڊ نازش وٽ پيش ٿيندا. اتي دوست مينهون خان عرف سوز بلوچ به ان اجلاس مان ڪاوڙ ڪري اٿي ويو.

12 آگسٽ 1994ع تي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ شهيد نذير عباسي جي ورسي ملهائي ويئي اتي نه وال پوسٽرن ۾ نالو ڏنو ويو نه تقرير ڪرائي وئي. ورسي ۾ سيد رشيد احمد شاهه ۽ شبير شر. تقرير ڪندي چيو هو ته جمال نقوي اينڊ ڪمپني 24 سالن جي نوجوان شهيد نذير عباسي خون سان غداري ڪري پاڻ کي بچايو ۽ سمجهوتو ڪيو هو جنرلن سان. 13 آگسٽ تي سنڌ هاري ڪاميٽي جي ميٽنگ رکيل هئي قاضي وٽ ميٽنگ کان بعد ۾ فيصلي لاءِ ڪراچي وياسون قاضي سان گڏجي ويس جيڪو فيصلي ۾ ڪوڙو ثابت ٿئي ته اچڻ وڃڻ جو ڪرايو اهو ڀريندو شام جو ڪراچي پهتاسون مان سڌو ڪامريڊ نازش وٽ ويس. چوٿين ڪانگريس جو دستاويز ۽ اقليت وارن جو جائزو مستقبل ٻئي ڪاپيون ڏنيون جيڪو روهڙي ۾ ورڪر اجلاس ۾ بحث ٿيو هو جيڪو مٿي لکيل آهي.

ڪامريڊ چيو ته مان کي خبر آهي منهنجا پڙهيل آهن الاءِ ڇو دوست ايئن

ڪري رهيا آهن. رات جو 12 بجي صوفي عبدالخالق بلوچ، نور بلوچ، چاچا مولا بخش، امداد قاضي يا مان ننڊ پيو هئس پهرين ڪامريڊ نازش سان ميٽنگ ڪري پوءِ اچي ننڊ مان اٿاريو. چاچا مولا بخش چيو ته ڪامريڊ جو آهي ته فيصلو صوفي عبدالخالق بلوچ ڪندو ته مان هٿي دستاويز ڪڍي صوفي جي هٿ ۾ ڏنا جيڪو ذڪر مٿي ٿيل آهي صوفي پڙهي ڪري چيو ته توهان بلڪل سهي آهيو بلڪل صاف ظاهر آهي هنن ۾ ته هاڻي پاڻ ۾ نهي ويو ڪڏهن ڪڏهن ليڊر غلط فيصلا ڪوڙ ڳالهائيندا آهن پر چا ڪجي انضمام جو فيصلو ٿي ويو آهي.

پر غلط فيصلا ٿين ته چپ ڪري وينا هجون پلي نقصان ٿئي ته ٿئي امداد قاضي ڪاوڙجي ڪري چيو ته اڳيان قيادت هجي ها ته توکي ڏڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍيو مان چيو ته ڪنهن جو جاگير ڪونه آهي پارٽي جو ڪنهن جو ڏڪا ڏيئي ڪڍن جيڪو ماڻهو پارٽي سان غداري ڪندو اهو پاڻ خوار خراب ٿيندو. اتي چپ ڪري ويا صبح جو سوير سان هليا ويا ڪامريڊ جي جاءِ ڪان نه ڪرايو نه خرچ فيصلي مطابق ڏيٺو هو قاضي کي جڏهن مان ڪامريڊ کي ٻڌايو ته ٿڌو ساهه ڪٽي ڪامريڊ چيو ته مان قاضي ۽ منصور سعيد مان ڦاسي ويو آهيان هاڻي مان چا ڪري سگهان ٿو نه هلڻ جهڙو نه ڦرڻ جهڙو بس يار زندگي جا آخري ڏينهن پورا ڪري رهيو آهيان مان ڪميونسٽ ٿي مرڻ چاهيان ٿو.

23 مارچ 1995ع تي صوبائي ڪانفرنس حيدرآباد زيل پاڪ ۾ ٿي جنهن ۾ گهڻو بحث مباحثو ٿيو پارٽي جي نالي ۽ جهنڊي تي جن دوستن قاضي جي موقف جي مخالفت ڪئي شعبان عالماڻي، عبدالرزاق سومرو، ڄچا اسماعيل قريشي، اسلم لوڌي، افتخار، نذير رڏ، حنيف زيل پاڪ جي. امداد قاضي ۽ مزدور ڪسان جي غلام نبي ڪلو اپيل ڪئي ۽ ورڪرن کي زور ڏيندا رهيا. 10 بجي ڪميونسٽ پارٽي جي صوبائي ڪاميٽي جي آخري ميٽنگ ٿي ان ڪان اڳ ۾ قاضي اعلان ڪندو رهيو هو ته هر ضلع مان ٻه ٻه دوست صوبائي ڪاميٽي ۾ نالا ڏنا وڃن جنهن ۾ مان انڪار ڪيو اهڙي پارٽي ڪان اٿين چڱا آهيون بعد ۾ منهنجي صلاح ڪان بغير دوستن نالو ڏنو خبر ٻه ڪونه هئي عبدالرشيد سرڪي منهنجو نالو ڏنو هو ٻين دوستن چونڊرايو هو صوبائي سيڪريٽري امداد قاضي ٿيو ۽ صدر چاچا مولا بخش. اڄ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان پنهنجو وجود وڃائي ويٺي.

جلدي اعلان ڪريو پارٽي کي بحال ڪرڻ جو. منهنجا به آخري پساهه آهن اڪين سان ڏسان ۽ صوفي عبدالخالق بلوچ کي منهنجي لاءِ چئو ته هتي اچي ته مان پاڻ سمجهائيندس ان کي. 17 فيبروري 1999ع تي ڪامريڊ نازش سان آخري ملاقات هئي. 6 مارچ 1999ع تي ڪامريڊ امام علي نازش اوجها ٽي بي سينٽر ڪراچي ۾ 10 بجي ايشيا جو ڏاهو هڪ بهادر ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو سيڪريٽري جنرل جسماني طور ته اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو.

9 مارچ تي انچولي امام بارگاهه تي پوري ملڪ ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان دوست صبح کان پهچڻ شروع ٿي ويا هئا جن ته ڪامريڊ نازش سان ڪنهن جو به اختلاف ڪونه هو سڀ دوست آيا هئا. جمال نقوي، امداد چانڊيو، غلام رسول سهتو، مسرور چانڊيو، رمضان ميمڻ، زاهد حنا ۽ ڊاڪٽر بلقيس، خادم ٿهيم، امداد قاضي، منسور سعيد چاچا مولا بخش ڪافي دوستن 2 بجي ڪامريڊ نازش جي جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيا جنازي نماز کان بعد ۾ ڪامريڊ نازش کي سرخ پرچم جهنڊي ۾ ليپيٽي سخي حسن قبرستان نيو ويو هزارين ماڻهو شريڪ هئا. 3:30 بجي جتي ڪامريڊ کي دفنايو ويو بعد ۾ سوڳوار ڪامريڊ پيڻ ۽ پاٽيجن جي جاءِ تي گڏ ٿيا ماني جو بندوبست پيڻ ڪيو هو. خيرات جو به. ان کان بعد ۾ اي آر عارف وٺ ويا دوست صوفي عبدالخالق بلوچ ۽ قاضي جو جهيڙو ٿيو خادم ٿهيم به بعد ۾ منصور سعيد دوست گڏ ٿيا ته هڪ ڪاميٽي جوڙي ويئي ته دوستن سان ملي ڪري ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو اعلان ڪيو ويندو ڪوشش ڪئي ويئي ته وري به دوستن کي هڪڙي هنڌ گڏ ڪيو وڃي پر امداد قاضي منصور سعيد جڏهن ته ڪميونسٽ مزدور ڪسان پارٽي ۾ عهدا نه ملڻ تي دوستن تي الزام هڻڻ شروع ڪيا ته ڪميونسٽ مزدور ڪسان پارٽي جي چيئرمين صوفي عبدالخالق بلوچ تي ته مسلم ليگ جي بلوچستان جي وزيري اعليٰ جان جمالي کان پنهنجا ذاتي طور تي مالي فائدا وٺي رهيو آهي ان جي بنگلي ۽ آفيس ۾ صوفي 24 ڪلاڪ ويٺو هوندو آهي.

بعد ۾ ڪوششون ڪري 5- 6- 7 ڊسمبر 1999ع تي تعلقي ڏهرڪي ۾ مانڊل شر جي ڳوٺ ڪروئي ۾ ڪل پارٽي ورڪرز ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي جنهن ۾ چئني صوبن مان دوست آيا هئا. اتي به ٽي موقف هئا هڪ جي

کهڙي ڳالهه آهي جو رات ڪان وٺي اڄ 2 بجي تائين صرف ان ڪي ڪنيو بيٺا آهيو جيڪو اڳواڻ هو اهو ته پارٽي ميمبر به ڪونه هو ته دوست جي سچائي تي خوش ٿيڻ گهرجي نه ڪي ناراض.

پيو ته ڪل پارٽي ورڪرز ڪانفرنس ۾ طئه ٿيو هو ته 2001 تائين ڪانگريس ڪئي ويندي اهو به ٽائيم سان ڪونه ٿيو پيو ته دوستن ڪي ميٽنگ جي الطعا نه ڏيڻ مرڪزي ڪاميٽي جي ميمبر ڪي صوبائي ڪاميٽي ڪي خوار ڪرڻ لاءِ ان جي نالي تي ليڊر بازي ڪرڻ ڪڍڻ صوبائي ڪاميٽي جي خود ميمبرن ڪي به خبر ناهي ته ليڊر ڪنهن ڪڍيو. 22 مارچ 2000 تي محمد بخش سومري جي عذرخواهي تي ڪراچي ويس خادم ٿهيم ڪي چيو ته توهان واري پارٽي قاضي جي حوالي ڪري ويا آهيو ڪجهه ڪيو نه ته اسان مايوس ٿيا آهيون ۽ گهر ويهي رهيا آهيون. جواب هو ته ڏسون ٽائيم ڪيڏون اڳ ۾ به ڪافي دفعا ويس ساڳيو جواب بعد ۾ مان قاضي ڏي ويس جاءِ جي مسئلي لاءِ ته مان ڪجهه به ڪري نه ٿو سگهان ۽ پيو ته ان ڪان قاضي حساب ڪري پئسا ورتا پنهنجي جاءِ جي بهاني سان اسان ڪي وڙهائي ويو هو انهيءَ جو چوڻ ته قاضي حساب ڪري مون ڪان پئسا ورتا بعد ۾ پنهنجي اثر رسوخ سان پنگوار صاحب هن جي پاءُ سان ملي قبضو ڇڏايو.

(11)

16 مارچ 2001ع تي ترقي پسند پارٽي ۾ اعلان ڪيو ڪجهه دوستن سان جڏهن ته انهن جي هلٽي چلٽي پوتارن واري هئي ورڪرن سان نه ڪي ترقي پسند سوچ جي جڏهن خبر پئي ته يارن جي عملن جي ته پير پوئتي ڪيا ۽ اسان ڪي پاڻ ۾ وڙهائڻ جي به ڪوشش ڪئي پر اهو به ناڪام ٿيو اهو اسان جو جذباتي فيصلو هو ۽ غلط قدم کنيو هو ويچڻ جو ڏک ڦومپرست جو ناهي افسوس پنهنجي ۽ پنهنجن ڪان ٿيندو آهي جو پنهنجي نهيل نڪيل گهر ڪي برباد ڏسي ڏک ٿيندو آهي ڪافي عرسي ڪان پوءِ خادم ٿهيم پهريون پيرو منهنجي گهر آيو اهو به مان فون ڪيو هو تڏهن يارن سان گڏجي آيو هو رات

جو ڳڌجي منظور ٿهير وٽ ماني به اتي هئي ۽ ڪچهري ٿي جنهن ۾ عرض محمد بنگلاڻي به هو اها ڪچهري ڊسمبر 2002ع ۾ ٿي جنهن ۾ ڪامريڊ خادم ٿهير ايندو رهيو ۽ ڳڌجي ڪم ڪرڻ جو واعدو ڪيو بعد ۾ ضلع حيدرآباد جو سيڪريٽري چونڊيو 2003ع ۾.

هر سرگرمين ۾ دوستن سان گڏ رهيس 9 آگسٽ شهيد نذير عباسي جي ورسي. شهيد حسن ناصر جي ورسي 13 نومبر 1960ع ۾ ايوب مارشل جا دور ۾ ڦاهي ڏني ويئي لاهور شاهي قلعي ۾ شهيد ڀڳت سنگهه ۽ ساٿين کي اپريل 1031ع تي لاهور سازش ڪيس ۾ ڦاهي ڏني. 21 مئي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ورسي 25 آڪٽوبر ڪارل مارڪس جي ورسي 6 مارچ تي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي هيرو ڪامريڊ امام علي نازش جي ورسي 23 سيپٽمبر تي ڪامريڊ ڊاڪٽر نجيب جي ورسي مختلف ضلعن ۾ ملهائي ويندي آهي. 21 ڊسمبر تي پٽ ڦيڊر جي شهيدن جي ورسي بلوچستان ۾ ملهائي ويندي آهي.

## ڪميونسٽ پارٽي جو مختصر جائزو

17 آڪٽوبر انقلاب ۽ برصغير تي پنهنجا اثر ڇڏيا تاريخ ۾ هڪ عظيم اضافو ٿيو هندستان جي آزادي کي هڪ نئون موڙ مليو هو. 1921ع ۾ تحريڪن جي مايوسي ۽ آڪٽوبر انقلاب جي زماني طبقاتي تنظيمون قائم ٿيون هيون پيو ته ڪميونسٽ انٽرنيشنل 17 آڪٽوبر 1920ع ٻئي ڪانگريس ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي نالي سان تاشقند ۾ قائم ٿيو هو ان دوران هندستان ۾ ڪميونسٽ گروهه قائم ٿيڻ شروع ٿيو هو. بمبئي ۾ ڊانگي، مدراس ۾ چٽياري، ۽ لاهور ۾ غلام حسين، مظفر احمد، ڪلڪتا ۾ اهي گروپ قائم هئا. آڪٽوبر انقلاب جي ڪان برطانيه سامراج کي خوف ڪان انهن اثراتن کي روڪڻ لاءِ ڪميونسٽ تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ تشدد ڪان پوءِ جيڪي ماڻهو باهر رهندا هئا اهي پنهنجي ملڪ واپس اچڻ شروع ڪيو. 1920ع ۾ سازش ڪيس ۾ پشاور سازش ڪيس ۾ انقلابين پهريون ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي جنرل سيڪريٽري دادا فيروز دين ٿيو هو. ڊسمبر 1925ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جو اعلان ڪيو هو. ڪانپور ۾ پهرين ڪانفرنس

(12)

اڄ بہ ڪميونسٽ پارٽي کان فراري اختيار ڪندڙ دوست اڄ بہ سوشلزم ۽ ڪميونزم جي خلاف سندرو ٻڌي بيٺا آهن. مختلف محاذن ۾ ويهي صرف ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي خلاف مارڪسزم ۽ لينن ازم خلاف ڇڻ نيڪو مليل آهي. پورهيت دشمني، هاري دشمني ۾ لڳا پيا آهن.

اربع 7 جون 2006ع تي ڪاوش اخبار ۾ ڄام ساقي جو انٽرويو آڪاش ۽ امبرين هيسباڻي ورتو آهي. ڪاوش توهان پنهنجي شاندار سياسي ماضي کي نظر ۾ رکي مستقبل ۽ ماضي حال کي ڪيئن ٿا ڏسو؟ ڄام ساقي غوطا کائيندي ٿاٻڙجندي چوي ٿو تہ اڄ آئون پيپلز پارٽي جي سنڌ ڪائونسل جو ميمبر آهيان. ڪاوش ڪميونسٽ پارٽي ۾ پنهنجو شاندار ماضي ڇڏي پ پ ۾ شامل ٿيو آهيان پر پ پ ۾ توهان پنهنجي جاءِ ناهي نہ سگهيا آهيو ڇا توهان ڪڏهن ايئن محسوس نہ ڪيو تہ پ پ ۾ شامل ٿي ڪا غلطي ڪئي آهي. نہ مان اڄ بہ ان قدم کي نيڪ ٿو سمجهان ۽ مون کي بينظير زوري ايڊوائيزر ڪيو. ڪاوش: توهان جي عمر جو وڏو حصو ڪميونسٽ سياست سان رهيو آهي ۽ اڃا بہ توهان ان نظريي تي هلي رهيا آهيو پر اڄ توهان جي ڪمري ۾ چي گويرا، لينن يا ڪنهن بہ ڪميونسٽ انقلابي اڳواڻ جي تصوير لڳل ناهي؟ ڄام ساقي جي زال اهو مجسمو ٻارن ڪٽي خراب ڪري ڇڏيو آهي. آخر ۾ ڄام ساقي کان سوال ڪيو تہ توهان جو ننڍپڻ ڪيئن گذريو؟ ڄام ساقي: عجيب ڳالهہ اها آهي تہ ننڍپڻ ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ جيڪڏهن ڪنهن جو ڍور يا جانور وڃائجي ويندو ه وتہ مون کان اچي پڇندا هئا پوءِ آئون جنهن ڳوٺ جو نالو وٺندو هئس اتان وڃي ڍور ڪاهي ايندا هئا. آچر 11 جون 2006 تي ڄام ساقي جو ڪاوش اخبار ۾ جيل ۽ روپورشيءَ وارن ڏينهن جون يادگيريون پڙهيم 1983ع ۾ لانڍي جيل مان سکر جيل ۾ آندو ويو ڄام لکي ٿو تہ منهنجي لاءِ اڳي ئي جيل وارن کي مارشل لا وارن حاڪمن جو حڪم هو تہ اڪيلائي ۾ رکوس جو ڪنهن کي نہ ڏسي نہ ڪو ٻيو هن کي ڏسي پر ان وقت هزارين سياسي قيدي هئا ان هن جيل ۾ جلوس ڪڍيا ڄام کي اڪيلو نہ پر اسان سان گڏ رکو.

ايم آر ڊي تحريڪ ۾ 1983ع ۾ مان بہ سکر سينٽرل جيل ۾ ۾ هئس سال سزا مليل هئي مان اڳ ۾ بي ڪلاس ۾ هئس جنهن ڏينهن صبح جو ڄام ساقي کي سکر جيل ۾ آندو ويو هو صبح جو سوير سان ڪنهن کي خبر بہ ڪونہ هئي تہ ڄام ساقي کي وٺي آيا مون کي محمد يوسف خان جکراڻي، محمد علي جکراڻي کي موڪليو تہ تنهنجو ليڊر آيو آهي. ان اڇي مون کي ٻڌايو تہ ڄام ساقي کي ڪراچي مان هتي سکر جيل ۾ وٺي آيا آهن. يوسف خان جي ٻئريڪ ۾ آهي اتي سامان رکيائون توکي ٻڌائڻ آيو آهيان. مون کي پڪ نہ پئي تي جڏهن ويس تہ ڄام اتي ٻئريڪ جي گيٽ تي ياڪر پائي مليو ۽ چمي بہ ڏنائين ڄام سان منهنجي پهرين ملاقات هئي نہ ڪو جلوس هو نہ ڳالهہ جيل حڪام سڌو بي ڪلاس ۾ آندو اهو صرف ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي تہ منهنجي لاءِ سياسي قيدين سکر جيل ۾ جلوس ڪڍيو هو جڏهن تہ ڪنهن کي خبر بہ ڪونہ هئي جو اوچتو صبح جو سوير سان سڄ اڀرڻ کان بہ اڳ ۾ آندو ويو بي ڪلاس ۾ ڄام جيڪو هن مضمون ۾ لکيو آهي ان ۾ صرف پ پ جون يادگيريون آهن انهيءَ تي مان اڳ ۾ لکي چڪو آهيان بيو تہ نهيو پر سچ تہ لکي ها مان ڪافي ڳالهيون ۽ تفصيل سان پنهنجي سمجهہ آهر لکيون آهن.

اڄ بہ ڄام ساقي ٽولو گورباچوف جي حمايت ۾ سر آلاپي رهيون آهن جن پوري دنيا کي تباهہ ۽ برباد ڪندڙ گورباچوف ۽ حامي مارڪسزم ۽ لينن ازم جي خلاف ڪم ڪري رهيا آهن. ڄام ساقي اڄ هارين ۽ مزدورن جي پارٽي ۽ نظريي ۽ آزادي خلاف وڏيرن ۽ جاگيردارن جي پارٽي پ پ ۾ انقلاب آڻيندو ڪڏهن ملن ۾ ڪڏهن تبليغ ۾ جڏهن بہ ڪا شئي هڪ هٿ کان ٽڙندي آهي تہ ان کي هڪ هنڌ تي ٽڪڻ نہ ايندو آهي.

ڪافي سياسي دوست ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان کان نڪرڻ بعد وڏيون ڪوششون ڪيائون تنظيمون جوڙڻ فورم جوڙڻ سپ سماجي سوشل ويلفيئر ۾ ڪم ڪرڻ ۽ جتي بہ هوندا اتي صرف پارٽي خلاف ڪم ڪرڻ آهي مختلف نالا ڏيڻ.

ليفٽ ورڪرز ڪانفرنس جي نالي سان 25-26 مارچ 2006ع ڪراچي زير اهتمام انقلابي جمهوري ورڪرز ڪاميٽي دعوت تي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو جنرل سيڪريٽري خادم ٿهيم ۽ رئوف ڪرائي پارٽي جا ڪافي دوست شريڪ ٿيا پهريون سيشن شام جو شروع ٿيو مون کي حيدرآباد ۾ تاج

مري دعوت نامون ڏيڻ آيو هو دوستن سان رابطو ڪري 25 مارچ تي دوست ڪانفرنس واري جاءِ تي پهتاسون جڏهن ڪانفرنس شروع ٿي انهيءَ انقلابي جمهوري ورڪرز ڪميٽي ۾ شبير شر، تاج مري، رمضان ميمڻ، ڊاڪٽر عزاز نذير جو پٽ ناصر، خالق زوران، ليفٽ ورڪرز ڪانفرنس هلايو انهيءَ تاريخ تي ورلڊ سوشل فورم جي ٻي جاءِ تي پروگرام به ٿي رهيو هو ورلڊ سوشل فورم جي وقفي کان پوءِ رمضان ميمڻ ۽ ان جي زال شاهينا، وهاب پنڌراڻي، مختيار باڇا، رحيم بخش جعفري، امداد چانڊيو، مالڪ ڪوسو، ضياءَ پٽي، ميراج محمد خان، عابد حسين منٽو، يوسف مستي، خان عثمان بلوچ اهي سڀ ڪانفرنس واري جاءِ تي پهتا ته انهن سڀني کي سوشل فورم جا ڳوٺرين ۽ ڪاغذ پنا کڇ ۾ لٽڪائيندا آيا جيئن ڀهراڙي ۾ پينو فقير پنڻ لاءِ ڪٽي هلندا آهن جتي به انهن کي اٽي جو ڪ يا ان مليو ته ان ڳوٺري ۾ وجهندا آهن مون کي ڪل به آئي ۽ حيرت به. ڪالهه پارٽي جا ليڊر هٿا اڄ فقيرن واريون ڳوٺريون کنيو هلن پيا. سيئي ڪن کان سواءِ اين جي اوز ۾ ڪم ڪري رهيا آهن عابد حسين منٽو تقرير ڪري سوشلزم جي خلاف هليو ويو ميراج محمد خان به تقرير ڪري هليو ويو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي جنرل سيڪريٽري خادم ٿهيم تقرير ڪئي سڀني ڪامريڊ ٿهيم جي تقرير کي موضوع بنايو. جڏهن رات جو اعلان نامون تي بحث شروع ٿيو ته خادم ٿهيم جڏهن تنقيد اصلاحتي شروع ڪئي ته رمضان ميمڻ ان جي زال شاهينا ڪاوڙ ڪرڻ شروع ڪئي ته ڪامريڊ ٿهيم ڪٽي مائيڪ رمضان ميمڻ حوالي ڪئي ته شبير اٿي رمضان کان مائيڪ وٺي ڪامريڊ ٿهيم کي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ڪامريڊ ٿهيم وٺڻ کان انڪار ڪيو بعد ۾ ڪافي دوست اٿي هليا ويا بعد ۾ خبر پئي ته انقلابي جمهوري ورڪرز ڪاميٽي ۾ اختلاف ٿيا شبير شر جو چوڻ ته رمضان ميمڻ، تاج مري اسان کي استعمال ڪرڻ پيا چاهين اين جي اوز وارن وٽ ته اسان وڏي پارٽي ناهي آهي شو ڪرڻ پئسا ڪمائڻ لاءِ نه کي هارين، مزدورن لاءِ جدوجهد ڪندا صرف انهن جي نالي کي استعمال ڪرڻ لاءِ ان ڪري اسان جو سکر ۾ جاڳرتا فورم آهي ان ۾ به ڪم ڪيون پيا سڀ دوست گڏجي جيڪو ٿيو اڳتي به خاموش ويهي ڪونه رهبو.

ڪاوش جمع 22 سيپٽمبر 2006ع تي لاهور ۾ ڪابي ڌر جي اڳواڻن جي ملڪ ۾ هڪ وسيع جمهوري پارٽي جي ضرورت تي زور ڏيندي جن ۾ حئي

بلوچ، حاصل بزنجو، رحيم بخش جعفري، امتياز الحق، لاهور ۾ نيشنل پارٽي پاران ڪوناٺل ڪانفرنس جي صدارت پارٽي جي سربراهه حئي بلوچ ڪئي، نيشنل پارٽي جي جنرل سيڪريٽري حاصل بزنجي، سنڌ مان اڳواڻ رحيم بخش جعفري ۽ سرحد مان مختيار باچا خطاب ڪانفرنس ۾ منظور رضوي سوبل خان بلوچ، شبير شر نيشنل پارٽي ۾ اعلان ڪيو.

ڪانفرنس کي رحيم بخش جعفري امان الله ايڊووڪيٽ پنجاب مان امتياز الحق سنڌي عوامي تحريڪ جي اڳوڻي اڳواڻ ڊاڪٽر خليل قاضي ۽ بينخطاب ڪيو. جمع 22 جون 2006 تي هلچل اخبار ۾ عنايت مگسي، رمضان ميمڻ، جميل ملڪ، ممتاز منگي اهي سيئي حئي بلوچ، حاصل بزنجو، امان الله ايڊووڪيٽ ڪان سواءِ بيا سڀ ڪميونسٽ پارٽي مان پگل نقصسان رسائيندڙ ليڊر مان آهن ڪجهه انهن جو ذڪر مٿي تيل آهي اهو ان جي ڪري لکي رهيو آهيان جو سچو پنهنجو نهيل نڪيل گهر تباهه ڪرڻ وارن منجهان آهن. جن ڪالهه جن جي خلاف ليٽر ڪٽي هرهنڌ پڙهائيندا رهندا هئا ته هي يار غدار آهن جو پارٽي کي نقصان ڏنو آهي هر ضلع هر تعلقي ۾ اڄ اڪثريت اقليت تي ڪري ڪميونسٽ تحريڪ کي نقصان ڏيئي اڄ سيني جا مفاد هڪ جهڙا ساڳيا آهن سيني کي سامراج سوشلزم ۽ ڪميونزم جي خلاف مختلف ادارن ۾ خريد و فروخت ڪري لالچون ڏيئي سوشلزم ۽ ڪميونزم خلاف چند پنهنجي ذاتي مفادن جي ڪري ڪميونسٽ تحريڪ کي نقصان ڏيندڙن کي تاريخ ۽ شهيدن جو خون ڪڏهن به معاف نه ڪندو. ڪڏهن ته شهيدن ۽ تاريخ جي ڪنهڙي ۾ پڇاڙو ٿيندو.

ڪميونسٽ سڏائڻ سولي ڳالهه آهي ڪميونسٽ تي نڀائڻ وڏي ڳالهه آهي. اڄ چار ماڻهو آهن جدا جدا پارٽي آهي صرف انا آهي سچائي جي ڪوٽ آهي ڪارڪن مايوس آهن چوطرف اوندهه آهي ڪالهه به سفر جاري هو اڄ به سفر جاري آهي.

شهيد حسن ناصر شهيد نذير عباسي کي سرخ سلام
ڪامريڊ امام علي نازش جي جدوجهد کي سرخ سلام
ڪامريڊ سيد رشيد احمد شاهه کي سرخ سلام
سوشلزم زنده باد، پورهيت عوام زنده باد.

☆